ايڏو به ناز نہ ڪر

(ڪهاڻي)

- امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏو ٻہ ناز نہ ڪر

۽

ٻن پُٽن جي وچ ۾

امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏو ٻہ ناز نہ ڪر

۽

ٻن پُٽڙن جي وچ ۾

(ناول)

ليکڪ : امر گوپالاڻي

سرنامو : اي-98، ساڪيت، اِنڊور-452018.

موبائيل : 08989831884.

دفعو : پھريون- سال : مارچ 2015

ڇپائيندڙ : امر گوپالاڻي

ڪاپيون : 500

قيمت : 150 رپيا

ٽائيپ سيٽنگ : سنڌي احوال

۽ ڇپائي ڏيندڙ اي-وارڊ، مين روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد.

ED^O BI NAAZ NA KAR AIN

B^IN PUR^AN JE VICH ME'N

(Novel)

Writer : **Amar Gopalani**

Add. : E-98, Saket, Indore-452018.

Mo. : 08989831884

Edition : **1st**

Year : **March 2015**

Published : **Amar Gopalani**

Copies : 500

Price : 150/ Rs.

Type Setting : **Sindhi Ahiwal**

& Printed by A-Ward Main Road, Kubernagar, Ahmedabad.

Mo. : 09429064299 Ph. : 079-22836774

(This Book is Published with the Partial Financial Assistance from Sindhi Sahitya Academy, Bhopal (M.P.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ اڳتي پڙهو.....

دوستو،

لڳ ڀڳ ساڍا چار سال اڳ مون هڪ سنڌي فلم ”ايڏو ٻہ ناز نہ ڪر“ ٽائيٽل سان اِسڪرپٽ لکي هئي. مون امبر اِسٽوڊيو جي شري ترلوڪ ڳُلاڻيءَ سان اِن اِسڪرپٽ تي ٽيلي فلم ناهڻ لاءِ صلاح ڪئي. امبر اِسٽوڊيو شادي پارٽين ۾ ويڊيو شوٽنگ ڪندو رهندو آهي. اِنڊور ۾ خاص سڃاڻپ ٺاهي اَٿائين.

ترلوڪ ڳُلاڻيءَ فلم ناهڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري. ڪجھ دوستن سان ذڪر ڪيو. هو فلم ۾ شوقيا ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ڪجھ دوستن پنهنجي بنگلي ۽ دڪانن تي پڻ شوٽنگ ڪرڻ جي منشا ظاهر ڪئي. شاديون، پارٽيون بہ ٿينديون رهن ٿيون. اُنهن ۾ شوٽنگ ڪري سگهياسين ٿي. گهٽ لاڳت ۾ ڇهن مهنن اندر فلم ٺهي وڃي ها.

هڪ دوست صلاح ڏني تہ ٽڪڙ نہ ڪر ايترو سولو ڪم نہ آهي. اِن ۾ ايڪسپرٽ فلم ميڪر ۽ فوٽوگرافر جي ضرورت پوندي. چيائين تہ اسين گڏجي فلم ناهينداسين. سندس ڪنهن چاڙو ماڻهوءَ سان سڃاڻپ هئي. اُن جي مدد سان فلم ناهڻ لاءِ چيائين.

وقت برساتي پاڻيءَ وانگر وهي ويو. فلم نہ ٺهي. هاڻ اُها اِسڪرپٽ ڪتاب ۾ ڇپي آهي. شايد ڪنهن فلم ميڪر جي اُن تي نظر پوي ۽ فلم ناهڻ جو اِرادو ڪري اگر فلم ٺهي ٿي تہ مونکي خوشي ٿيندي.

ڪتاب لاءِ اِها ڪهاڻي ڪافي نہ هئي. اِن ڪري اُن ۾ هڪ وڏي ڪهاڻي (ننڍو ناول) شامل ڪيو اٿم. ٻنهين ڪهاڻين کي ملائي ڪتاب آڪار ورتو آهي. اُميد آهي تہ ٻئي ڪهاڻيون توهان کي پسند اينديون.

- امر گوپالاڻي

اِي-98، ساڪيت، اِنڊور-452018.
سيل نمبر : **08989831884**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَرپڻ

هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ آهي. پهريون حصو پوري صدق سان اَرپڻ ٿو ڪريان سنڌي ادب جي مشهور معروف ۽ مهان ليکڪا **سداحيات سندري اُتمچنداڻيءَ** کي.



ٻيون حصو ناول آهي، ناوليٽ ڇئي سگهو ٿا، ’ٻن پُڙن جي وچ ۾‘ اَرپڻ ٿو ڪريان، سنڌي ادب جي ترمورتي گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي. جي. اُتم جي ٽين مورتي مهان ليکڪ، اصولن تي اڏول، مهان شِڪشڪ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي سماج ڪي سمرپت، مهان شخصيت **سداحيات اُتم** کي.

- امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپيل ڪتاب

.1	آنسون عمر ڀر ڪي (هندي ڪهاڻي سنگرهہ)	2008
.2	آنسون عمر ڀر جا (سنڌي ڪهاڻي سنگرهہ)	2012
.3	گردش (سنڌي ڪهاڻي سنگرهہ)	2012
.4	ڪلومل بلومل (طنزي ۽ مذاقي ليکہ)	2013
.5	نياڻيون ناهن نماڻيون (ناٽڪ سنگرهہ)	2013
.6	ڪمارس (ناول-ڀاڱو پهريون)	2014
.7	ڪمارس (ناول-ڀاڱو ٻيون)	2014
.9	۽ هاڻي	
	ايڏو بہ ناز نہ ڪر ۽ ٻن ٻُڙن جي وچہ	2015

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏو بہ ناز نہ ڪر

(اِسڪرپٽ)

ڪردار :

مونا	هيروئن
ٽيڪچند	مونا جو پتا
سرلا	مونا جي ماتا
رامون ڪاڪا	ٽيڪچند جو رسويو
چمپا	مئڊ سرونٽ
ڊيوڊ	ڊرائيور
مهيش	هيرو
ماڌوداس	مهيش جو پتا
ميرا	مهيش جي ماتا
ڪيول	مونا جو مڱيتر
راڌاڪشن	ڪيول جو پتا
رُڪمڻي	ڪيول جي ماتا
وجيہ	مونا جي رشتي جو اُميدوار
تاريمل	وجيہ جو پتا
نانڪي	وجيہ جي ماتا
مُراريلال	مائٽين وارو
بلومل	بزرگ راهگير
انيل	گهوٽ
انيتا	ڪنوار
پرڪاش	گهوٽ پيءُ
ڪلا	گهوٽ ماءُ
پوڄا	گهوٽ ڀيڻ
پرهلاد	پوڄا جو گهوٽ

ڪنوار ماءُ، ڪنوار پيءُ، مهاراج ۽ ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳو پهريون : ناٽڪ

ايڏو ٻہ ناز نہ ڪر

سين 1: ڪوٺاري مارڪيٽ ڪار پارڪنگ ۾ مونا ڪار پارڪ ڪري مارڪيٽ ۾ اندر تي وڃي.

سين 2: شيتل گارمينٽ سلوار سوٽ ۽ ٻئي ڪپڙي جو شو روم، ڪئش ڪائونٽر تي ڪيول وينو آهي. ٻہ-ٽي سيلسمئن ڪسٽمر اٽينڊ ڪري رهيا آهن. مونا شو روم ۾ داخل ٿئي ٿي. اُن کي ڏسي،

ڪيول : تون هن وقت اچانڪ؟

مونا : موسم خوشنما آهي. اُت هل چورل نديءَ تي پڪنڪ ملهائڻ ٿا هلون.

ڪيول : مونا، تون ڏسي رهي آهين آءٌ اڪيلو آهيان ڪسٽمر اچي رهيا آهن، اُنهن کي ڇڏي آءٌ ڪيئن هلي سگهندس؟

مونا : ڪوئي بهانو نہ، هلڻو آ معنيٰ هلڻو آ. ڪسٽمرن ڏانهن مخاطب ٿي - پليز توهان اَڄ وڃو، سڀاڻي اَچجو. اَسين دڪان بند ڪري وڃي رهيا آهيون.

ڪيول : پليز، پليز آءٌ ڪيڏانهن نٿو وڃان، توهان پنهنجو سليڪشن جاري رکو.

مونا : (غصي ۾) ڪيول، تون اجنبي گراهڪن جي سامهون منهنجي بيعزتي ڪري رهيو آهين.

ڪيول : مونا، هي دڪان منهنجي لاءِ مندر آهي. گراهڪ منهنجا اَنداتا. تون منهنجي پوڄا ۾ وگهن وجهي رهي آهين، تون هاڻي وڃي سگهين ٿي.

مونا : (وقلندي) ڇا چيئہ، هڪ دفعو وري چئہ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيول : (تلخيءَ مان) يوَ مَي گو نائو.

مونا : تون ڇا ٿو سمجهين آءٌ تنهنجي غرض ڪيڊنديس؟ آءٌ هميشهہ لاءِ تو جهڙي بيقدر ۽ نيرس ماڻهوءَ کي ڇڏي ٿي وڃان.

ڪيول : ماءِ گُڊ لڪ.

(مونا ٻاهر نڪري دروازي کي ٺوڪر ماري هلي ٿي وڃي. دڪان ۾ موجود سڀ حيرانيءَ مان ڪيس ڏسندا ٿا رهن.)

سين 3 : مونا ٻاهر اچي پارڪنگہ مان ڪار ڪڍي پلاسيا طرف ڪار ڊرائيو ٿي ڪري. پلاسيا کان مهوُطرف پنورڪئا چوراهي کان کٻڌوا روڊ تي ڪار موڙي ٿي. اڳيان ٻہ ڇوڪرا بائيڪ تي مستيءَ ۾ وڃي رهيا آهن. مونا هارن وڄائي سائيڊ تي گهري. ڇوڪرا ڪيس ڏسي آڏي ٽيڏي بائيڪ هلائي سائيڊ ڏيڻ بجاءِ مونا کي پريشان ٿا ڪن. اڳيرئي غصي ۾ پريل مونا آپي کان ٻاهر ٿي ڪار جي اِسپيڊ وڌائي ڪار بائيڪ سان ٽڪرائڻ ٿي چاهي. ريئر مرر ۾ ڪار جو رخ ۽ اِسپيڊ ڏسي بائيڪ هلائڻ وارو دهلجي ٿو وڃي. هوُهڪدم سائيڊ ۾ ٿي ٿو وڃي. مونا ڪار بائيڪ جي اڳيان بيهاري هيٺ لهي بائيڪ سوار جي سامهون اچي تلخ لهجي ۾ ٿي چوي.

مونا : گڏهہ جا پُٽ، سڙڪ پيءُ جي سمجهي رکي اَٿي؟

ڇوڪرو : مئڊم، سڙڪ تہ تنهنجي پيءُ جي آهي. تنهنجي پيءُ منهنجي پيءُ وٽ گروي رکي آهي، فلحال منهنجي پيءُ جي آهي. تون چاهين تہ سڙڪ اسان ٻنهين جي ٿي سگهي ٿي.

(مونا فورن ڪار ۾ ويهي ڪار اڳتي وڌائي ٿي.)

ڇوڪرو : ٺهڪ ڏيئي، پڇي ويئي سالي.

(مونا اڳتي وڃي ڪار رِورس گيئر ۾ وجهي تيزيءَ سان ڇوڪرن طرف ٿي اچي. سندس سر تي خون سوار آهي. ڇوڪرا پڇي جان ٿا بچائن. مونا ڪار زور سان بائيڪ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٽڪرائي. بائيڪ چڪناچُور ٿي ٿي وڃي. ڪار به پنيان ڊيميج ٿئي ٿي. ڇوڪرن جا هوش اُڏامي ٿا وڃن.)

مونا : گدڙ جي اوّلاد، پتجي ڇو ويوءَ؟ مون ته توهان کي ڪُچلڻ جو اِرادو ٿي رکيو. هاڻي ڪار کي ٿيل نقصان توهان جو پيءُ پريندو؟

ڇوڪرو : هڪ ته اسانجي بائيڪ جي ستياناس ڪيئي، اُلٽو نقصان جي ڳالهه ٿي ڪرين؟

مونا : ڪار پنيان ڊئميج ٿي آهي، بائيڪ اَڳيان. ڪوئي انڌو به ڏسي ڇوندو ته توهان جي لاپرواهيءَ سان ٽڪر ٿيو آهي.

ڇوڪرو : هيترا جو ماڻهو بيٺا آهن، جن هيءُ منظور ڏٺو آهي؟

مونا : ڪنهن کي منهنجي ڪار جي هيٺان مرڻو آهي جو گواهي ڏيندو.

(مونا جي ڳالهه ٻڌي، تماشبين هڪ هڪ ٿي ڪسڪي ويا. ڇوڪرن جو چهرو زرد ٿي ويو. مونا موبائيل تي لوڪيشن ٻڌائي ڊيوڊ کي ٻي ڪار کڻي اَچڻ لاءِ ٿي چوي. تنهن ڪانپوءِ مونا ڇوڪرن کان پنور ڪوٺا ڏاڻي جو فون نمبر معلوم اَٿوَ؟)

ڇوڪرا : گهبرائجي، خبر ناهي.

مونا : ڪائي ڳالهه ناهي، ڊيوڊ کي ٿي چوان رپورٽ لکائي، پوليس کي ساڻ وني اَچي.

ڇوڪرا : مئڊم پليز، معاف ڪريو.

مونا : ڇوڪرين کي توهان ڇا ٿا سمجهو، ڇوڪريون بزدل ۽ ڪمزور آهن؟

ڇوڪرا : ساري مئڊم، اڳتي اهڙي خطا نه ٿيندي.

(مونا اِنتظار ڪري رهي آهي. ڪجهه دير بعد ڊيوڊ ڪار کڻي اَچي ٿو.)

مونا : ڪار گُهماءِ کڻي اچ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڊيوڊ آديش جو پالن ڪري ٿو.)

مونا : (ڪار ۾ ويهندي) درياڻي کي فون ڪري چويس، ٿون مونکي ڪار ۾ چورل وني ٿي وڃين. اچانڪ سامهون ڳاڻ اچي ويئي تو زور سان بريڪ لڳائي، پنيان ايندڙ هي به بائيڪ سوار سنڀالي نه سگهيا ۽ ڪار سان ٽڪرائجي ويا. ڪار ۽ بائيڪ ڊئميج ٿي ويون. اِنشوئرنس ڪمپنيءَ ۾ ڪليم داخل ڪري ۽ هنن جي ايجنٽ جو نمبر وني اُن کي به اِطلاع ڪر. اُن ڪانپوءِ ڪار ڪمپنيءَ جي گئريج ۾ ڏيئي تون ٽئڪسيءَ ۾ اچ. ايترو چئي مونا گهر جو رخ ڪيو.)

سين 4 : مونا لاپرواهيءَ سان ڪار ڊرائيور ڪري گهر تي اچي.

سين 5 : ٽيڪچند گهر جي باغيچي ۾ سرلا سان گڏ ويهي چانهه پي رهيو آهي. مونا هڪ ڪرسيءَ تي اچي ويهندي چمپا کي سڏي ٿي.

مونا : چمپا..... چمپا.....

چمپا : (ڊوڙندي اچي ٿي) ييس مئڊم.

مونا : پاڻي پيئار.

(چمپا ٽيبل تي رکيل جار مان هڪ گلاس ڀري مونا طرف وڌائي ٿي. مونا پاڻي پي خالي گلاس چمپا کي ڏئي ٿي. چمپا گلاس ۽ خالي ڪپ ٽري ۾ رکي واپس ٿي وڃي.)

مونا : چمپا.....

چمپا : ييس مئڊم.

مونا : آرينج جوُس ڻاهي ڪٺي اچُ.

چمپا : ييس مئڊم. (چمپا واپس وڃي ٿي.)

مونا : ڊئڊ، ڪيول بلڪل نه هلندو.

سرلا : ڇا ٿيو؟

مونا : ممي، آءِ ايم ٽاڪنگ وٽ ڊئڊ، پليز ڊونٽ ڊسٽرب.

سرلا : پڙهين ٿي ته دماغ خراب ڪيو اٿئي، ايڏو نه اڪام جو ڪرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سنڀلي نہ سگهين.

مونا : (ماءُ کي نظرانداز ڪندي) ڊئڊي؟

ٽيڪچند: چئہ پُٽ، آءٌ ٻڌي رهيو آهيان.

مونا : ڪيول منهنجي قابل نہ آهي. آءٌ اُن سان زندگي گذاري نہ سگهنديس. ڪيول بہ چاهي ٿو رشتو ٽُٽي.

سرلا : گُڏي گُڏيءَ جو کيل آهي! رشتو ٽُٽي. رشتو ٽيڻ جو مطلب سمجهين ٿي؟

مونا : ماءِ فوٽ، آءِ ڊونٽ ڪيئر. يو مام. پليز ڪيپ ڪوائيٽ.

ٽيڪچند: سرلا، شاديءَ کانپوءِ نہ نيي ۽ رشتو ٽُٽي تہ بدناميءَ سان گڏ داغ لڳي ويندو، بهتر آهي تہ رشتو هاڻي ٽُٽي مونا جي مرضي ناهي تہ نہ سهين.

سرلا : گهڻا رشتا ٽوڙينداءِ؟ هن ڇوڪريءَ جي تہ ڪنهن سان بہ نڀڻ مشڪل آهي.

ٽيڪچند: ڪجھ بہ هجي آءٌ اُهو ئي ڪندس جيڪو مونا چاهي ٿي. (چمپا ٽري ۾ رکي جوس جو گلاس کڻي ٿي اچي. مونا ٽري مان گلاس کڻي ٿي. سرلا ڪجھ چوڻ چاهي ٿي مونا جوس جو گلاس زور سان زمين تي ڦٽي ڪري اندر روم ۾ هلي ٿي وڃي. ٻئي حيرانيءَ مان ڏسندا ٿا رهن. چمپا اندر وڃي ڊسٽبين ۽ ٻهاري کڻي ٿي اچي، ڀڳل ڪانچ جا ٽڪر ٻهاري ڊسٽبين ۾ وجهي کڻي ٿي وڃي.)

سين 6 : ٽيڪچند موبائيل کڻي نمبر ڊائل ٿو ڪري. ٻئي طرف موبائيل جو رنگہ ٽون اچڻ تي مراري موبائيل آن ڪري ڪن سان لڳائي چوي ٿو.)

مُراري : هيلو، ديوان صاحب، ڪيئن ياد ڪيو اٿو، ڇا حڪم آ؟

ٽيڪچند: مونا جي ڪيول سان ڪجھ کٽ پٽ ٿي آهي، ٻئي رشتو ٽوڙڻ ٿا چاهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُراري : ديوان صاحب ڪائي ڳالھہ ناهي، مونا لاءِ رشنن جي ڪمي ناهي، آءٌ سڀ سنڀالي وٺندس.

سين 7 : مراري موبائيل تي نمبر ڊائل ڪري رنگٽون اچڻ تي.

مُراري : هيلو سيٺ صاحب آءٌ مُراري ٿو ڳالهايان.

راڌاڪشن: ڇهہ ڇا لاءِ فون ڪيو اٿئي؟

مُراري : ديوان ٽيڪچند جي فون آئي هئي، هوُ رشتو ٽوڙڻ ٿا چاهن.

راڌاڪشن: (غصي مان) دماغ خراب ٿيو اٿس ڇا؟ خوامخواهہ رشتو ٽوڙڻ ٿا چاهن.

مُراري : سائين مونکي وڌيڪ ڪجھہ خبر ناهي ليڪن ٻڌايائون تہ ڪيول جي بہ اِها ئي مرضي آهي.

راڌاڪشن: (حيرانيءَ مان) ڪيول جي بہ اِها ئي مرضي آهي؟ اچي تہ پڇندوسانس.

مُراري : بهتر آهي. (موبائيل آف ٿو ڪري)

سين 8 : ڊائننگ ٽيبل تي راڌاڪشن، رُڪمڻي ۽ ڪيول ويٺا آهن. رسوئي جا ڊونگا ۽ برتن ٽيبل تي رکيل آهن. اڃا رسوئي شروع نہ ڪئي اٿائون.

راڌاڪشن: مونا سان جهڳڙو ٿيو هيئہ ڇا؟

ڪيول : (چِرڪ ڀري) جهڳڙي جهڙي تہ ڪائي ڳالھہ نہ هئي.

راڌاڪشن: ڇا ٿيو هو، صاف ٻڌاءِ.

ڪيول : ڊئڊي مونا دڪان تي آئي هئي، گراهڪي هلي رهي هئي چوڻ لڳي، دڪان بند ڪري هل تہ ڇورل نديءَ تي پڪنڪ ملهائڻ هلون. مون منع ڪئيمانس. ضد ڪرڻ لڳي، ان ڳالھہ تي تلخي ٿي ويئي. هوءَ رشتو ٽوڙڻ جي ڌمڪي ڏيڻ لڳي. مان چيومانس اِها منهنجي خوشنصيبي ٿيندي! ڊئڊي، اهڙيءَ بددماغ ڇوڪريءَ سان نباهڻ ڏکي ڳالھہ آهي. دٻجي رهڻ منهنجي وس جي ڳالھہ نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڌاڪشن: نيڪ ٿو چوين پُٽ.

رڪمڻي : بدنامي تہ ٿيندي.

راڌاڪشن: بدنامي اسان جي ڇا جي ٿيندي رشتو هُنن ٽوڙيو آهي ۽ اَهڙيءَ نڪ چڙهي ڇوڪريءَ سان ڪير اڙجڻ چاهيندو. هفتيَ جي اندر ڪيول مٺائي ڏيندوسانءِ.

ڪيول : ڊئڊي جلدبازيءَ ۾ ڪوئي ڪم نہ ڪجو، هڪ دفعو خطا کاڌي آهي، ٻيهر کائڻ نٿو چاهيان.

راڌاڪشن: پُٽ جيئن تون چوندين تيئن ڪندس.

ڪيول : هاڻي اِهو ٽاپڪ بند ڪيو، اچو تہ روٽي کائون.

سين 9 : ٽيڪچند باغيچي ۾ ڪرسيءَ تي ويهي اخبار پڙهي رهيو آهي. سرلا پرسان ويهي چانهہ پي رهي آهي اُن وقت راڌاڪشن جو ڊرائيور گاگن باغيچي ۾ اچي سلام ڪري بيهي ٿو.

ٽيڪچند: اچ گاگنداس، ويهہ چانهہ پيءُ.

گاگن : مهرباني، چانهہ پي آيو آهيان.

ٽيڪچند: صبوح صبوح جو ڪيئن اچڻ ٿيو اٿئي؟

گاگن : ديوان صاحب، هيءَ ڪار جي چابي، باقي سامان ڪار جي اندر رکيو آهي ۽ هيءَ بلئنڪ چيڪ سيٺ صاحب موڪليو اٿو، جيڪو توهان خرچ ڪيو هجي، پارٽيءَ سميت اُها رقم ڀري چيڪ ڪئش ڪرائي ڇڏيندا. هاڻي اِجازت ڏيو تہ هلان.

ٽيڪچند: ترس، ويهي رهہ. جيستائين آءٌ نہ چوان نہ وڃجانءِ، آءٌ تنهنجي سيٺ سان ڳالهايان ٿو. (ٽيڪچند راڌاڪشن جو نمبر ٽريس ڪري بٽڻ دٻائي ٿو، رنگ ٽون وڃي ٿو، ڪجهہ دير بعد ٻئي طرف کان آواز اچي ٿو.)

راڌاڪشن: ديوان صاحب، گاگن پهتو؟

ٽيڪچند: گاگن پهتو، تڏهن تہ فون لڳائي آهي. صبوح صبوح سان هي سڀ واپس موڪلڻ جو ڇا مطلب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڌاڪشن: جڏهن رشتو ٿي نہ رهيو تہ آءٌ توهان جو بوجهہ سر تي ڇو رکان؟

ٽيڪچند: خرچ توهان بہ ڪيو اسان بہ ڪيو ڳالهہ برابر ٿي ويئي نہ؟ ٻارن کي ڏنل اُنهن ڪان واپس وني موڪليون، سنو ٿو لڳي؟

راڌاڪشن: توهان جي توهان ڄاڻو، اسان کي توهان جو ڪجهہ بہ رکڻو ناهي.

ٽيڪچند: ٺيڪ آهي، آءٌ بہ توهان جو ڏنل سامان واپس موڪلي رهيو آهيان. (فون تي ڳالهائڻ جي وچ ۾ ٿي سرلا کي) وڃ وڃي مونا کي ڏنل سامان واپس ڪڍي آءُ.

(سرلا اندر وڃي ڇمپا ڪان سامان ڪڍائي ٿي اَچي. سامان ۾ مونا کي ڏنل مُنڊي، ٻيا زيور پڻ آهن. ديوان چيڪ بوڪ گهرائي بلئنڪ چيڪ صحي ڪري سامان سان گڏ ڳاڳن کي ڏيندي چوي ٿو، مٺائي فروٽ وغيره جيڪو ڪائڻ ۾ اچي ويو، هيءُ اُن جي عيوض ۾ آهي. ڳاڳن سامان ڪڻي سلام ڪري روانو ٿي ٿو وڃي.)

سين 10 : ڪجهہ دير جي شانتيءَ ڪانپوءِ موبائيل جو رنگہ ٽون ٿو وڃي. ٽيڪچند فون ڪڻي بٽڻ دٻائي موبائيل ڪن سان لڳائي هيلو ڪري ٿو.

مُراري : سائين آءٌ مُراري.

ٽيڪچند: ڪيئن فون ڪيو اَٿئي؟

مُراري : سائين هڪ توهان جي من موافق ڪم آهي. پارٽي ڳرُدار آهي ماڻهو سڌا سچا آهن، ڇوڪرو بلڪل ڳئون-ڳانءِ آهي، توهان جي ڪنيا جي اِشارن تي هلندو.

ٽيڪچند: تفصيل ڪڻي اچ تہ ويچار ڪيون.

سين 11 : مُراري ٽيڪچند سان سندس بئنڪ ۾ ملي ٿو. ڇوڪري جو بايوڊيٽا، ڇني ۽ فوٽو ٽيڪچند کي ڏيئي ٿو. ٽيڪچند بايوڊيٽا ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ٿو:

ٽيڪچند: ماڻهو چاتل سڄاتل ٿا لڳن. ڏينهن ٻن ۾ جاچ ڪري فون ڪندومانءِ، پوءِ وٺي اچجان.

مُراري : بهتر آهي هلان ٿو. (مُراري روانو ٿي وڃي ٿو)

سين12 : ٽيڪچند جي اوطاق-صوفا تي هڪ طرف ٽيڪچند، سرلا ۽ مونا ويٺا آهن. ٻئي طرف ناريمل، نانڪي ۽ وجيہ ويٺا آهن. وچ ۾ موڙهي تي مُراري ويٺو آهي. سينٽرل ٽيبل تي پليٽون رکيون آهن. چمپا ۽ رامون سروس ۾ حاضر بيٺا آهن. مُراريءَ جو هٿ ۽ وات هلي رهيا آهن. ناريمل ڪاجو وات ۾ وجهندي مونا کان پڇي ٿو:

ناريمل : ٻار، نالو ڇا اٿئي؟

مونا : بايوڊيٽا نہ پڙهيو اٿو ڇا؟

ناريمل : سو تہ پڙهيو آهي تہ بہ پڇبو آهي نہ.

مونا : بيڪار جا سوال نہ، ڪم جي ڳالهہ ڪريو.

ناريمل : ٺيڪ آهي، ڪم جي ڳالهہ تي اچون، ڪار اسان وٽ بہ آهي ليڪن اسان جي گهر جون زائفون نہ هلائيندڙيون آهن.

مونا : مطلب اِها پابندي مون سان بہ لاڳو رهندي؟

ناريمل : ظاهر آهي تہ رهندي.

مونا : (غصي مان) هتي ڇا ٿا ويٺا ڪيو؟ وڃي ڪائي جبرن ڪالونيءَ جي ڇوڪري ڳولهيو.

(ناريمل ۽ نانڪيءَ جو چهرو لهي ٿو وڃي. مُراري گهبرائجي ٿو وڃي.)

مونا : (اُٿي بيهي ۽ پير پٽڪي)، ڊئڊي، توهان بہ ڪهڙن-ڪهڙن ماڻهن کي ٿا گهرايو. (مُرليءَ کي گهوري) وري جي هتي آيو آهين تہ خير نہ سمجهجانءِ.

(مُراري اُٿي ٿو بيهي. اُٿندي-اُٿندي بہ پليٽ مان هڪ سنبوسو کڻي ٿو وڃي. ناريمل، نانڪي ۽ وجيہ بہ اُٿي ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري ٿا وڃن.)

سرلا : (آهه ڀري) هن ڇوڪريءَ جو نه معلوم ڇا ٿيندو!

سين 13 : ٻاهر اڄ.

ناريمل : واهه ڀائي مُراريلال، ڇڱي بيعزتي ڪرائڻ لاءِ وٺي آئين.

مراري : پنهنجي هلت ڏسو، هليا آهيو ديوان ٽيڪچند سان رشتو جوڙڻ، ڳالهيون ٿا ڪريو لوسي لپاٽين جهڙي.

نانڪي : توهان کي ڪهڙي ضرورت هئي ڪار هلائڻ جي ڳالهه ڪڍڻ جي؟ ههڙي مالدار گهر جو رشتو وڃائي ڇڏيوَ.

(مُراري اِسڪوٽيءَ تي، ناريمل، نانڪي ۽ وجيه ڪار ۾ روانا ٿا ٿين.)

سين 14 : ٽڪيچند موبائيل تي،

ٽيڪچند: ڀائي مُراريلال، تون ته هيڏانهن جو رستو ئي ڀلجي ويو آهين.

مُراري : ڇا ڪريان سائين، توهان جي ڇوڪريءَ ڪان ڊپ ٿو لڳي.

ٽيڪچند: اَهڙي ڪائي ڳالهه ناهي، ڪوئي ڍنگه جو ڪم هجي ته ٻڌاءِ اچي.

مُراري : ٺيڪ آ سائين، آءٌ ڪوشش ڪريان ٿو.

سين 15 : سيٺا گنج، ماڌوداس جو دوڪان مهيش به وينو آهي. ڪم ڪار هلي رهيو آهي. مُراري اچي ٿو.

مُراري : سائين رام رام.

ماڌوداس: رام رام، توهان...

مُراري : سائين آءٌ مُراري، مُرايلال ماڻين وارو. توهان جي ڪڪي لاءِ رشتو ڪٺي آيو آهيان.

ماڌوداس: اچو، ويهو. (ڪائونٽر جي خاني مان بسڪوٽ جو پئڪيٽ ڪڍي وڌائي ٿو. پوءِ چانهه جو آرڊر ڏيڻ ٿو وڃي.)

مُراري : (ٻاٽي پي) توهان ديوان ٽيڪچند جو نالو ته ٻڌو هوندو. فائيننس جو ڪم اٿس. سڪيلڊي ڊيءُ اٿس. سندر سشيل....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڏوداس: جنهن جو مٽو تيل هو ۽ رشنو توڙي چڏيائين. اِن نڪ چڙهي چوڪريءَ جي ڳالهه تو ڪرين.

مُراري : سائين، ڪروڙپتي پيءُ جي سڪيلڊي ڌيءُ آهي، البيلي پليل آهي، توري ضدي آهي باقي ٻيءَ طرح بلڪل سشيل ۽ سمجهدار آهي.

(ماڏوداس ڪجهه چوڻ لاءِ منهن کولي ٿو ان کان اڳ مهيش رمز ۽ رُڪٽيسٽ پري لحظي ۾ چوي ٿو)

مهيش : ڊئڊي پليز، ڪڏهن ٻڌل ۽ ڏٺل ڳالهه به صحيح نه هوندي آهي. سچائي ڪجهه ٻي هوندي آهي هڪ دفعو روبرو ملڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟

ماڏوداس: تنهنجو من آهي ته تون پلي وڃ. آءٌ توکي روڪيندس نه.

مهيش : مُراريلال، هر ڪنهن جو وقت قيمتي آهي. فارملٽيءَ جي ضرورت ناهي. ديوان صاحب کي فون لڳاءِ، سڀاڻي شام جو پنجين بجي آءٌ سندن گهر پهچندس روبرو هڪ ٻئي کي ڏسڻ به ٿيندو ۽ گهر بل چاڻ به ڏبي ونبي.

(مُراري ٽيڪچند کي فون لڳائي سڀ ٻڌائي ٿو. ديوان رضامندي ڏيکاري ٿو.

سين 16 : ٽيڪچند جي گهر جو باغيچو. ٽيڪچند، سرلا، مهيش ۽ مُراري ڪرسين تي ويٺا آهن. مونا خبر ڪانهيءَ به ندارد آهي. چمپا ڪاڏي پيتي جون شيون سَروَ ڪري ٿي وڃي. مونا جي غيرموجودگيءَ سبب ٽيڪچند ۽ سرلا پريشان ۽ پشيمان آهن. مُراري هر هر واچ ۾ ٽائيم ٿو ڏسي. مهيش بيفڪر ويٺو آهي.

سرلا : ڪجهه ڪنيو نه اٿوَ! ڪجهه ڪٿو ته...

مهيش : تڪڙ نه آهي مونا اچي پوءِ ڪائيندا سين پيئندا سين به.

سين 17 : مونا جي آمد، لاپرواهيءَ سان اڳتي وڌي ٿي وڃي. مهيش تي نظر پوندي ئي رڪجي ٿي وڃي. نظر مهيش جي چهري تي ٽڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وڃيس. پوئتي موٽ تي ڪائي. ويجهو اچي.....

مونا : ساري فار ليٽ.

مهيش : آءِ ڊونٽ مائينڊ. توهان ٿڪل آهيو، ٿورو رليڪس ٿي اچو.

مونا : آءٌ چينج ڪري اِچهو آيس. (مونا اندر هلي ٿي وڃي. سرلا ۽ ٽيڪچند مهيش کي حيرت سان ٿا ڏسن.)

سين 18 : ڪجهه دير بعد مونا واپس ٿي اچي چهري تي نکار اٿس، هٿ ۾ موبائيل اٿس. موبائيل مهيش تي فوڪس ڪري فوٽو ڪڍي ٿي وٺي. قريب اچي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهي.

سرلا : هاڻي ته ڪجهه کٽو.

مهيش : بيوقت کائڻ جي عادت نه آهي. مونا جي آيا آهن ڪجهه ڳالهائڻ ٿي وڃي.

سرلا : بهتر آهي.

مهيش : مس مونا، اسين ٻئي هڪ ٻئي لاءِ بلڪل اجنبي آهيون اسان جي هيءَ پهرين ملاقات آهي. هڪ ٻئي کي ڄاڻڻ سمجهڻ بهتر ٿيندو، آءٌ پهرياڻين توهان کي موقعو ٿو ڏيان، جيڪي پڇڻ، ڄاڻڻ چاهيو پڇو.

مونا : مهيش جي اکين ۾ نهاري، مونکي ڪجهه به پڇڻ، ڄاڻڻ جي ضرورت ناهي.

مهيش : مطلب، بنا ڄاڻڻ جي توهان مونکي رجيڪٽ ڪري رهيا آهيو؟

مونا : هرگز نه، آءِ لائيڪ يوُ.

مهيش : مون جينٽري قدر ٻڌو سمجهو آهي. توهانجي پرورش بيحد لاڏ ڪوڏ مان ٿي آهي. اِنڪري سياو ضدي ٿيڻ لازمي آهي ۽ ضد پورو نه ٿيڻ تي ناراض ٿيڻ به سوڀاويڪ آهي. ٺيڪ ٿو چوان نه؟

مونا : بلڪل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيش : توهانجي زندگي خوشحال هجي ڪڏهن ڪوئي ڏک نہ پهچيو، ڪڏهن غصو ڪرڻ جو موقعو نہ مليو. اِن لاءِ ضروري آهي توهان جو جيون ساٿي نماڻو، سهن شيل ۽ نرادر ڪي هضم ڪرڻ وارو هئڻ ضروري آهي.

مونا : ڪيا بات هئہ.

مهيش : مئڊم، اِهي گُڻ ٽن قسمن جي ماڻهن ۾ ٿي سگهندا آهن، ڪِريل، لالچي يا گهرجائو، ڪريل ۽ لالچي شخص ڪڏهن بہ توهان کي سُکي نہ رکي سگهندو. گهرجائو ۽ غرضمند توهانجي نوڪر کان بهتر ڪوئي ٿي نہ سگهندو. بهتر آهي توهان پنهنجي ڪنهن نوڪر سان شادي ڪيو. هلان ٿو نمستي.

(مهيش جي ڳالهہ سيني جا هوش اُڏائي رکيا.)

مُراري : (اُٿندي) توبهہ، منهنجي سنن پُشتن جي توبهہ وري ڪڏهن مائٽين جو ڪم نہ ڪندس. (ٻاهر نڪري ٿو وڃي)

ٽيڪچند: بدمعاش، رشنو ڪرڻو نہ هيس تہ آيو ڇو؟

(مونا اُٿي روم ۾ ٿي وڃي)

سين 19 : (مونا ڪمري ۾ اندران دروازو بند ڪري ڏڏام سان بستري تي ٿي ڪري ۽ زار زار روئڻ ٿي لڳي.)

سين 20 : ٽيڪچند ۽ سرلا اُٿي بغيچي ۾ ويٺا آهن. چهرو لٿل اٿن.

ٽيڪچند: مونا جو ڇا ٿيندو؟ زوردار شاڪ پهتو اٿس. اچ تائين ڪنهن جي همت نہ ٿي هئي مونا کي ڪجهہ چوڻ جي.

سرلا : اِن لاءِ توهان ئي ذميوار آهيو. ايترو سِرَ تي نہ چاڙهيوس ها تہ اڄ هيءُ ڏينهن ڏسڻو نہ پوي ها.

ٽيڪچند: وڃي سنڀاليس.

سرلا : مونکان نہ ٿيندو، وڃي توهان سنڀاليوس.

ٽيڪچند: هل ٻئي ٿا هلون. (ٻئي اُٿي اندر ٿا وڃن.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين 21 : مُراري پنهنجي ڊگڊ گيءَ (پُراڻي اِسڪوٽيءَ) تي وڃي رهيو آهي. هڪ بزرگ پئدل وڃي رهيو آهي.اُن جي پرسان پهچي مُراري اِسڪوٽيءَ تان لهي اُن سان گڏ پئدل ٿو هلي.

مُراري : سائين رام رام.

بزرگ : ابا، رام رام.

مُراري : سائين آءٌ مُراري، مُراريلال مائٽين وارو. توهان جي پريوار ۾ مٺڙي لائق ڪوئي نينگر يا ڪائي نينگري آهي؟

بزرگ : فلحال تہ هڪ ئي آهي.

مُراري : ڪير سائين؟

بزرگ : آءٌ.

مُراري : سائين ڇو ٿا مذاق ڪيو.

بزرگ : مذاق نٿو ڪريان. اَتي همٿ تہ ڳولهہ ڪائي.

مُراري : سائين اَسي سالن جي ڇوڪري ڪٿان ڳولهيان؟

بزرگ : ڪائي ڳالهہ ناهين، چاليهن واريون بہ ڳولهہ.

مُراري : لڪ جي...

بزرگ : لڪ نہ ڪپن، تون تہ بس رشتو ڳولهہ.

مُراري : پنڊ ڇڏائڻ لاءِ- سائين آءٌ نالو لڪائي پنج سؤ وٺندو آهيان. توهان لاءِ بہ ڳولهٽيون پونديون. هزار رپيا نالو لڪائي ڏيو.

بزرگ : ٻُڍ ڙي مُراري، ائڊوانس ۾ آءٌ ڪنهن کي پنهنجو تپ بہ نہ ڏيان. ٻيا توڪي بہ-ٽي يا وڌ ۾ وڌ پنج پرسينٽ ڏيندا هوندا. آءٌ توکي پورا پنجاهہ پرسينٽ ڏيندس.

مُراري : پنج يعني پنجاهہ پرسينٽ ڏيندؤ؟ سائين سچ ٿا چئو؟ مذاق تہ نٿا ڪريو نہ؟

بزرگ : مذاق ڇو ڪندس، منهنجي گهراڻ ڇا ويندو. تون بہ ڳولهيندين. هڪ توکي ڏيندس.

مُراري : لڪ جي لعنت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بزرگ : ڪنهن کي چيئہ؟

مُراري : (پاڻ کي پونبدو ڏيئي) پاڻ کي سائين پاڻ کي. خبر نہ آهي صبوح جو ڪنهن جو منهن ڏٺو هيم.

بزرگ : برش ڪرڻ مهل آئيني ۾ پنهنجو ئي منهن ڏٺو هوندءِ. صبوح جو ٻاهر نڪري ڏندڻ ڪندو ڪر تہ ڪنهن ٻئي جو منهن ڏسڻ ۾ ايندءِ.

سين 22 : مُراري بيخياليءَ ۾ وڃي رهيو آهي، اِسڪوٽي هڪ وڏي پٿر سان ٽڪرائجي هٿ مان ڇڏجي ٿي وڃيس، پاڻ رستي ۾ ڪوٽيل ڪڏي ۾ ڪري وڃي ٿو. اُٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ موبائيل جي گهنٽي ٿي وڃيس، آن ڪري ڪن سان ٿو لڳائي. ٻئي طرف کان آواز ٿو اَچيس، ڪٿي آهيو؟

مُراري : کڏ ۾.

ٻئي طرف کان : کڏ ۾ هجو يا کوهہ ۾، اڄ مڇي کائڻ تي دل آهي، وٺي اَچجو.

مراري : ٿوريءَ دير ۾ اَچان ٿو گهر، مانکي کُهي، وڍي،رڌي کائجانءِ. (فون بند ڪري رکي ٿو ڇڏي، ڪنهن واٽهڙوءَ جو هٿ پڪڙي ٻاهر ٿو اچي.)

سين 23 : سڄ لٿو آهي، مونا اُٿي ٿي. هٿ منهن ڌوئي ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪري. ماءُ کي ٻُولهيندي ڪچن ۾ ٿي وڃي، سرلا راموءَ کي پنير ٺاهڻ بابت هدايت ڏيئي رهي آهي.

مونا : رامون ڪاڪا توهان رهڻ ڏيو، رات جي رسوئي ممي ءِ آءٌ گڏجي تيار ڪنداسين.

(سرلا راموءَ کي اِشاري سان ٻاهر وڃڻ لاءِ ٿي چوي. رامون ٻاهر هليو ٿو وڃي. سرلا مونا کي ڀاڪر پائي، مٿو ٿي چميس. مونا ماءُ کي آٿت ڏيندي چوي ٿي.)

مونا : ممي، آءٌ هاڻي بلڪل نارمل آهيان. توهان فڪر نہ ڪريو. اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وٺي آءُ توهان سان گڏ رهي ڪُڪنگ ۽ گهر جو سڀ ڪم سگهنديس.

سرلا : ٻچڙي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ناهي، ليڪن سکڻ ضروري آهي، خبر ناهي ڪڏهن ضرورت پئجي وڃي.

مونا : آءُ هر ڪم پنهنجي هٿ سان ڪرڻ چاهيان ٿي. بس هڪ وينتي آهي، ڊئڊي ۽ کي چئو ڪجهه وقت جي لاءِ منهنجي رشتي جي ڳولها بند ڪري ڇڏين. آءُ پاڻ کي قابل بڻائڻ ٿي چاهيان، آءُ چاهيان ٿي ڪوئي اِنڪري مون سان رشتو جوڙڻ نہ چاهي، ڇاڪاڻ تہ آءُ ڪروڙپتي پيءُ جي اڪيلي ڌيءُ آهيان بلڪ منهنجي پنهنجي قابليت جي ڪري رشتو جوڙڻ چاهي.

سرلا : مونکي خوشي آهي،تون صحيح سوچي رهي آهين.

مونا : ممي ڊئڊي ۽ کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ وڻندي آهي؟

سرلا : مٽر مشروم ۽ ڀهہ جي ٽڪي.

مونا : اڄ اُهو ئي ٺا ناهيون. توهان ٻڌائجو آءُ ناهينديس.

سرلا : ٺيڪ آهي، ڏاڍو خوش ٿيندا.

سين 24 : ڊائننگ ٽيبل تي ٽيڪچند، سرلا ۽ مونا ڊنر ڪائي رهيا آهن. رامو سروَ ڪري رهيو آهي.

ٽيڪچند: رامون رسوئي ڏاڍي ٽيسٽي ناهي اَٿي. (رامون ڪجهہ چوڻ لاءِ منهن کولي ٿو- مونا اِشاري سان منع ٿي ڪريس. رامون خاموش رهي ٿو.) اڄ روٽي ڊبل ڪائي ويو آهيان، روز اَهڙي سوادي روٽي ڪارائيندين تہ پيٽ ٻاهر نڪري ايندو.

رامون : سر، اجا فروٽ پڊنگ ۽ جيلي بہ آهي.

ٽيڪچند: اڄ ڪهڙي خوشيءَ ۾ اسپيشل ڊنر ٺهيو آهي!

رامون : اڄ مونا بيبيءَ سڀ پنهنجي هٿن سان تيار ڪيو آهي.

ٽيڪچند: (حيرت مان) ڇا تو ڳالهہ ڪرين؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرلا : سچ ٿو چوين، اڄ سچي رسوئي مونا ناهي آهي.
ٽيڪچند: سرپرائيز!
(اٿي پيار مان مونا جي مٿي تي هٿ ٿو ڦيري. رسوئي پوري ڪري، واشبيسن ۾ هٿ منهن ڌوئي سرلا ۽ ٽيڪچند ٽي. وي. ڏسڻ ٿا لڳن. مونا پنهنجي روم ۾ هلي ٿي وڃي.)

سين 25 : مونا بيڊروم جو دروازو بند ڪري، نائيٽ لئمپ ٻاري باقي لائيٽ بند ٿي ڪري. موبائيل ۾ مهيش جو فوٽو سرچ ڪري ڪيتري دير نهاريندي ٿي رهي. تنهن کانپوءِ ميوزڪ آن ٿي ڪري. موبائيل مان ڳاني جو آواز ٿو اچي- تمهين ياد ڪرتي ڪرتي جائيگي رئن ساري، تم لي گئي هو اپني سنگ نيند ڀي هماري. مونا اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏي. اکين مان نير وهڻ ٿو لڳيس. موبائيل آف ڪري نائيٽ لئمپ به آف ٿي ڪري ڇڏي. ڪروٽ بدلي سمهڻ جي ڪوشش ٿي ڪري.

سين 26 : شام جو وقت مونا ڪپڙا پريس ڪري رهي آهي. سرلا اُٿي اچي ٿي.

سرلا : اڄ شادي پارٽيءَ ۾ هلڻو آهي. وقت سان تيار ٿي وڃجانءِ.
مونا : توهان وڃجو، آءٌ ڪانه هلنديس.
سرلا : ٽي مهنا ٿي ويا آهن گهر کان ٻاهر پير نه رکيو اٿئي. اڄ هل من ٻهلجي ويندءِ.
مونا : آءٌ نٿي چاهيان من وري اُگهلي وڃي، گهر ۾ رهي اُن کي وس ۾ رکڻ ٿي چاهيان.
سرلا : اڪيلي گهر ويهي ڇا ڪندينءَ؟
مونا : اڪيلي ڪٿي آهيان؟ چمپا آهي، رامون ڪاڪا آهي.
سرلا : هلين ته بهتر ٿيندو.
مونا : آءٌ گهر ۾ بهتر آهيان، توهان ٿي اڇجو.

سين 27 : مئريج گارڊن رات جو وقت. اسٽيج تي چيئرس رکيل آهن ليڪن ڪير به موجود نه آهي. ميدان ۾ ٽيبل ڪرسيون رکيل آهن. مهمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينا آهن. ڪجهه گهمي ڪري اِسٽالن تي رکيل چاٽ، سنيڪس، سوپ ماڪٽيل جو لطف وٺي رهيا آهن. اِسٽيج جي پرسان هڪ منچ تي آرڪيسٽرا ساز وڄائي رهيا آهن. هڪ سنگر فلمي گيت ڳائي رهيو آهي. 'جائيي آپ ڪهان جائينگي، يي نظر لوٽ ڪي ڦر آئيگي.)

سين 28 : مئريج گارڊن جو هال، هال ۾ هڪ منڊپ ۾ پنڊت ويڊي پڙهي رهيو آهي ڪنوار ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. پرسان سندس ماءُ پيءُ وينا آهن. وهيل چيئر تي گهوٽ ويٺو آهي. بدن تي مٽي تي پٽيون ٻڌل اٿس، هڪ ٽنگ تي پلاسٽر چڙهيل اٿس. پرسان پيءُ ماءُ وينا اٿس. گهوٽ ڪنوار جي پنيان آنر تلوار ڪٽي بيٺو آهي.

پنڊت : هاڻي گهوٽ ڪنوار ڦيرا پائين.

(ڪنوار اُٿي تي بيهي. وهيل چيئر کي پڪڙي گُهمائي ٿي. اڳيان وهيل چيئر تي گهوٽ پنيان ڪنوار ڦيرا پائين ٿا. ٽن ڦيرن ڪانپوءِ)

پنڊت : هاڻي ڪنوار اڳيان ٿئي گهوٽ پنيان.

(ڪنوار وهيل چيئر کي ٻڌل نوڙيون ڪُلهن ۾ لٽڪائي ٿي. اڳيان اچي هٿ پنيان ڪري نوڙيون پڪڙي ڦيرا پائي ٿي. وهيل چيئر تي ويٺل گهوٽ به پٺيان پنيان ڦري ٿو. ڦيرا پورا ٿا ٿين.)

پنڊت : شاديءَ جي رسم پوري ٿي. سيني کي لک لک واڌايون هجن.

(سڀ هڪ ٻئي کي واڌايون ٿا ڏين.)

گهوٽ پيءُ : گهوٽ ڪنوار کي اِسٽيج تي وٺي هلو.

گهوٽ : ڊئڊي، آءٌ اِسٽيج تي نه ويهندس.

گهوٽ پيءُ : ڇو پٽ؟

گهوٽ : ڊئڊي توهان ڇا ٿا چاهيو؟ هن حالت ۾ اِسٽيج تي ويهي هٿ ڪٽي اچڻ وارن کي چوان، 'ڏي مؤلا جي نانءُ، توکي اَللهه رکي.''

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوٽ پيءُ: اِن جي ضرورت ناهي، هاڻي چا ٿي ويچار؟

گهوٽ : هتي ٽي ٽيبل لڳائي اسان جي کائڻ جو اِنتظام ڪرايو.

(گهوٽ پيءُ آنر کي اِنتظام ڪرڻ لاءِ چئي پنڊت کي دڪشڻا ڏيئي ٻاهر هلي پوڇڻ ڪرڻ لاءِ ٿو چوي. اُتي بينڊ سيني کي به ٻاهر هلي کائڻ پيئڻ لاءِ ٿو چوي. پاڻ به مهمانن جي سار-سنڀال لاءِ ٿو وڃي.)

سين 29 : ٻاهر مهمانن جي هلچل. اِسٽالن تي رش ڳائڪا ڳائي رهي آهي، 'لال منهنجي پت رکجانءِ ڀلا، جهولي لالڻ، سنڌڙيءَ جا سيوهڻ جا سکي شهباز قلندر، دمادم مست قلندر.'

سين 30 : ٻئرا هال ۾ گهوٽ ڪنوار جي کاڌي جو اِنتظام ڪري ويا آهن. هڪ ٻئرو سنڌن خدمت ۾ بيٺو آهي.

گهوٽ : جيجا- گلو تر ٿيو نه آهي، گرهه اندر ڪيئن لنگهندو؟

(ڪنوار گهوٽ کي ٺونٺ ٿي هڻي. پٺي ٻڌل ٻانهن ڏکيس ٿي. دانهن ٿي نڪريس.)

آنر : چا ٿو چوين؟

گهوٽ : به ڊبل لارج وٽ آئيس سوڊا اينڊ لٽل واٽر.

(آنر وڃڻ ٿو لڳي.)

ڪنوار : جيجاجي، ڊرنڪ جي ڪري ڪلهه رات هيءَ حالت ٿي اٿس، وري توهان ڊرنڪ آڻي ٿا ڏيوس؟

گهوٽ : توکي خبر آهي هيءَ حالت ڪيئن ٿي؟

ڪنوار : گهڻي پيئڻ سبب.

گهوٽ : پيئڻ وقت تون منهنجي پرسان هئينءَ؟

ڪنوار : نه.

گهوٽ : توکي منهنجي ڪئپيسٽيءَ جي خبر آهي؟

ڪنوار : نه.

گهوٽ : ائڪسيڊنٽ وقت تون هئينءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كنوار : نہ.

ڳهوٽ : پوءِ ڪباب ۾ هڏي ڇو ٿي ٻڌيئي

(ڪنوار وري ضربيل ٻانهن تي ڏ -يس. ڳهوٽ ڪان دانهن تي نڪري.)

ڳهوٽ : جيجا، پوجا کي ڇئو هن بلا کي هنان وٺي وڃي.

ڪنوار : هلي ويندس، پهر ٻائين ٻڌايو ائڪسيڊنٽ ڪيئن ٿيو؟

ڳهوٽ : آءٌ پوري هوش حواس ۾ ڊرائيوَ ڪري رهيو هوس. اڳيان ڪشور واڌواڻيءَ جي ڳاڏي هئي. ڦل ٿُن حالت ۾ ڪار ڊرائيوَ ڪري رهيو هو. شايد سوچي بہ رهيو هو تہ اِنڊور لوڪ سڀا سيٽ لاءِ ٽراءِ ڪيان يا سڌو راجيہ سڀا ۾ وڃان. خبر ناهي ڇا سوچي ڪار کي ڦل بريڪ لڳايائين. جيسنائين آءٌ سنڀاليان ڪار ڪشور جي ڪار سان ٽڪرائجي ويئي. جاني من آءٌ بہ ٿُن هجان ها تہ اِسپتال ۾ پرتي هجان ها ۽ تون ڪنواري رهجي وڃين ها.

(ڪنوار وري ٽونٽ تي هٽيس، ڳهوٽ دانهن ٿو ڪري.)

ڳهوٽ : جيجا، ڊاڪٽر پاهوجا کي چئوس تہ بامبي هاسپيٽل ۾ منهنجي لاءِ ڊيلڪس روم بوڪ ڪرائي ۽ سار-سنڀال لاءِ هڪ خوبصورت نرس جي ڊيوٽي لڳائي.

ڪنوار : جيجا، وڏي جيجاجيءَ کي چئجو روم ۾ فرج جو اِنتظام هجي، فرج وسڪي، سوڊا ۽ بسلريءَ جي بوتلن سان فل هجي. نرس جي ڪاڻ-پيئڻ ۽ سمهڻ جو اِنتظام بہ اُن روم ۾ هجي.

ڳهوٽ : مس عقل جي ڳالهہ ڪئي اَٿئي.

(ڪنوار وري ٻانهن تي ڏ ڪائيس.)

سين 31 : ڳاردن ۾ مهيش جو داخل ٿيڻ، ڳهمندي ڦرندي سر لا سان پيت.

مهيش : نمستي آنٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرلا : (رُڪائيءَ سان) نمستي.

مهيش : توهان اڪيلا، ديوان صاحب؟

سرلا : متي روم ۾ دوستن سان گڏ ڊرنڪ وٺي رهيا آهن.

مهيش : مونا نظر نٿي اچي؟

(سرلا مهيش ڪي گهوري ٿي نهاري.)

مهيش : لڳي ٿو توهان ڪافي ناراض ٿا لڳو. منهنجو اِرادو ڪنهنجي دل دکائڻ جو نہ هو. مون فقط شاڪ ٽريٽمينٽ ڏيئي مُونا جو گهمنڊ چوُر ڪرڻ ٿي چاهيو، جيئن مونا نارمل بڻجي وڃي. توهان کي دکہ پهتو آهي تہ آءٌ معافي ٿو گهران.

(سرلا سوچڻ ٿي لڳي.)

مهيش : مونا ڪٿي آهي؟ آءٌ اُن کان بہ معافي وٺڻ ٿو چاهيان.

سرلا : (نرم لهجي ۾) جڏهن کان تون ٿي ويو آهين، مونا گهر کان پير ٻاهر نہ رکيو آهي. ڪافي بدلجي ويئي آهي. سڄو ڏينهن پاڻ کي گهر جي ڪم ۾ بزي رکندي آهي. گهر ۾ ڪم ڪرڻ وارن سان بہ عزت ۽ نرمائيءَ سان ڳالهائيندي آهي. اسان خود ڀرم ۾ پئجي ويندا آهيون تہ اِها مونا آهي يا ٻي ڪائي ڇوڪري آهي.

مهيش : ممي.

سرلا : ڇا چيئہ؟

مهيش : ساري آنٽي....

سرلا : نو ساري، هڪ دفعو وري ممي چئہ.

مهيش : ممي.

(سرلا ڳلي لڳائي مهيش جو مٿو ٿي چُمي)

مهيش : ممي، مون مونا سان ملڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر ڪٿي نظر نہ آئي. گهر اچڻ مناسب نہ سمجهيو اِنڪري ملاقات نہ ٿي سگهي. هاڻي توهان جي اِجازت هجي تہ ڪنهن ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر اچي ملانس.

سرلا : جڏهن چاهين اچي سگهين ٿو. اسان کي خوشي ٿيندي.

مهيش : هڪ عرض آهي، ان باري ۾ توهان نہ مونا سان ذڪر ڪجو ۽ نہ ديوان صاحب سان. آءٌ اچانڪ ملي مونا جو ري-ائڪشن ڏسڻ ٿو چاهيان.

سرلا : آءٌ ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪنديس.

مهيش : ساري فار ڊسٽرب، توهان پارٽي انجواءِ ڪريو آءٌ بہ ڪجهہ ڪائي پيو وڃان.

سرلا : ائز يوُ وش.

(مهيش اڳتي وڌي پيز ۾ ملي ٿو وڃي.)

سين 32 : شام جو وقت. مهيش ديوان ٽيڪچند جي بنگلي جي مين گيٽ تي پهچي ڪال بيل تي آڱر ٿو رکي. ڪجهہ دير بعد چمپا اچي در کولي ٿي.

مهيش : مونا مئڊم آهي؟

چمپا : اچو، هال ۾ ويٺي آهي.

(مهيش چمپا کي فالو ڪري هال ۾ ٿو اچي. مونا پريس جي ٽيبل تي بيٺي ڪپڙا پريس ڪري رهي آهي. سائيڊ ۾ رکيل موبائيل تي گانو وڄي رهيو آهي 'تم نہ جاني ڪس جهان ۾ کو گئي، هم پري دنيا ۾ تنها هو گئي.' مهيش پري ئي بيهي گانو ٻڌندو رهيو ۽ مونا جي چهري تي آيل اُداسيءَ جا ڀاو ڏسندو رهيو. مهيش کي مونا اڄ بيحد خوبصورت لڳي رهي هئي. مهيش مونا جو ڌيان ڇڪڻ لاءِ)

مهيش : هيلو مونا.

(مونا ڇرڪ ڀري سوچ آف ڪري پريس (اِستري) اُڀي ٿي رکي.)

مونا : توهان ڪنهن وقت آيا؟

مهيش : ڪجهہ ئي دير ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونا : اڄ هيڏانهن جو رستو ڪيئن ڀلجي پيا آهيو؟

مهيش : اُن ڏينهن گستاخيءَ جي معافي وٺڻ آيو آهيان. ڪيترا دفعا توسان ملاقات جي ڪوشش ڪئي، ڪٿي نظر نه آئينءَ. اڄ همت ڪري هتي آيو آهيان.

مونا : معافيءَ جي ته ڪائي ڳالهه نه آهي، اُلٽو توهان کي ڏنيواد ڏيڻ ٿي چاهيان.

مهيش : ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ؟

مونا : توهان منهنجو غرور چُور ڪري منهنجي مغز مان هوا ڪڍي ڇڏي اِن لاءِ.

مهيش : پوءِ آئينءَ چو نه مون وٽ؟

مونا : گهر کان نڪرڻ جي همت نه ٿي، هلو بئنڪ ۾ ٿا هلي ويهون.

مهيش : اِتي ٺي نيڪ آهي.

مونا : توهان هلي بئنڪ ۾ ويهو، آءٌ توهان جي لاءِ چانهه ٺاهي ٿي اچان.

مهيش : چانهه جي ضرورت ناهي. توسان ملاقات ٿي ڪافي آهي.

مونا : بنا چانهه پيئڻ جي توهان کي وڃڻ نه ڏينديس.

مهيش : فارملٽي ضروري آهي ته پنهنجي ڪُڪ کي چئو نه ٺاهي ڪٽي ايندو.

مونا : اَڄ توهان کي پنهنجي هٿن سان چانهه ٺاهي پيئارڻ ٿي چاهيان.

مهيش : ته پوءِ آءٌ به ڪچن ۾ ٿو هلان.

سين 33 : ٻئي ڪچن ۾ ٿا اچن.

سين 34 : مونا ڪچن ۾ اچي گئس تي چانهه جو برتن ٿي رکي. هڪ ٽري ۾ پليٽ ۾ بسڪيٽ ڪڍي ٿي رکي. پاڻيءَ جو گلاس ڀري رکي ٿي. ٽري گول ماربل ٽيبل تي ٿي رکي. ڀرسان پيل اِسٽول ڏي اِشارو ڪري)

مونا : توهان ويهو- بسڪيٽ کائي پاڻي پيئو تيسائين چانهه تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويندي.

(مهيش هڪ بسڪيٽ ڪڍي مونا جي وات ۾ ڏو وجهي. مونا بسڪيٽ هٿ ۾ جهلي)

مونا : هي ڇا ٿا ڪريو؟

مهيش : تنهنجا هٿ ٻڌل آهن نه ڪائڻ ۾ مدد ٿو ڪريان ٿو.

(مونا حيرت مان مهيش ڏانهن ڏسي ٿي.)

مهيش : شايد منهنجا هٿ صاف نه آهن، انڪري ڪائڻ نٿي چاهين، هٿ ڌوئي ٿو اچان.

(مونا مهيش جي ٻانهن پڪڙي روڪي ٿي. بسڪيٽ پنهنجي وات ۾ ٿي وجهي، ٻيو بسڪيٽ ڪڍي مهيش کي ٿي کارائي. چانهه ٻن ڪوپن ۾ ڇاڻي ٽيبل تي رکي ٻئي آمهون سامهون اسٽولن تي ٿا ويهن. مونا هڪ ڪوپ مهيش کي ٿي ڏئي ٻيو خود ٿي کڻي.)

مهيش : (چانهه سپ ڪندي) هلو، ڪيڏانهن گهمي ڦري اچون.

مونا : آءٌ توسان گڏ ڪهڙيءَ حيثيت سان هلان؟

(مهيش مونا جي چهري کي ٿو ڏسي، مونا نظرون جُهڪائي ٿي ڇڏي.)

مهيش : دوست جي حيثيت سان هلي سگهين ٿي.

مونا : ڇوڪري ڇوڪريءَ جي دوستي پشچمي سڀيتا ۾ هلندي آهي. اَسين هندستاني آهيون، اسان جي سماج اهڙي دوستيءَ کي تسليم نه ڪيو آهي.

مهيش : (مونا جي اکين ۾ نهاريندي) اگر مونکي رجيڪٽ نه ڪرين ته آءٌ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.

(مونا جي چهري تي لالي ڇانئجي ٿي وڃي. اکيون جُهڪي ٿيون وڃن.)

مونا : ان جو فيصلو ته اسان جا وڏا ڪندا نه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيش : توکي تہ اعتراض ناهي نہ؟
(مونا ڪنڌ ڌوڻي نہ تي ڪري. مهيش ڪوپ ٽيبل تي رکي)
مهيش : هلان ٿو.
مونا : ڊئڊي تہ نہ آهن، ممي ليٽي پيئي آهي اُٿن تہ ملي وڃون.
مهيش : وري ڪڏهن.
مونا : وري ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي؟
مهيش : رشتو جُڙڻ ڪانپوءِ. (مهيش ڪچن ڪان ٻاهر ٿو نڪري مونا پنيان تي هليس.)

سين 35 : ڪچن مان نڪري ٻئي مين گيٽ تي ٿا اچن. مهيش بائيڪ تي سوار ٿي روانو ٿو ٿئي جيتوڻيڪ مونا جي اکين کان اوجهل نٿو ٿئي. مونا کيس ڏسندي تي رهي. پوءِ موٽ تي ڪائي.

سين 36 : اندر اچي مونا چمپا کي آواز تي لڳائي. چمپا جي اچڻ تي.
مونا : باقي رهيل ڪپڙا پريس ڪري ڇڏ آءٌ پنهنجي روم ۾ ٿي وڃان.
چمپا : يس ميم.

سين 37 : مونا پنهنجي روم ۾ اچي دروازو بند ڪري، موبائيل ۾ سرچ ڪري گانو ٿي وڄائي، 'جب مِلني بلم گهر آئي، جيئرا مچل جائي.' مونا خوشيءَ مان جهومڻ تي لڳي.

سين 38 : رات جو وقت. سيٺ ماڌوداس جي گهر جو ڊائننگ هال. ڊائننگ ٽيبل تي ڪرسين تي ماڌوداس، مهيش ۽ ميرا ويٺا آهن. ٽيبل تي رسوئيءَ جا ڊونگا ۽ پليٽون رکيون آهن. ميرا پوچن پروسي رهي آهي. ٽيئي کائڻ شروع ٿا ڪن، روٽي کائيندي)
مهيش : ڊئڊي اِجازت هجي تہ ڪجهہ عرض ڪرڻ ٿو چاهيان.
ماڌوداس : روٽي شانتيءَ سان کاءُ ۽ کائڻ ڏي. جيڪي چوڻو اٿئي کائڻ کانپوءِ چئجانءِ.
(ٽيئي خاموشيءَ سان کائڻ ٿا لڳن. کائڻ کانپوءِ واش بيسن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي هٿ منهن صاف ڪري نئپڪن سان اُگهي صاف ٿا ڪن.
ميرا برتن ڪٽي واش ايريا ۾ رکي واپس اچي ڪرسيءَ تي
ويهي ٿي رهي.)

ماڌوداس: چئہ هاٿي چا ٿو چوين؟؟

مهيش : ڊئڊي مونا ۾ هاڻي ڪافي تبديلي اچي ويئي آهي.

ماڌوداس: ڪير مونا؟

مهيش : اُها ئي ٽيڪچند جي ڌيءُ جنهن جو آءٌ غرور ڇوڙ ڪري آيو
هيس.

ماڌوداس: تہ؟

مهيش : بلڪل بدلجي ويئي آهي، بلڪل گهرو ڇوڪري.

ماڌوداس: ڪُلي ٻڌاءِ، تون ڇا ٿو چاهين؟

مهيش : مونا مونکي پسند آهي.

ماڌوداس: پسند آهي يا ڳالهہ اڳتي وڌي چڪي آهي.

مهيش : اَهڙي ڳالهہ ناهي ڊئڊي.

ماڌوداس: ڪڏهن ملئين مونا سان؟ ٽيڪچند جي گهر ويو هئين؟

مهيش : انيل جي شاديءَ ۾ مونا جي ماءُ ملي هئي. اُن مونا ۾ آيل
تبديل جي باري ۾ ٻڌايو. مونا شادي پارٽيءَ ۾ بہ نہ آئي
هئي. جڏهن ڪان آءٌ اُتان ٿي آيو هوس گهر ڪان ٻاهر پير نہ
رکيو اٿائين. اَڄ شام جو اوچانڪ سندس گهر ويو هوس، ڪپڙا
پئي پريس ڪري حالانڪ گهر ۾ نوڪر اٿن. توهان ڏسندءَ تہ
توهان کي بہ بلڪل گهريلو ڇوڪري لڳندي.

ماڌوداس: بنا نيند جي اسان ڏسڻ وڃونس؟ تنهنجي چوڻ تي نيند
ڏين سو بہ منظور ناهي.

مهيش : ڪنهن ڏينهن توهان ٿي ڊنر تي انوائيٽ ڪيون.

ماڌوداس: هون، اِهو مان ڪري سگهان ٿو. ٽيڪچند جو نمبر چاهي؟

مهيش : سو تہ مونکي خبر ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڏوداس: ڇوڪريءَ جو تہ موبائيل نمبر هوندءِ نہ؟
مهيش : اُهو بہ نہ آهي، ڏيان ئي نہ رهيو نمبر وٺڻ.
ماڏوداس: ڏيان ڪاڏهون رهندءِ، سڄو ڌيان تہ ڇوڪريءَ ۾ اٽڪي.
مهيش : ڊئڊي مان توهان کي نمبر وٺي ٿو ڏيان.
(مهيش اُٿي فون وٽ ٿو وڃي ٽيليفون ڊئريڪٽري جو نمبر ڊايل ٿو ڪري ۽ ديوان ٽيڪچند جو نمبر ٿو پڇي. ٿوري دير بعد جواب ٿو ملي‌س- اس نام سي ڪوئي فون نهين هئہ.)
مهيش : ٽيڪچند رنگلاٽي، اتوا رنگلاٽي ٽيڪچند ڪي نام سي؟
(ڪجهہ دير بعد نهين هئہ- مهيش ايئرٽيل وارن کان نمبر ٿو پڇي اُتان نمبر مليس ٿو ڪارڊليس تي نمبر ڊائل ٿو ڪري. ٻئي طرف کان هيلو چمپا دس سائيڊ، آپ ڪوڻ؟)
مهيش : مهيش ٿو ڳالهايان. ديوان صاحب آهن.
چمپا : هولڊ ڪريو.
(مهيش ڪارڊليس فون پيءُ کي ٿو ڏئي. ٻئي طرف کان ٽيڪچند جو آواز)
ٽيڪچند: ٽيڪو ٿو ڳالهايان، توهان ڪير؟
ماڏوداس: سائين ماڏوداس ٿو ڳالهايان، رام رام.
ٽيڪچند: رام رام سيٺ صاحب، حڪم ڪيو.
ماڏوداس: سائين عرض آهي توهان سڀاڻي ڪٽنب سميت اسانجي غريب خاني تي اچو، رات جي ڊنر گڏجي ڪنداسين.
ٽيڪچند: سائين، اِهو سيوا جو موقعو اسان کي ڏيو، سائين پهريون حق ڇوڪريءَ وارن جو ٿيندو آهي.
ماڏوداس: توهان کي بہ موقعو ملندو، سڀاڻي اسان وٽ اچو.
ٽيڪچند: سائين توهان جو حڪم سر اکين تي. مهرباني فرمائي گهر جو پتو ٻڌايو.
(ماڏوداس ٻڌائي ٿو، رام رام ڪانپوءِ فون آف ڪري مهيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي واپس ٿو ڪري.)

سين 39 : ٽيڪچند جي گهر جي بئنڪ، صوفا تي سرلا ۽ ٽيڪچند ويٺا آهن.

سرلا : چا ٿا سوچيو؟

ٽيڪچند: لڳي ٿو مهيش پيءُ ماءُ کي رشتي لاءِ مڃايو آهي.

سرلا : مهيش سمجهدار ڇوڪرو آهي، مونا کي سُکي رکندو.

ٽيڪچند: مونا کان به ته پڇون.

سرلا : پلي پڇوس، مونا خوش ٿيندي.

(ٽيڪچند مونا جو موبائيل نمبر ڊائل ڪري کيس بئنڪ ۾ اچڻ لاءِ ٿو چوي. ٿوريءَ دير ۾ مونا بئنڪ ۾ اچي ٿي.)

مونا : جِئو پاپا.

ٽيڪچند: ويهه پُٽ.

(مونا بئي صوفا تي ويهي ٿي.)

ٽيڪچند: مهيش جي پتا سيٺ ماڌوداس اسان سڀني کي سڀاڻي ڊنر تي انوائيٽ ڪيو آهي.

(مونا پيءُ جي منهن کي تي ڏسي، ڪجهه چوي نٿي من ۾ سوچي ٿي- مهيش ڪيترو فاسٽ هلي رهيو آهي.)

ٽيڪچند: پُٽ مهيش پسند ته اَٿي نه؟

مونا : جيڪو توهان فيصلو ڪندا، مونکي منظور آهي.

ٽيڪچند: کُلي ٻُڌاءِ، مهيش پسند اَٿي؟

(مونا ڪنڌ لوڏي ها تي ڪري ۽ اُٿي پنهنجي روم ۾ تي وڃي.)

ٽيڪچند: سڀاڻي پوري تياريءَ سان هلڻو پوندو.

سرلا : سو ته آهي، توهان به ڪين انوائيٽ ڪجو.

ٽيڪچند: ضرور.

سين 40 : ماڌوداس جي گهر جي بئنڪ رات جو وقت. ماڌوداس ميرا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيشَ ٽيڪچند پريوار جو اِنتظار ڪري رهيا آهن. ڪجھہ دير بعد مهمان پهچن ٿا. مهيش ٻاهر وڃي ڪين ٻئنڪ ۾ وٺي ٿو اچي. سڀ پاڻ ۾ گرم جوشيءَ سان ملن ٿا. مونا کي ڏسي ميرا نري ٿي پوي. مونا کي چاتيءَ سان لڳائي متو ٿي چُميس. مهمانن جي خاطرداري شروع ٿي ٿئي. فارملٽيءَ کانپوءِ ميرا سرلا ۽ مونا کي پنهنجي روم ۾ وٺي ٿي وڃي.

سين 41 : ماڌوداس ۽ ٽيڪچند ڊرنڪ ٿا وٺن. مهيش سروَ ٿو ڪري. ڊرنڪ جي دؤران رشتي جي پڪ ٿا ڪن. ماڌوداس ميرا کي موبائيل ٿي واڌايون ٿو ڏئي.

سين 42 : ميرا ڳلي مان سونو هار لاهي مونا کي پائي، ڳلي لڳائي وري متو ٿي چميس.

ميرا : ادي، واڌايون هجنوَ.

سرلا : پيڻ توهان کي بہ لک لکہ واڌايون.

ميرا : اڄ منهنجي ڌيءُ جي ڪمي بہ پوري ٿي ويئي.

سرلا : نصيبن واري آهي مونا، جو اهڙو ور- گهر مليو اٿس.

ميرا : مونا، گهر ڌياڻي ٿي گهر ۾ راڄ ڪندي.

سرلا : مونکي يقين آهي، مونا هتي اچي اسان جي ڪمي محسوس نہ ڪندي.

مهيش : هلو رسوئي تيار آهي.

سين 43 : سڀ هال ۾ اچي ڊائننگ ٽيبل جي آسپاس ڪُرسين تي ويهن ٿا. بہ دڪان جا ڇوڪرا سروَ ٿا ڪن. ڊنر شروع ٿو ٿئي.

ٽيڪچند: سيٺ صاحب منهنجو عرض آهي، اَسين سڀ سياڻي شام جو هوٽل سياڇيءَ ۾ گڏ ٿيون توهان جا جيڪي بہ مٽ مائٽ يار دوست واقفڪار آهن، سيني کي وٺي اچو.

مهيش : گستاخي معاف آءٌ هڪ عرض ڪرڻ ٿو چاهيان.

ٽيڪچند: چئہ پُٽ، تنهنجي جيڪا بہ فرمائش هوندي پوري ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيش : منهنجي ڪابہ فرمائش نہ آهي. آءٌ ڪاڪٽيل پارٽي نٿو چاهيان. اهڙن پروگرامن سان اسان جي سماج جي اميج خراب ٿي رهي آهي. ٻيءَ ذات وارا اسان کي مانسخور ۽ شرابي ٿا سمجهن. آءٌ پيئڻ کائڻ جي خلاف نہ آهيان. مگر اِهو گهر اندر نجي طور تي ٿيڻ گهرجي. سارو جنڪ روپ ۾ بلڪل نہ.
(سرلا اُٺي مهيش جي مٿي تي هٿ ٿي ڦيريس. ميرا جي ڇاتي فخر مان چوڙي ٿي ٿي وڃي. مونا جي چهري تي چمڪ ۽ چپن تي مشڪ آهي. ٽيڪچند حيرانيءَ مان ماڌوداس کي ٿو ڏسي.)

ماڌوداس: مهيش نيڪ چئي رهيو آهي. اسان کي نوجوان پيڙهيءَ اڳيان غلط مثال پيش نہ ڪرڻ گهرجي.

ٽيڪچند: توهان جيئن حڪم ڪيو، آءٌ تيار آهيان.

ماڌوداس: گهر اندر لميٽيڊ پروگرام رکو، بهتر ٿيندو.

ٽيڪچند: ٽيريس تي سؤ ڏيڍ ماڻهن جو ارينجمينٽ ٿي سگهندو آهي. توهان پنهنجن ماڻهن جو انگہ ٻڌايو، باقي اسانجا رهندا.

ماڌوداس: اسان جا پنجاهہ سمجهو.

ٽيڪچند: بهتر آهي.

مهيش : هڪ ٻيو بہ عرض آهي.

ٽيڪچند: ٻي هڪڪ چئو.

مهيش : توهان مونا جي شاديءَ تي گهڻو خرچ ڪرڻ ٿا چاهيو.

ماڌوداس: (ناراضگيءَ مان) هيءَ ڇا بيتڪو سوال پڇي رهيو آهين؟

مهيش : ڊئڊي پليز- مون اِهو نہ پڇيو آهي تہ ڇا ڏيندا؟ مون پڇيو آهي تہ ڇا خرچ ڪرڻ چاهيو ٿا؟

ٽيڪچند: سڀ ڪجهہ تہ توهان ٻنهين جو آهي. جيڪي چوندين سو ٿيندو.

مهيش : آءٌ توهان جي مرضي ڄاڻڻ ٿو چاهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڪچند: ويهن-پنجويهن لکن کان ڇا گهٽ ٿيندو؟
مهيش : ڊئڊي، مونا کي نہ توهان وٽ ڪائي ڪمي آهي نہ هتي ڪائي ڪمي رهندي. ويهہ-پنجويهہ لکن مان سماج جي گهٽ ۾ گهٽ سؤ ڪنيائن جو ڀلو ٿي سگهي ٿو. آءٌ چاهيان ٿو اسين ساموهڪ وهانوَ ۾ شامل ٿي سماج اڳيان هڪ نئون مثال پيش ڪريون.
ٽيڪچند: (اٿي مهيش جي ڀُني نپي) واهہ پٽ دل خوش ڪري ڇڏيئہ. سيٺ صاحب توهان جو مهيش انمول هيرو آهي.
ماڌوداس: ديوان صاحب، هاڻي مهيش توهان جو بہ تہ آهي.
ٽيڪچند: اِها اسان جي خوش نصيبي آهي.
ماڌوداس: اسان جي ٻچڙي خاموش ويٺي آهي. شايد اسان جي بڪ بڪ پسند نہ اٿس.
(مونا اُٿي ماڌوداس کي پيري ٿي پوي. ماڌوداس مٿي تي هٿ ڦيري جيب مان نوٽ ڪڍي جيڪي هٿ ۾ اچن ٿا مونا کي ٿو ڏئي.)

سين 44: ڊنر پورو ٿيڻ کانپوءِ ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي مڃائي ٿيون ڏين. ٽيڪچند مهيش کي خرچي ڏيڻ ٿو چاهي. مهيش نهٺائيءَ سان وٺڻ کان اِنڪار ٿو ڪري. ٻاهر اچي هڪ ٻئي کان موڪلائي ديوان پريوار پنهنجي گهر روانو ٿو ٿئي. ماڌوداس، ميرا ۽ مهيش اندر ٻئنڪ ۾ ٿا اچن.
ميرا : مهيش، تو مونا جي ٻاري ۾ جيڪي چيو اُن کان گهٽي سٺي آهي.
(مهيش اُٿي ماءُ پيءُ کي پيري ٿو پوي، ٻئي آشيرواد ٿا ڏينس.)

سين45: ديوان ٽيڪچند جي گهر جي ٽيريس تي پارٽي هلي رهي آهي. پارٽي پوريءَ طرح ويچ ۽ نان الڪوهل آهي، ڇوند مهمان شامل ٿيا آهن. مُرار يلال بہ آيل آهي ۽ بزرگ بہ. اُن کي ڏسي حيرانيءَ سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُراري : توهان هني؟

بزرگ : ڇو تون اڇي سگهين ٿو، آءٌ نٿو اڇي سگهان؟

مُراري : منهنجو اِهو مطلب نہ هو.

بزرگ : تہ مطلب جي ڳالھ ڪر، ڏنئہ ڪائي؟

مُراري : ڇڏيو سائين، توهان جي مذاق منهنجا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيا.

(بزرگ مُسڪرائي ٿو. پارٽي هلندي مهيش مونا هڪ ٻئي کي منڊي پائين ٿا.)

مُراري : ڇو سائين، نہ ڪيڪ نہ ور مالا؟

ٽيڪچند: مُراريلال، اسان هندستاني آهيون. اسان جون پنهنجون ريتيون رسمون آهن. ور مالا شاديءَ جي رسم آهي، مڱڻي جي نہ. انڌو نقل ٿا ڪن پنهنجي اياڻپ ٿا ظاهر ڪن.

(ٽيڪچند جي ڳالھ ٻڌي مهمان سوچڻ ٿا لڳن منڊي پائڻ کانپوءِ ٽيڪچند سڳن تور ناريل، مصري ۽ منائي ٿو ڏئي. ماڌوداس پڻ مونا کي منائي ٿو ڏئي. ٻي ڪائي لين دين نٿي ڪئي وڃي. پارٽيءَ ۾ سُس پُس ٿي ٿئي. ليڪن گهوٽيتن ۽ ڪنوارينن کي اِن جي پرواھ ناهي. مُراري اُٿي ٽيڪچند وٽ ٿو وڃي.)

مُراري : سائين، مونکي بہ خرچي ڏيئي ڇڏيو.

ٽيڪچند: تون تہ ميدان ڇڏي ڀڄي ويو هئين، قسم بہ کاڌو هيئہ تہ وري مائٽين جو ڪم نہ ڪندين.

مُراري : سو تہ سائين آءٌ گهبرائجي ويو هوس. توهان تہ شاھ آهيو توهان کي ڪهڙو فرق پوندو.

ٽيڪچند: ٻڌ، هن رشتي ۾ ڪائي لين-دين نہ ٿي آهي. تون سيٺ ماڌوداس کان ڪجھ بہ نہ گهرجانءِ.

مُراري : هر گز نہ گهرندس.

(ٽيڪچند پرس ڪڍي هزار جا ڏھ نوٽ مُراريءَ کي ڏئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو.)

مراري : سائين-سيٺ ماڌوداس ڪان بہ ونڻ ڪان منع ٿا ڪريو.

(ٽيڪچند ڏهہ نوٽ ٻيا بہ مراريءَ کي ڏئي ٿو. پڇيس ٿو خوش؟)

مزاري : خوش سائين خوش. بس ٿوري سوائي ٿي وڃي.

(ٽيڪچند پنج نوٽ ٻيا بہ ٿو ڏئيس. مُراري نوٽ جيب جي حوالي ڪري ٽيڪچند جي ڪن پرسان وات ڪري پڇيس ٿو) ڇو سائين، پارٽيءَ ۾ نہ پيگہ، نہ ليگہ؟

ٽيڪچند: (ڏيري سان) مات ڪر، مهيش ٻُڌنديءَ تہ ڪٽي ٽيريس تان هيٺ ڦٽي ڪنديءَ.

(مُراري مات ڪري هليو ٿو وڃي. وڃي ڪائڻ پيئڻ کي ٿو لڳي.)

سين 46 : پارٽي پوري ٿي ٿئي. مهمان موڪلائي هلڻ ٿا لڳن. سيٺ ماڌوداس بہ موڪلائڻ ٿو چاهي. ٽيڪچند ۽ سرلا بہ ٽيريس تان هيٺ لهي مين گيٽ تائين ٿا وڃن. مونا بہ هيٺ لهڻ جي ٿي ڪري، مهيش هٿ پڪڙي روڪيس ٿو ۽ چويس ٿو سياڻي شام جو تيار ٿي رهجانءِ، گهمڻ هلنداسين. ڊنر بہ ڪنهن هوٽل ۾ هلي ڪائينداسين. مونا ڪنڌ لوڏي رضامندي ٿي ڏئي.)

سين 47 : مهيش ۽ مونا بہ هيٺ لهي مئن گيٽ تي ٿا اچن. ماڌوداس ميرا ۽ مهيش موڪلائي ڪار ۾ سوار ٿي روانا ٿا ٿين. ٽيڪچند، سرلا ۽ مونا گهر اندر ٿا وڃن.

سين 48 : ريس ڪورس روڊ تي ٽاپ-اِن-ٽائون آئيسڪريم پارلر. نوجوان مالڪ ڪائونٽر پنيان ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. يونيفارم ۾ ڪجهہ ڇوڪرا پارلر پنيان بيٺا آرڊر سروَ ڪري رهيا آهن. ڪجهہ ڇوڪرا ٻاهر سروس ۾ لڳل آهن. مهيش ۽ مونا شو روم ۾ اندر اچن ٿا. ڪائونٽر وٽ اچي مهيش پرس مان پنج سؤ جو نوٽ ڪڍي اڳيان ٿو وڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالڪ : نوٽ واپس رک. پھريائين توھان پنھين کي مٺٽي جون واڌايون. آئيسڪريم اچ منھنجي طرفان.

مونا : انڪل، توھان آيا نہ، پارٽيءَ ۾؟

مالڪ : ساري، آءٌ اڪيلو ھئس نہ اچي سگھيس.

(ھڪ بئرو ڪائونٽر جي سائيڊ ۾ بہ ڪرسيون لڳائي مھيش ۽ مونا کي ويھڻ جو عرض ڪري. ٻئي وڃي ڪرسين تي ويھن. ھڪ بيرو ٽري ۾ ٻن گلاسن ۾ ماڪ ٽيل آڻي سروَ ڪري. ڪجھہ دير بعد ٽري ۾ شيڪ جا بہ گلاس کڻي اچي. پھريان بہ گلاس ٽري ۾ ھڪ طرف رکي شيڪ سروَ ڪري.

مھيش : انڪل، شيڪ ڏاڍو ھيوي ٿي ويندو.

مالڪ : ينگ مئن ڪوئي ھيوي نہ ٿيندو.

مھيش : پيو ڪجھہ نہ گھرائجو.

مالڪ : آئيسڪريم جو ھڪ نئون فليور آيو آھي اُھو ٽيسٽ ڪري ٻڌائجو، ڪيئن آھي؟

مونا : انڪل، توھانجي آئيسڪريم جو ھر فليور للجواب ٿيندو آھي، ھي بہ سٺو ھوندو پر اچ ٽيسٽ ڪرڻ جي گنجائش بلڪل ناھي.

مالڪ : گنجائش ٺھجي ويندي.

(بئرو آئيسڪريم کڻي اچي، شيڪ جا خالي گلاس کڻي وڃي ۽ آئيسڪريم سروَ ڪري وڃي.)

سين 49: مھيش ۽ مونا ٻاھر ڪار پارڪنگ ۾ اچن. مھيش ڪار جي چابي مونا جي ھٿ ۾ ڏيندي چوي ٿو، تنھنجي ڊرائيونگ جي تعريف ٻڌي چڪو آھيان. اچ ڏسڻ ٿو چاھيان.

مونا : مس دماغ مان ھوا نڪتي آھي، وري پرڻ نٿي چاھيان.

مھيش : تون ڪيترو بہ اڪام، ڏور منھنجي ھٿ ۾ رھندي. ھاڻي توکي ڪائي رسڪ ناھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مونا ڊرائيونگ سيٽ تي ٿي ويهي. مهيش پرسان ٿو ويهيس.
مونا ڪار اسٽارٽ ڪري پارڪنگ مان ڪڍي روڊ تي آڻي
اڳتي تي وڌائي. ڪجهہ ئي دير ۾ ڪار هوا سان ڳالهيون
ڪرڻ ٿي لڳي.

سين 50 : سيٺ ماڌوداس پنهنجي بئٺڪ ۾ ويٺو اخبار پڙهي رهيو آهي. موبائيل جي رنگ ٽون ٿي وڄي. اخبار رکي فون آن ڪري ڪن سان لڳائي.

ماڌوداس: هلو، ديوان ٽيڪچند صبوح صبوح جو ڪيئن ياد ڪيو اٿوَ؟

ٻئي طرف کان: سيٺ صاحب مُسڪان گروپ وارن جي فون آئي هئي، ساموهڪ شاديون، ديو اٿڻي گيارس ١٦ نومبر تي ٿيڻيون آهن. فارم ڀرڻ لاءِ ٿي چيائون.

ماڌوداس: نيڪ آهي، آءٌ فارم ڀرائي ڀري ٿو موڪليان.

ٽيڪچند: توهان کي تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي. مون پنهنجو ۽ توهان جو فارم ڀري موڪلي ڏنو آهي. توهان پنهنجن قريبي رشتيدارن کي اِن موقعي تي گهرائڻ چاهيو تہ ڪين دعوت نامو موڪلي ڏيو.

ماڌوداس: سو تہ ٺيڪ. اطلاع ڏنوَ، مهرباني.

ٽيڪچند: مون مسڪان جي سيڪريٽريءَ کي عرض ڪيو آهي. اُن موقعي تي جيڪو بہ خرچ ايندو يا شامل ٿيل جوڙن کي سوڪڙيون-پاڪڙيون، لٽو، مٽيو يا روڪ ڏبو سو سڀ منهنجي طرفان ٿيندو.

ماڌوداس: فقط توهانجي طرفان نہ، توهان ۽ اسان جي طرفان ٿيندو.

ٽيڪچند: جيئن توهان جو حڪم. رام رام.

ماڌوداس: رام رام.

سين 51 : دسهڙا ميدان تي ساموهڪ وواهہ جون سرگرميون تيز آهن. جوڙا ۽ سندن مائٽ موجود آهن. شادي ڪرائڻ وارا پنڊت پڻ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. هن دفعي جوڙا وڏيڪ آهن تہ سر گرميون بہ وڏيڪ آهن. هن دفعي شهر جا بہ نامي رئيس پڻ پنهنجي ٻارن جي شادي، ساموهڪ وواهن جي آيوجن ۾ شامل ٿي ڪري رهيا آهن. اِن خبر ميڊيا کي پڻ حرڪت ۾ آڻي ڇڏيو آهي. اخبارن جا رپورٽر ۽ ڪئميرامئن، ٽي. وي. چئنل جا ڪئميرامئن پڻ ايوينٽ کي ڪوَر ڪرڻ لاءِ موجود آهن. زي ٽي. وي. پروگرام لائيوَ ٽيليڪاسٽ ڪري رهي آهي. فوڪس مهيش مونا تي ٿي وڏيڪ آهي. شاديءَ جي رسم پوري ٿي ٿئي. ڦيرا، ور مالا، مانگ ۾ سندور ڀرڻ، منگل سوتر پهرائڻ سان ڇوڏاري واڌايون وري ٿيون وڃن. وات مني ڪرڻ جي رسم شروع ٿي ٿئي.

سين 52: سهاڳہ سيج تي شاديءَ جي جوڙي ۾ مونا مهيش جي گود ۾ متو ڪري ليٽي پيئي آهي. مهيش لڳاتار مونا جي چهري کي تڪي رهيو آهي.

مونا : ڇا ٿا ڏسو؟

مهيش : ڏسان ٿو سچ آهي يا سپنو؟

مونا : ڇُهي ڏسو.

(مهيش مونا جي مٿان جُهڪندو ٿو رهي. مونا کي پنهنجي لبن سان ڇُهڻ ٿو چاهي. لائيٽ دِمر ٿيندي ٿيندي بند ٿي ٿي وڃي. اچانڪ لائيٽ تيز ٿي وڃي ٿي. پڙدي تي اکر ٿا اُڀرن هئپي بگننگہ.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاڱو ٻيون : ناول
ٻن پُڙن جي وڇِم

سونهاري سنڌ سنڌ جي سڀيتا، سنسڪرتي، سنسڪار جي راڄڌاني لاڙڪاڻو ضلع. رئيس هلت، مهمانوازي، ڀائيچاري، ڀڳتي ڀاو وارو ضلع لاڙڪاڻو. وڏيرن، وڏن زميندارن جو مرڪز، سارين جو ڪٺورو، موهن جي دڙي جي سڀيتا جو مرڪز، باغ باغيچن، وڻج واپار ۾ اڳرو.

لاڙڪاڻي ضلع جو هڪ ڳوٺ نئون ديرو، ريلوي اسٽيشن، چانورن جي نڪاس جو مرڪز، وڻجارن واپارين جو ڳوٺ. نئين ديري جي هندن ۾ سرمور منگهنملاڻي گهراڻو. منگهنملاڻي گهراڻي جي موجوده پيڙهيءَ جو هرتا ڪرتا سيٺ سورجمل.

مل جاتي ڀارت ۾ يوريشيا مان آئي هئي. مل هڪ سورما جاتي هئي. آرين وانگر رنگ جا گورا، جانٺا جوان. آريہ اُتر دشا کان لداخ جي رستي سنڌو نديءَ جي ڪناري ڪناري وڏندا سنڌ جي سرسبز علائقي ۾ اچي ويا. اِها ڳالهہ غلط آهي تہ آريہ ڀارت جا مول نواسي هئا. سنڌو ندي اُتر کان ڏکڻ دشا ۾ وهندي آهي نہ ڪ ڏکڻ کان اُتر دشا ۾. آريہ بہ لداخ جي رستي سنڌ ۾ آيا هئا. لداخ ۾ اڄ بہ مول آرين جون پنج-ڇهہ بستيون آهن. مل بہ ٻاهران آيا هئا.

سنڌ جا مول نواسي دروڙ هئا. رنگ جا سانورا هئا. اڄ بہ سنڌ ۾ جيڪي سانورا آهن سي دروڙ نسل جا آهن. گوري رنگ وارا آرين، مل ۽ ٻي جاتين جي موُل جا آهن- جيڪي ڪڻڪ رنگي ورڻ جا آهن، سي دروڙ ۽ آرين جي ميل جو نتيجو آهن.

سورجمل رنگ جو گورو، قد سوا پنج فوٽ، سينو ٥٦ انچ، چهرو سج جي تپش ۽ تيج وارو، اکيون ٻلوري، مڇون وڏيون، رعبدار چهرو. ڪنگهڪار ڪري جڏهن نڪرندو هو تہ گهر جون زائفون تہ ڇڏيو ٻاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واريون بہ وڃي ٻرن (پنهنجي ڪمري ۾) لڪنديون هيون ٻار هيسجي ماءُ جي پنيان سندس پلئہ پڪڙي لڪندا هئا.
سورجمل جڏهن گهر ۾ هوندو هو تڏهن اول تہ ڪائي ننهن سامهون نہ ويندي هيس، اگر ويندي هئي تہ لنبو گهونگهٽ ڪڍي. رواج ڪجھہ اهڙو هو جو ڏينهن جو زال مڙس ڪان بہ منهن ڍڪيندي هئي. رات جو ڪم ڪار سهينجي لالٽين جي جهيڻي روشنيءَ ۾ ڪمري ۾ ويندي. مرد اِنتظار ڪري اينرو اُٺاولو ٿي ويندو هو جو گهرواريءَ جو منهن ڏسڻ بجاءِ ڪيس ٻانهن ۾ ڀري سيني سان لڳائيندو هو. اِن جو ڇوڪرين کي ڀرپور فائدو ملندو هو، ڪاريون بہ اگهامي ويندڻيون هيون. هڪوار نينهن جو ناتو جُڙيو تہ ڪاريون بہ پياريون لڳنديون هيون.
اڄ جو ماحول ئي ڏسجي تہ ڪرم ڪٽڻ تي دل چاهي. اڳير تہ پارٽين جي مالي حالت ۽ ڏي-وٺ جو حساب، اُن ڪان پوءِ رنگہ روش، اِنچ ٽيپ کڻي فوٽ اِنچ ماپيندا. اِها رنڊڪ بہ دور ٿي تہ جوتشي منگل ڇنڇر گڏ ڪري ڇڏي پلي ڪم کي ٽوٽو هٽي ڇڏيندا. ڪنهن نموني جوتشي بہ راضي ٿيا ۽ رشتو جُڙيو تہ مڱڻي جي موقعي تي ڇوڪرو ڇوڪري هڪ ٻئي کي موبائيل پيٽ ڪندا پوءِ شروع ٿيندو لنبي وارتا جو دؤر. اڌ اڌ رات تائين ڇوڪرو ڇوڪري بي مطلب جي بڪواس ڪندا رهندا. خدا نہ خواستا ڪنهن جي وات مان ڪوئي ڳُتو لفظ نڪري ويو تہ ٺونٺ لڳي ساهيڙي پڳي وارو حساب ٻڻجي ويندو. مائٽ ويچارا ڪرم ڪٽيندا رهندا. نئين سري سان تلاش، نئين سر مغزماري، جڏهن ڳولهي ڳولهي بيزار ٿيندا، ڇوڪرو ڇوڪري بہ پشيمان ٿيندا تہ پوءِ بہ مڪياري، جيسنائين نيي تہ نيي نہ تہ تون پنهنجي دڳہ، آءٌ پنهنجي دڳہ.
جيسنائين سنڌ ۾ هئاسين، هلت چلت ۾ سادگي هئي. سچائي هئي، وڏي گهر جون زائفون بہ گهر جي ڪم ۾ آر نہ سمجهنديون هيون. سڄ اڀرڻ اُيري اُٺي ٻهاري پائي گهر جي ڪُمت ڪڍنديون هيون. جنڊ تي ڪٽڪ پيهنديون هيون، ڏڌو لوڙي مکڻ ڪڍڻ روز جي ڪرت ۾ شامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو هو.

سٺي خوراڪ ۽ محنت ڪري زالُون جانٺيون جوان هونديون هيون. اٺ ڏهه ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ به چونديون هيون دل مانگي مور.

اڄ سڄو ڪم مائين جي پروسي. مائي نه ايندي ته منجهند جي ٻين ٽين بجي تائين ٻهاري نه پوندي، گهر جي ڪُمت نه نڪرندي ته گهر ۾ سُکه شانتي ڪٿان ايندي؟ برڪت ڪيئن پوندي؟ پڙهائيءَ جي چڪر ۾ يا ناز نخرن ڪري اڌ عمر ڳاري ڪنديون شادي، ٻه-ٽي سال ٻار ڄڻڻ کان ڪنديون پرهيز. گريوٽي ٿينديون ته ٻئي مهني ڪانپوءِ وڃي ٿينديون ڊاڪٽرياڻين جي حوالي. ڊاڪٽرياڻي ڏسندي آسامي سٺيي آهي، وڏي گهر جي آهي ته صلاح ڏيندس بيڊ ريسٽ جي. سَنڌ سُڪائي ڊليوريءَ جي ٽائيم تي وينديون ڊاڪٽر وٽ. ڊاڪٽر ائڊمٽ ڪري، ڏينهن ٻه اِنتظار ڪرائي چوندي، نارمل ڊليوري نه ٿي سگهندي، آپريشن ڪرڻو پوندو. آپريشن ڪانپوءِ مائي اڳو پوءِ هيٺي، عمر ڀر جي رنجهه ڪنجهه، هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻه ٻار ڄڻينديون. ان ڪانپوءِ ٻه ڄمڻ سان بوتل ٻار جي وات ۾.

مشڪل سان ٻار ٻن سالن جو ٿيندو ته نرسريءَ ۾ داخل. پيار کان، راند کان محروم ٻار پاڻ کي اڪيلو ۽ اَسُرڪشت محسوس ڪندو. من اُچاٽ ٿي ويندس. ڪاڏو-پيتو به پانءِ نه پوندس. مائر ٻار کي سٺي کاڌ خوراڪ ڏيڻ بجاءِ هير وجهندس فاسٽ فوڊ جي. ٻار شاريرڪ ۽ مانسڪ طور تي ڪمزور ٿي ويندو.

سيٺ سورجمل اوطاق مان نڪري گهر طرف وڃي رهيو هو. سيٺ کي ڏسي منگٽي سوال ڪيو- ”سيٺ ست...“

سورجمل رڙ ڪري چيس، ”انين پيٽ ۾ ويلو وڏو اَٿي؟“

منگٽي جون منيون مُنجهي ويون. پاڻ سنيالي چيائين، ”سيٺ، آءٌ چئي رهيو هيس، توهان جون ست پيڙهيون سلامت رهن، شاد آباد رهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺ سورجمل کي ترس اچي ويو. جارج ڇهين جي فوٽوءَ وارو چانديءَ جو رپيو منگتي جي هٿ تي رکيائين. منگتي کي ڪائي خوشي نہ ٿي. سورجمل جي رڙ ڏيڍر ڏرا ڪري ڇڏيا هيس. اڳتي وڌي پٽ جي آڏو ۾ ٻيهي ڏنائين تہ، سندس سَٽَ تہ آلي نہ ٿي هيس.

سيٺ سورجمل کي اٺ پُٽ هئا. ڪلومل، ٻلومل، مينهون مل، شيهونمل، جيئومل، سيئومل، ڏالومل ۽ ٻالومل. انن ٻارن جي ماءُ شانتي ديوي سهن شڪتيءَ واري ۽ شانت سڀاءُ واري هئي. تڏهن تہ سورجمل جهڙي اُگري سڀاءُ واري شخص سان گهاري سگهي هئي.

سورجمل جا اٺ ئي پُٽ جوان ٿيا، شاديءَ لائق ٿيا تہ بہ سورجمل جي رعب داب ڪري سهميل ۽ خاموشيءَ ۾ رهندا هئا. سورجمل جي پُٽن مان پويان چار ئي پڙهي لکي سگهيا. باقي پهرين چئن لاءِ تہ ڪارو اکر مينهن برابر. سورجمل پاڻ هٿ واٽڪا اکر سکيو هو. حساب ڪتاب هٿ واٽڪن اکرن ۾ لکندو هو. وڏي پُٽ ڪلومل کي زمينداريءَ جو ڪم ۽ هٿ واٽڪا اکر پاڻ سيکاريا هئائين، جيئن سورجمل کانپوءِ ڪلومل زميداري ۽ حساب ڪتاب سنڀالي سگهي. جوڪرا شاديءَ لائق ٿيا تہ جڳومل جوڙي-جوڙي جو رشتو ڪري شادي ڪرائيندووين. سورجمل پئسي کي نہ ڏسندو هو. گهر، خاندان، اُٿڻي-ويهڻي ٻار جا سنسڪار ڏسندو هو. اٺ ئي پُٽ زميندار ۽ واپاري طبقي مان پرڻايائين.

وڏي جي شادي خئري ديري مان ڪرايائين. خئري ديرو موهن جي دڙي مان کوٽي ڪڍيل شهرن جي اڏاوت جو هوبهو نمونو هو. وڏا چوڙا روڊ-رستا، ڪچن رستن تي بہ ڌوڙ مٽيءَ جو نانءُ نشان نہ. روڊ جي ٻنهين طرف ڪشادا هوادار وڏا گهر. گهرن ۾ هئنڊ پمپ، گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ لاءِ ڪسيون ۽ حوديون نهيل. جن جي روز صفائي ٿيندي هئي. مارڪيٽ ۾ پڪا دڪان نهيل هر طرح جو وڻج-واپار. روشنيءَ لاءِ رستن تي لئمپ پوسٽ تي فانوس لڳل. ڳوٺ ۾ اوير کان اولهہ طرف نهر. نهر مان روڊ تي پُل ٻڌل. شهر جي اِنتظام لاءِ چونڊيل ڪاميٽي. سڀ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باترتيب هو. کئريديري جي رائيسي مل مالڪ سيٺ سلامتراءِ جي ڪنيا ڪلان سان ڪلوءَ جي شادي ٿي.

بلوءَ جي شادي بنگلديري جي زميندار سيٺ گوهومل جي ڪنيا ڀاڳان سان ٿي.

مينهونمل پنجوديري جي صَوِيراج جي نياڻيءَ ميران سان ٻَڌيو.

شيهون سڌو ديري جي موجومل جي ڪنيا سشما سان، جيئومل ڳچلن جي جانڪيءَ سان. سيئو ڏڪڻ جي سُڌا سان، ڏالو رتيديري جي ڪپڙي واپاري ڪرپالداس جي نياڻيءَ ديا سان ته ڀالو مدئجيءَ جي زميندار روپچند جي نياڻي رتنا سان.

سورجمل جي پهرين ۽ پوٽين نونهن آريہ نسل جون هيون. باقي ڇهہ دروڙ نسل جون. اٺ ئي ڇوڪريون ڳوناٺي ماحول ۾ پليون نپنيون هيون. البت اُنهن ۾ رتنا هئي تہ ڳوناٺي، ليڪن ناناڻا سکر ۾ هيس. رتنا کي ڪجهہ حد تائين شهري هوا لڳل هئي.

رتنا شادي ڪري آئي تہ ساهري گهر جي ٻوسٽ واري گهر ۾ دم گهٽجڻ لڳس. ماحول ۾ تبديل آڻڻ جي سوچيائين. هڪ ڏينهن ڪُتيءَ ڪنيس سَسُ ڪان رسوئيءَ جي ٿالهي وٺي سهري کي ڏيڻ ويئي. اڌ نڪ تائين گهونگهٽ ڏڪيائين پرسان وڃي چيائينس، ”بابا، رسوئي.“

سورجمل رڙ ڪئي- ”شانتي.“

رتنا جو روح ڪنبي ويو. هٿ پير ڏڪڻ لڳس. شانتي ڀڄندي آئي. رتنا جي هٿ مان ٿالهي ورتائين. رتنا اِئين وٺي ڀڳي جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ. سڌو ڪمري ۾ وڃي کٽ تي اونڌي منهن وڃي پيئي. ساهہ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳس. نيڻن مان نير وهڻ لڳس.

سورجمل شانتيءَ کي دب ڪيندي چيو- ”وڃ هيءَ روٽي ڪُتن کي ڏيئي اَچ. وري اِها بدتميز ڇوڪري منهنجي سامهون نہ اچي.“

شانتي ٿالهي هڪ طرف رکي سورجمل جي لاءِ ٻي ٿالهيءَ ۾ رسوئي کڻي آئي. سورجمل جي رڙ ٻڌي سندس ٻين نونهن جو بہ هيانءُ هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ٽيندو رهيو. دل ڏڙڪڻ لڳي.

رتنا مڙس سوڏي پيڪي ويئي ته واپس نه موٽي. مدئجيءَ کان سڌو سکر پهچي ويئي. رتنا جي مامي ٻالوءَ کي ميونسپالٽيءَ ۾ نوڪري وٺي ڏني. رهڻ لاءِ ڪرائي جو مڪان، ٻالوءَ پيءُ جي تعبيداريءَ بجاءِ زال جي غلامي بهتر سمجهي.

سورجمل ٻکيڙو ڪرڻ بجاءِ چُپ رهڻ بهتر سمجهيو. ساڳئي وقت انديشو پڻ ٿيس ته ٻي به ڪا نونهن بغاوت نه ڪري. اُن جو اُپاءُ ڪرڻ ضروري سمجهيائين. سڄي رٿا رٿي هڪ ڏينهن سيني پٽن کي گڏ ڪري چيائين، ”سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي مکيون ٿا ماريو. هاڻي ڪُٽنب ايال وارا ٿيا آهيو. ڪائي ڪرت ڪار ڪريو.“ پٽن چيس- ”بابا توهان جيڪي حڪم ڪريو اَسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.“

سورجمل چين- ”ڪلوُهتي رهي زمينداري سنڀاليندو. ٻلو رتيديري وڃي ڪرپالداس وٽ ڪپڙي جو ڪم سکي لاڙڪاڻي وڃي ڪپڙي جو ڌنڌو ڪري. مينهون خئرپديري ۾ سلامتراءِ جي مل تي وڃي سارين چانورن جو واپار ڪري. اُتي گهر ڪري وڃي رهي. سلامتراءِ تي بوجهه نه بڻجي. شينهون هتي ئي ڪرياڻي جو ڪم سکي لاڙڪاڻي وڃي ڪرياڻي جو ڌنڌو شروع ڪري. جيٺو سيٺو ۽ ڏالو ڪائي سرڪاري نوڪري ڪن.“ ڏالوءَ کي بنگديري ۾ ماستريءَ جي نوڪري ملي ويئي. ماستريءَ سان گڏ تار ٽپال جو ڪم به ڪرڻ لڳو. جيٺو سيٺو رونيوُ کاتي ۾ سپروائيزر بڻيا. هڪ قنبر ۾ ته ٻيو باڍهه ۾ وڃي ڪم تي لڳو. پنهنجن ٻارن کي به وٺي ويا. نئوںديري ۾ باقي سورجمل، شانتي، ڪلومل، ڪلان ۽ سندن سڪيلڌو پٽ ڪشورمل رهيا.

زمينداريءَ جو گهڻو ڪم ڪلومل پاڻ تي هموار ڪري ڇڏيو. ڪلان سڄو ڏينهن گهر جي ڪرت ڪار ۾ پوري. سورجمل گهڻو تڻو اوطاق ۾ وقت گذاريندو هو. گهر ۾ هوندو هو ته شانتيءَ سان گڏ پنهنجي ڪمري ۾. شانتي سوچيندي هئي- ”ڇٽيا گهڻا، اسان اُهي ئي ٻه ڄڻا.“ سورجمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي عقلمنديءَ سان گهر پريوار کي ٽُٽڻ کان بچائي ورتو. الڳ رهندي به ڀائرن ۾ ايڪو ٻڌيو رهيو. ڄڃ ڪارج ۾ يا ڏڻ وار تي سڄو ڪٽنب گڏ ٿيندو هو. مؤج مچي ويندي هئي. شانتيءَ جي خوشيءَ جو ٺڪاڻو نه هوندو هو. سورجمل نرلپت گهٽي ڀاڱي ايڪانت ۾ ۽ چپ رهندو هو. سندس پُٽ هاڻي خود وچي ساڻس ڪچهري ڪندا هئا ۽ ڏنڌي ڌاڙيءَ جو حال-احوال ڏيندا هئا. ڀالوءَ ئي اهڙي موقعي تي ندارد هوندو هو. اگر ايندو به هو ته اڪيلو، رتنا ساڻ نه هوندي هيس. هڪ به ڏينهن رهي حاضري ڀري هليو ويندو هو. ڀالوءَ جي اچڻ جي شانتيءَ کان سواءِ ڪنهن کي به خوشي نه ٿيندي هئي.

سال گذري ويا. اِهو سلسلو هلندو رهيو. هرڪو پنهنجي جڳهه تي ڦلجندو ڦولجندو رهيو. پريوار جو واڌارو ٿيندو رهيو. شانتيءَ جي ڪنهن به نونهن سَسُ وانگر اڳ ٻار ڄڻڻ جي همت نه ڏيکاري.

ڇوندا آهن هر وقت بهار جي مند نه هوندي آهي خزان به ايندي آهي. سنڌ جي هندن تي به خزان جو دؤر دستخط ڏيڻ شروع ڪئي. سياسي ماحول گرمائڻ لڳو. جناح پاڪستان جي گُهر تي اڏول رهيو. سنڌ جي هندن لاءِ اِها خطري جي گهنٽي هئي. ان خطري کي سورجمل ڀانپي ورتائين. ٻارن جي وئڪيشن شروع ٿي ويئي هئي. سورجمل جو سمورو پريوار نئونديري ۾ گڏ ٿيو. سورجمل سيني پُٽن کي ايندڙ خطري کان آگاهه ڪيو ۽ چيائين ته جلد هندستان هلڻ جي تياري ڪيو. ڀالوءَ کي چيائين، ”هندستان وچي رهڻ لائق ڪوئي ٺڪاڻو ڪري اچ.“ اِها به هدايت ڪيائين ته ڪوئي واهڻ نه ڳولهي. شهر بحر آهي اُتي ترقي جلد ڪري سگهندءُ. جيٺو کي چيائين، ”تون به موڪل وني گڏ وڃيس. ٻه ٻارهن ٿيندا آهن.“ جيٺو چيس، ”اسان کي ڏنڌي واپار جي ڄاڻ نه آهي. بهتر ٿيندو ادو شينهون مل ساڻ وڃيس.“ سيني کي اِها ڳالهه ٺيڪ لڳي.

جلد ئي شينهونمل ۽ ڀالومل حيدرآباد جي رستي ڀارت وڃڻ لاءِ روانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيا. ٽرين ۾ هڪ ڪڇي ڪوجو ملين. جنهن سان ڳالهائڻ-ٻولهائڻ مان پتو پيين تہ هو ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. ڪپڙي جو ڌنڌو ڪندو آهي. لالاڻي سرنيمس هيم. لالاڻيءَ ٻُڌاين تہ سندس ڀائي پراڻي احمدآباد ۾ رهندا آهن. هوُ ڪين ورهاڱي جي خطري کان آگاهہ ڪرڻ ٿو وڃي. احمدآباد ڇڏي ڪراچيءَ يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ اچي رهڻ. ڪڇي سنڌي ٻوليءَ جو ئي هڪ روپ آهي. ٻوليءَ جو بہ مسئلو نہ رهندو.

ڏالومل ٻُڌايس تہ هو ٻئي ڀائر بہ ڀارت ۾ وسڻ جا خواهشمند آهن ۽ نڪاڻي جي تلاش ۾ وڃي رهيا آهن.

ڪوجي صلاح ڏنن تہ ٻئي اُن سان گڏ احمدآباد هلن. اُتي سندس ڪٽنبين جي پراپرٽي ڏسن. پسند اچين تہ پراپرٽيءَ جي مٽا سٽا ٿي سگهي ٿي. ٻنهين کي اِها ڳالهہ پسند آئي. ڪوجي احمدآباد پهچي شينهينمل ۽ ڏالومل جي رهڻ جو اِنتظام ڪيو. پنهنجي ڪٽنبين سان سندن واقفيت ڪرائي. ڪين پنهنجا دڪان مڪان ڏيکاريا. هڪ شاهي باغيچو پڻ ڏيکاريو. جنهن ۾ گجرات جي مشهور ڪيسر انب جا وڻ هئا. گُلن ۽ ڀاڄين جي پڻ ڪيتي ٿيندي هئي. ڪپڙي ۽ ڪرياڻي جا دڪان هين. مڪان بہ سٺا پڪا ۽ سنيءَ رهڻ لائق حالت ۾ هئا. ڪوجن جي ڪُل پراپرٽيءَ جي قيمت جي ڪٿ ڪيائون. سڀ ڪجهہ پڪ ڪري، احمدآباد جي ٻن ڪوجن ۽ ڪراچيءَ واري ڪوجي سان گڏ نئون ديري موٽي آيا. ڪين پنهنجي اوطاق ۾ رهاياءون. سندن کاڌي-پيتي جو اِنتظام گهر ۾ ئي ڪيائون. ڪين اوطاق، پنهنجون ٻنيون ڏيکاريائون. حويليءَ لاءِ سورجمل منع ڪئي. اُن ڪانپوءِ ڪين خئرپديري، ٻنگديري، رتيديري، قنبر ۽ بادهہ ۽ لاڙڪاڻي جون پراپرٽيون ڏيکاريون. ڪوجن نئونديري جي زمين ۽ اوطاق، رتيديري ۽ لاڙڪاڻي جي پراپرٽين جي رضامندي ڏيکاري. قيمت ڪٿي ويئي. سؤدو طيءِ ٿيو. دستاويز تيار ڪيا ويا. پهريائين ڪوجن پنهنجي پراپرٽي سورجمل جي پٽن جي نالي ڦيرائي. پوءِ جڳومل ۽ سندس پُٽن پنهنجي پراپرٽي ڪوجن جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيرائي. باقي فرق سورجمل ڪين نقد ڏنو. خئرپديري، بنگلديري، ڦنبر ۽ باڊهه جي پراپرٽي اوٽي پوٽي وڪڻي سيٺي احمدآباد وڃڻ جي تياري ڪئي. سورجمل ڪجهه وقت ڪانپوءِ اچڻ لاءِ چيو.

هر ڪنهن وٽ پنهنجي پونجي هئي. ڪجهه پراپرٽيءَ جي وڪري مان حاصل ٿي هئي. جيٺو سيٺو به نوڪريءَ مان چڱو مال ڪمائي آيو هو. هڪ ڏالومل ئي هئو جنهن ڪي سڪيءَ پگهار ڪانسواءِ ٻي ڪا آمدني نه هئي. البت سندس گهرواريءَ ديا وٽ جهجها زيور هئا. اُن ڪان علاوه شانتيءَ پنهنجي نت چڙي باقي سڀ زيور نونهرن کي ورهائي ڏنا. سورجمل نقد رقم پڻ جهجهي انداز ۾ ڏنائين. ڏالوءَ کي وڏيڪ ڏنائين جو اُن وٽ پنهنجي پونجي گهٽ هئي. آخر هڪ ڏينهن سڀ احمدآباد روانا ٿي ويا. ڪيترو زور پرڻ ڪانپوءِ به شانتي پُٽن سان گڏ نه ويئي. مڙس سان گڏ نئونديري ۾ ئي رهي.

مل پريوار سنڌ ڇڏي پارٽ وڃي رهيو. ڪنهن کي به گمان نه هو ته سدائين لاءِ وڃي رهيا آهن. سوچين پيا اچڻ-وڃڻ لڳو رهندو. فقط ڏالومل ئي هو جنهن جي دل ۾ وطن کان وڇوڙي جو درد هو. هوُ پنهنجي درد جو اِظهار درد پرئي گيتن ۽ نيڻن جي نير سان ڪرڻ لڳو. سچي ڪمپارٽمينٽ ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. سيٺي جو ڌيان ڏالومل ڏي هو. مڙس جو حال ڏسي ديا جو به من پرجي آيو ۽ هوءَ به روئڻ لڳي. ڪنهن کي به سندن روئڻ جو ڪارڻ سمجهه ۾ نه آيو.

ٿوري ئي وقت ۾ مل پريوار احمدآباد ۾ وسي رچي ويو. ڏالومل کي تار آفيس ۾ نوڪري ملي ويئي. گجراتي نه اچڻ سبب جيٺو سيٺوءَ کي نوڪري نه ملي. ٻئي پائرن جي ڪم ۾ مددگار ٿي رهيا.

ڪلومل باغيچو سنڀالڻ لڳو. ڪجهه زمين خريد ڪري کيتي به ڪرائڻ لڳو. بلومل اناج جو ٻڌو ڌنڌو شروع ڪيو. مينهيمل ڪپڙي جو ته شينهيمل ڪرياني جو ڪم شروع ڪيو.

سورجمل حويليءَ جي آس پاس جو حصو ڍهرائي پٽ ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط وچ وارو حصو بچايائين. گهر جي ٻاهران اٺ فوٽ اونچي ڀت ڪٽايائين. ٻاهرئين دروازي کي بدلائي مضبوط دروازو لڳايائين. گهر جو هڪ ڪمرو ڪٽڪ، چانور، دالين، گيهه، کنڊ ۽ ٻئي ڪرياڻي جي سامان سان ڀري ڇڏيائين. حويليءَ جو جيڪو حصو ٽوڙايو هئائين اُن مان جيڪي شهتير، دريون دروازا ۽ ٻيو لڪڙيءَ جو سامان نڪتو هو اُن کي ڏارائي چيرائي ڍير ڪري رکيائين. اهالڪڙي چلهه ٻارڻ جي ڪم اچڻ لڳي. گاسليٽ جو وڏو ڪنسٽر ڀرائي رکيائين. بندوق جا ڪارتوس به - ٽي بڪسا گهرائي رکيائين. گهر جو جيترو سامان هفتي ۾ خرچ ٿيندو هو، اوترو آٽي رکندو هو. ڪپڙا به پنهنجا ۽ شانتيءَ جا پنج-پنج وڳا سبرائي ڇڏيائين. جنهن کي پنهنجون ڳايون مينهون وڪيون هئائين اُهو صبوح شام ضرورت جيترو کير ڏيئي ويندوس هوس.

سورجمل من ۾ پرڻ ڪري ڇڏيو هو ته جيئڻ مرڻ اِتي ئي. پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي ڪيڏانهن به نه ويندو. شانتيءَ به پتيءَ جو پاڇو ٿي رهڻ جو محڪم اِرادو ڪري ڇڏيو هو. پٽ اچڻ لاءِ لکندا رهندا هين. اُنهن کي آسري ۾ رکندا ايندا هئا. ليڪن وڃڻ جو ڪوئي اِرادو نه هين. وقت به وقت ڪوئي نه ڪوئي پٽ اچي ملي ويندو هين ۽ حالي-احوالي ٿي ويندو هين.

وقت گذرندو رهيو. حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون ويون. آخر جناح جو ضد پورو ٿيو. پاڪستان وجود ۾ آيو. اڌ بنگال، اڌ پنجاب ۽ پوري سنڌ پاڪستان جي حصي ۾ آئي. لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. پارت مان جيڪي مهاجر سنڌ ۾ آيا هئا، هندن جون ملڪيتون هٿ ڪرڻ لاءِ هندن جي مٿان حملا ڪرڻ لڳا. هندن ۾ هِراس ڦهلجي ويو. هندو پنهنجون ملڪيتون ڇڏي جان جي سلامتيءَ لاءِ ڀارت وڃڻ لڳا. ڏٺي باز نيتائون هندن جي جان مال جي رکيا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا. ڀاڱ به راڄ جو شڪر پوڳڻ لاءِ حڪومت ۾ حصو وصول ڪرڻ لاءِ پارت پڳا.

بالوُ گيرواريءَ جي غلامي ته قبول ڪئي هئي. مگر ساهرن ۽ وڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساھرن جي غلاميءَ کان عاجز اچي چڪو ھو. ٻالوءَ جا ساھرا، وڏا ساھرا پراپرتي وڪڻڻ ۾ لڳا پيا ھئا. خريدار ڪوئي ھئو ڪونہ. مھاجر اِن تاڙ ۾ لڳا پيا ھئا تہ ھندو ڀڄن تہ سندن زمين جائداد تي قبضو ڪن. ٻالوءَ ڪي ڪائي جائداد وڪڻڻ لاءِ ھئي نہ. مڪان بہ ڪرائي جو ھيس. ھوُ پارت وڃڻ لاءِ تيار وينو ھو.

ڪانگريس جو ھڪ نيتا، سکر ميونسپالٽيءَ جو چيئرمين ھو. سو پنھنجي ڪٽنب پريوار ۽ متن مائٽن سوڌو لڏڻ لاءِ تيار ٿيو. حيدرآباد مان بہ ٻوگين بوڪ ڪرايون ھئائين. ٻالوءَ جي ساڻس واقفيت ھئي. ٻالوءَ جي عرض ڪرڻ تي ڪيس پنھنجي گروپ ۾ شامل ڪيائين. ر

وڃڻ کان اڳہ ٻالوُ نئوندير ي ويو. ماءُ پيءُ جي پيرن تي ڪري معافي ورتائين. ڪين گڏ پارت ھلڻ لاءِ زور پريائين پر سورجمل صاف منع ڪيس. شانتيءَ چيس، ”رتنا کي ڏيڻ لاءِ ڪجھہ نہ بچيو آھي. سڀ سون تنھنجي پاڇائين کي ورھائي ڏيئي ڇڏيو، فقط ھيءَ نٿ بچي آھي، اِھا ئي ڏيانءِ ٿي.“

ٻالوءَ پيرن تي ھٿ رکي چيس، ”امڙ توھان جي آسيس ئي گنج آھي. پنھنجي سُھاڳہ جي نشاني نہ لاھيو.“

سورجمل پنھنجي قميص جا سونا بٽڻ، ڪف لنڪ ۽ مُنديون لاھي زوريءَ ٻالوءَ کي ڏنيون. ھزار رپيا روڪ بہ ڏنائينس. سمجھيائين تہ ھاڻي وقت اچي ڀڳو آھي. پاڻ وٽ ڪجھہ بہ رکڻ بيڪار آھي. ٻالوءَ ڪارتوس جا بہ بڪسا ۽ جي. بي. منگھارام جي بسڪوٽن جو ھڪ ڪوکو سورجمل جي قدمن ۾ رکيو. پيءُ ماءُ کي پيري پيئي موڪلائي واپس سکر روانو ٿيو.

نيتا گھنشيامداس جي رسوخ ۽ ڪجھہ دان دکشنا جي ڪري سندس ٻن ٻوگين جي نالي ماتر تلاشي ٿي. سڀ ياتري مال متاع سميت پاڪستان جي حد پار ڪري صحي سلامت پارت پوميءَ ۾ پالي مارواڙ پھتا. مڏيہ پارت جو ڪانگريسي نيتا شري ڪنعيالال مھتا گھنشيامداس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو واقفڪار هو. تنهن ڪيس اُجين ضلع جي تحصيل ٻڙنگر ۾ اچڻ جي نينڊ ڏني هيس. سندن رهڻ لاءِ لڪيسرا بلڊنگ ۽ شانتي نڪيتن ٻئي حويلي نما وڏيون بلڊنگون ۽ ٻيون گهٽيون پاڙي تي ورني رکيون هيون.

ٻہ ڏينهن پالي مارواڙ ۾ گهاري ٽرين رستي وايا چتوڙگڙهہ سڄو ڪنبو ٻڙنگر پهتو. گهنشيامداس پنهنجي پوري ايال سميت لڪيسرا بلڊنگ ۾ وڃي رهيو. ڪجهہ عزيز ۽ ٻالومل ڪٽنب سميت شانتي نڪيتن ۾ رهيا. باقي جيڪي ٻچيا سي بہ پنهنجي ضرورت ۽ سهوليت سان ڪرائي جا مڪان وني وڃي ٽانئيڪا ٿيا.

ٻالچند نالي جي مل حصي مان چند سڏائڻ لڳو هو. پُٽ جو نالو بہ لعلچند رکيو هئائين، طيءِ ڪيو تہ هاڻي نوڪري ناهي ڪرڻي چاهي ها تہ ٻڙنگر پالڪا ۾ سولائيءَ سان نوڪري ملي وڃيس ها، پر هن ڌنڌو ڪرڻ جو ٺي من ٺاهيو. سکر ۾ فري ٽائيم ۾ رتنا جي ماروت جي ميهار جي دڪان تي وڃي ويهندو هو. ڌنڌي جي ڄاڻ تي ويئي هيس. سو ميهار جو ڌنڌو ڪرڻ جو ٺي من ٺاهيائين. ٻڙنگر ننڍي جڳهہ هئي. اُتي گنجائش گهٽ سمجهہ ۾ آيس. وڏن شهرن ۾ ٻڙنگر جي ويجهو بہ شهر هئا. اُجين ۽ اِندور. اِندور اُجين کان وڏو شهر هو. ٻالچند اِندور ۾ ٺي وسڻ جو فيصلو ڪيو. ٻڙنگر ۾ رهندي هفتي کن ۾ ٺي هندي ٻولي سمجهڻ لڳو هو. ٿٽي ڦٽي هندي ڳالهائڻ بہ ايندي هيس.

هڪ ڏينهن تيار ٿي صبوح جو ساڍي اٺين ٻجي واريءَ ٽرين ۾ اِندور روانو ٿي ويو. ٽرين ۾ ٺي مسافرن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان پتو پيس تہ اِسٽيشن کان ست-اٺ منٽن جي پيدل رستي تي راڻيپورا ڪٽلري ۽ جنرل واپار جو هول سيل مارڪيٽ هو. اِسٽيشن تي پهچي پنڌ پنڌ راڻيپورا پهتو. پنڌ-پنڌ ٺي هڪ سري کان ٻئي سري تائين راڻيپورا گهمي آيو. ڪيترا ٺي دڪان بند مليس. وچ بازار ۾ هڪ دڪان پسند آيس. اُن جي مالڪ جو پتو ڪري اُن سان پڳڙي ۽ ڪرايو (مسواڙ) طيءِ ڪري ڪيس بيانو ڏيئي آيو. دڪان جي مالڪ جو ٺي هڪ مڪان سک مُهلي ۾ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻيپورا جي قريب ئي هو. مڪان مالڪ سان گڏ وڃي مڪان ڏنائين. مڪان پسند آيس. ڪرايو (مسواڙ) طيءِ ڪيائينس. اُن جو بہ بيانو ڏنائينس. اُهو جنوري ۱۹۴۸ جو آخري هفتو هو. ڪرايو پهرين فيبروريءَ کان لاڳو ٿيس. ٽيسٽائين مڪان مالڪ کي چيائين تہ مڪان دڪان جي صاف صفائي ۽ رنگہ روغن ڪرائي ڇڏي. شام جو ڇهين بجي واريءَ ٽرين ۾ واپس وريو. شام جو اٺين بجي ٻڙنگر پهتو. ٽانگي ۾ ويهي گهر روانو ٿيو.

نئوندري مان سڀ هندو لڏي ويا هئا. اڪيلو سورجمل سگهڙو رهيو پيو هو. هاڻي تہ ڏينهن ڏني جو بہ گهر مان نڪرڻ خطري کان خالي نہ هيس. ريلوي اِسٽيشن هئڻ سبب ۽ سوين هندو پريوارن جي لڏي وڃڻ سبب ڪيترائي مهاجر نئوندري ۾ اچي وسيا هئا.

سورجمل جو سمورو راشن ختم ٿي چڪو هو. ٻالوءَ جي آنڊل بسڪوٽن تي گذر بسر ٿي رهيو هين. مهاجرن کي اِن ڳالهہ جو ملال هو تہ اڪيلو ڪافر اڃا تائين ڇو رهيو پيو آهي. اُن کي ڏيڇاري هيسائي ڀڄائي سندس گهر تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيائون. هڪ ڏينهن ڪجهہ مهاجر سورجمل جي گهر ٻاهران گڏ ٿي نعرا لڳائڻ لڳا. سورجمل بندوق لوڊ ڪري ڪٽي آيو. اِنتظار ڪرڻ لڳو تہ مهاجر اڳرائي ڪن تہ فاير ڪري. مهاجر ڪجهہ دير نعريبازي ڪري هليا ويا.

واپس وڃي صلاح مصلحت ڪيائون، نعريبازيءَ جو سورجمل تي ڪوئي اثر نہ ٿيو هو. طيءِ ڪيائون تہ حملو ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوئي اُپاءُ نہ آهي. طيءِ ڪيائون تہ جمع ڏينهن نماز جي وقت سڀ گڏ ٿيندا. پوءِ گڏجي حملو ڪندا.

سورجمل زال کي چيو- ”هاڻي ڏينهن پُڳا آهن. جٽ جلد ئي وري حملو ڪندا. مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.“ سورجمل هيٺئين حصي مان گهر جي ٻيءَ ماڙي تي پهچي ويو. کٽ بسترا، ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان ٻچيل ڪانيون، گاسليٽ جو ٽين، ماچيس، بندوق، ڪارتوس سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ڪٽي ويو. سورجمل مقابلي جي لاءِ پوريءَ طرح تيار هو. رات جو بہ چوڪس رهڻ لڳو.

جمع ڏينهن منجهند جو مهاجر نماز کانپوءِ سورجمل جي گهر جي ٻاهر پهچي نعريبازي ڪرڻ لڳا. سورجمل سِرَ جون آهون لاهي خود ئي اڳرائي ڪرڻ جي سوچي لوڊ ٿيل بندوق تاڪي نشانو ساڌي ٽريگر دٻايائين. گولي هڪ مهاجر جو سينو چيري پار ٿي ويئي. مهاجر اِن حملي لاءِ تيار نہ هئا. هو لٺيون تلوارن سان ليس ٿي آيا هئا.

سورجمل فاير ڪندو رهيو. مهاجر پيڙ جي ڪري زد ۾ هئا. گولي ڪنهن نہ ڪنهن کي لڳي ٿي. مهاجرن ڪهاڙيءَ سان دروازو ڀڃڻ شروع ڪيو. دروازو مضبوط هو. سَولو ٽٽڻ وارو نہ هو. سورجمل لڳاتار فاير ڪندو رهيو. ڪوئي نہ ڪوئي مهاجر مرندو رهيو.

مهاجرن جون متيون مُنجهي ويون. ڪجهہ سوچي ٽاڪي تي ويا. اُتان بندوقون ۽ اَسلحو لُٽي کڻي آيا. اينريءَ دير ۾ سورجمل درين دروازن، هنڌن، ڪپڙن تي ڪانئن جي ڍير تي پنهنجي ۽ زال جي ڪپڙن تي گاسليٽ هاري جلي مرڻ جي تياري ڪري ڇڏي. شانتيءَ کي چيائين، ”تون ٻاهر جي چر سهي نہ سگهندينءَ. هڪ گولي تنهنجي لاءِ بچائيندس. سَولو موٽ ٿيندءِ.“

شانتيءَ چيس- ”آءٌ پارتيہ ناري آهيان. جوهر ڪرڻ اسان کي وراثت ۾ مليو آهي. مون تي گولي خرچ ڪرڻ بجاءِ هڪ وڌيڪ دشمن کي مارجو.“

سورجمل شانتيءَ کي کٽ تي بستري تي ويهي رهڻ لاءِ چيو. شانتيءَ چيس، ”ويهي رهڻ بجاءِ توهان جنهن وقت چوندءُ آءٌ گهر کي باهہ لڳائڻ شروع ڪنديس. توهان آخر تائين مقابلو ڪندا رهجو.“

مهاجر هٿيارن سان ليس ٿي موٽي آيا. اچڻ سان فاير ڪرڻ شروع ڪيائون. سورجمل اوٽ ۾ هو. جڏهن ته مهاجر سورجمل جي نشاني تي هئا. مهاجرن جون گوليون بيڪار وڃڻ لڳيون. سورجمل جي هر گولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن نہ ڪنهن چٽ جي ٻلي وٺي رهي هئي.

چٽ هڪ ٻئي جي ڪُلهن تي چڙهي پِٽ ٽَپي اندر گُهسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. سورجمل وٽ فقط ٻہ ڪارتوس بچيا هئا. شانتيءَ کي ٻاهہ لڳائڻ لاءِ چيائين. شانتيءَ ٻاهہ لڳائڻ شروع ڪئي. سُڪل ڪانيون وري گاسليٽ ۾ پُسيل جلد ئي ٻاهہ پڪڙي ورتائون. ڏسندي-ڏسندي ٻاهہ جون لپٽون اُٿڻ لڳيون. هڪ چٽ پٽ ٽپڻ چاهي. سورجمل کيس نشانو بڻايو. گهر کي لڳل ٻاهہ ڏسي مهاجر مُنجهي پيا. سوچڻ لڳا ڇا ڪرڻ گهرجي ؟ سندن هٿان مرڻ بجاءِ ڪافر خود ئي موت کي ڳلي لڳائي رهيو آهي. سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿي ويچار ڪرڻ لڳا. مفت ۾ ماڻهو مارايائون. هٿ ڪجهہ بہ لڳو نہ هين.

مهاجرن جو ليڊر پيڙ کان الڳ بيٺو هو. سورجمل آخري بچيل ڪارتوس سان اُن ليڊر کي نشانو بڻايو. پوءِ وڃي شانتيءَ سميت جلندڙ بستري تي ويٺو. شانتيءَ جو متو پنهنجي چوڙي سيني ۾ لڪايائين. خوشي-خوشي سان پنهنجو سيس جنم ڀوميءَ تان قربان ڪيائون.

گهٽنا جي جاچ لاءِ خود ڪليڪٽر، پوليس ڪپتان موقعا-اي-واردات تي آيا. پنو ڪري رتيديري مان سورجمل جي ڪنهن ڏوراهين مائٽ کي پوليس پهري گهرائي سورجمل ۽ شانتي ديويءَ جون هانيون گڏ ڪرائي پروان لاءِ حوالي ڪيائون. اُهو سڄڻ سکر وڃي سنڌو نديءَ ۾ هانيون پروان ڪري ڪرياڪرم ڪرائي آيو. تار رستي سورجمل ۽ شانتيءَ جي موت جي خبر ڪلومل کي موڪليائين. سڄي پريوار ۾ دکہ جي لهر ڇانئجي ويئي. ڪلومل اِنڊور ٻالوءَ کي خبر ڪئي. هوُ بہ بروقت احمدآباد روانو ٿي ويو. سيني پُٽن گڏجي ماءُ پيءُ جي پڳڙي رسم پوري ڪئي. بہ پائر پنڊ پرائڻ هردوار ويا. ٻارهي جي رسم ء مرڪو مچائي روايت موجب ڪيائون. جن متن مائٽن جي جاڙ ... ... سيني کي اِطلاع ڏيئي گُهرايائون. پوري سک شرڌا سان رسم ... ... ڪيائون. گرو گرنت صاحب جو پاٺ رکائي ٻارهي تي ... ... ايائون. برهمڻ کان پنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دان، هوَن ۽ پترا ميل جي رسم پوري ڪرائي ڪيس پوڄن ڪرائي، اَن دان وسنر دان ۾ دان دڪشا ڏيئي روانو ڪيائون. پائي صاحبن کي پڻ پوڄن ڪرائي وسنر ۾ دڪشڻا ڏيئي گرو صاحب کي روانو ڪيائون. اُن ڪانپوءِ آيل سنگت، متن مائٽن ۾ گهر جي پاتين لنگر ورتايو. مهمان روانا ٿيندا ويا. ڪجهہ ڏينهن ڪٽنب سان گڏ رهي بالچند بہ پريوار سميت اِندور روانو ٿي ويو.

بالچند پنهنجي ڏنڌي کي وڌائيندو ويو. سيمي هول سيل مان هول سيل ڪيائين. اڪيلو هو، ڏيري-ڏيري آئٽم گهٽائيندو ويو. ايجنسي لائين ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي ٿوٽل ڪم بل سان ڪرڻ لڳو. گهڻي مغزماري نہ هيس. دڪان ٽائيم ٽيبل سان کولڻ بند ڪرڻ لڳو. لالوءَ جي پڙهائي تي بہ ڌيان ڏيڻ لڳو.

۱۹۵۰ ۾ پنور ڪوٺا روڊ تي سنڌي ڪالوني ٺهي. ٿوٽل سنڌين جي بستي. لائين ۾ هڪ جهڙيون، هڪ جيتريون بئرڪون. بالچند جو من تہ ٿيو سنڌين جي وچ ۾ وڃي رهي ليڪن بئرڪن جي ڪري من نہ ٿيس. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جئرامپور ڪالوني ٺهي. هڪ پلاٽ اُتي وٺي ڇڏيائين. لڳولڳہ ڪانجو ڪالوني ڪٽي اُتي بہ هڪ پلاٽ ورتائين. ڇئي آني فوٽ ۾ پلسيڪر ڪالوني ڪٽي، اُتي بہ هڪ وڏو پلاٽ ورتائين. پنهجي بچت پلاٽن ۾ سيڙائيندو رهيو.

جڏهن ڪالونيون وسڻ لڳيون تہ پلسيڪر ڪالونيءَ ۾ هڪ شاندار بنگلو ٺهرايائين. گرهہ پرويش جي موقعي تي احمدآباد سڄي ڪٽنب کي سڏ ڏنائين. لڳہ پڳہ سڄو ڪٽنب آيس. سندس ساهرا مائٽ بہ آيس. بہ-ٽي ڏينهن ميلو متو پيو هيس. آخر هرڪو پنهنجي ماڳہ وريو.

هاڻي بالچند جي ڳڻپ شهر جي رئيس طبقي ۾ ٿيڻ لڳي. ڄاڻ سڃاڻ ياري دوستي بہ وڌيس. رتنا بہ پنهنجون ساهيڙيون سنڌون ناهي ڇڏيون.

مل پائر ماءُ پيءُ جي ورسي هر سال سڪ شرڌا سان ملهائيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالچند بہ سگهڙو اِن موقعي تي احمدآباد ويندو هو. ٿي ڏينهن اُتي رهندو هو. اکنڊ پاٺ جي آرنڀ کان ڀوڳہ ڀنڊاري تائين اُتي رهندو هو. اِن کان علاوهہ بہ ڪوئي ڪارج هوندو هو تہ ڀائرن وٽ حاضري ضرور ڀريندو هو.

هڪ سال ورسيءَ جي موقعي تي ڀائرن گڏجي فيصلو ڪيو تہ جلد ئي ماءُ پيءُ جي ياد ۾ ڌرمشالا ٺهرائيندا.

١٩٥٦ ۾ ڀارت سرڪار اويڪيو پراپرٽي ريهيبليٽيشن ائڪٽ پاس ڪيو. اِن قانون مطابق جيڪي مسلمان پنهنجون پراپرٽيون ڇڏي پاڪستان ويا هئا، اُهي پراپرٽيون ڪسٽوڊين جي حوالي ڪيون ويون. جيڪي هندو پنهنجون پراپرٽيون پاڪستان ۾ ڇڏي آيا هئا اُنهن کي معاوضي لاءِ ڪليم ڀرڻ لاءِ چيو ويو.

ڪيندر سرڪار ۾ ’پنرواس منتراليہ‘ نالي سان هڪ الڳہ کاتو کوليو ويو. سنڌ ۾ جيڪي مختيارڪار، سپروائيزر ۽ تپيدار هئا اُنهن کي نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. جيٺومل سيٺومل کي بہ نوڪري ملي ويئي. سنڌ ۾ ڪيل نوڪري بہ سندن نوڪريءَ ۾ شامل ڪئي ويئي. پروايڊنٽ فنڊ ۽ پينشن جو فائدو بہ ملين.

ٻنهين ڀائرن کي احمدآباد ڇڏي دهليءَ وڃي رهڻو پيو.

پيءُ ماءُ جي ورسيءَ جي موقعي تي سڀ ڀائر گڏ ٿيا. ڪليم جي باري ۾ صلاح ڪيائون. سيٺي جو رايو اِهو ٿي هو تہ پراپرٽي ڇڏي ٿي نہ آيا هئا تہ ڪليم ڇو ڀرين؟ حويلي ضرور هين پر اُن ۾ تہ سندن ماتا-پتا رهيا پيا هئا. اُهي حويلي ڇڏي ڀارت آيا ٿي نہ تہ اُن جو ڪليم ڀرڻ غيرواجبي هو. سيٺي يڪراءِ فيصلو ڪيو تہ ڪوئي ڪليم نہ ڀريو ويندو.

اڳتي هلي ڪليم بحال ٿيا. ڪليم ۾ سنڌين کي پراپرٽيون الاٽ ٿيڻ لڳيون. گهڻي ڀاڱي پراپرٽيون ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ هيون. جتي ڪير وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. ضرورتمند سنڌي پنهنجا ڪليم وڪڻڻ لڳا. ڪليم جو اگهہ وڃي اٺين آني تي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مل پائرن کي احمدآباد جي هڪ ٻاهرين علائقي ۾ هڪ زبون حالت ۾ اويڪيو پراپرٽيءَ جو پتو لڳو. اڳتي هلي اُتي وسنوَ ٽيڻ جي پوري پڪي اُميد هئي. ڪافي وڏو پلاٽ هو. ڪليم خريد ڪري، ائگريمينٽ ڪري اَٿارٽي پاور ڪلومل جي نالي سان ورتي اُها پراپرٽي الاٽ ڪرايائون. سند ملڻ تي، شانتي ديوي سورجمل جي نالي سان ٽرسٽ ٺاهي پراپرٽي ٽرسٽ جي نالي ٽرانسفر ڪري ڇڏيائون.

احمدآباد جي سنڌين هائوسنگ سوسائٽي ٺاهي اُن علائقي ۾ وڏو پلاٽ خريد ڪري نئين بستيءَ ۾ اڏاوت شروع ڪئي. مل پائرن بہ اُتي ورتل پلاٽ تي شانتي ديوي سورجمل ڌرمشالا جي اڏاوت شروع ڪرائي. ٻاهران دڪان ٺهرايائون. گيٽ جي اندر ڪليل جڳهہ تي گول گهيري ۾ شانتي ديوي ۽ سورجمل جا سنگمرمر جا پُتلا لڳارايائون. هڪ طرف آفيس ۽ ڪچهہ ڪمرا. ٻئي طرف ڪچهہ ڪمرا، پاڻيءَ جا نل، ليٽرن باٿروم. آفيس واري آخري حصي ۾ ڪچن، آخر ۾ وڏو هال.

ٻيءَ منزل تي اِسٽور روم، ڪمرا، ڪي ليٽ باٿ اٽيچ، ڪي سادا.

بستي چڱي وسي ويئي تہ ڌرمشالا بہ ٺهي راس ٿي. ماءُ پيءُ جي ورسيءَ جي موقعي تي ڌرمشالا ۾ ٺي اکنڊ پاٺ رکيائون. سيني مٺن- مائٽن، سيڻن سڄڻن کي بہ گهرائي اُتي رهايائون. صبوح شام ستسنگ ڀڄن ڪيرتن آرتي پرساد. ٽيئي ڏينهن ڌوم ڌام رهي. ڀوڳ ۽ ڀنڊاري ۾ بستيءَ وارن کي سڏ ڏنائون. سڪ شرڌا ۽ ڌوم ڌام سان اُتسو پورو ٿيو. مٺ مائٽ بہ موڪلائي ماڳ وريا. ٻالچند بہ اِندور موٽ ڪاڏي.

شانتيءَ جون ست نونهر پڙهڻ لکڻ ۾ ڪوريون هيون ليڪن هيون سياڻيون سيبتيون. سنسڪاروان، گڻوان. نهنيون، سهنشيل. رتنا چار اکر پڙهي هئي. سکر جي شهري هوا بہ ڪاڏي هئائين. شادي ڪري آئي تہ پاڻ کي سيني کان سياڻو سيبتو سمجهندي هئي جڻ تہ انڏن ۾ ڪاٺي راڻي هئي، سوچيندي هئي سيني کي جُهڪائي گهر تي راڄ ڪندي. رتنا جي پهرين ڪوشش ٺي مُغالنا دور ڪري ڇڏيس. سورجمل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ رڙ ساهہ سُڪائي ڇڏيس. سندس حالت پڃري ۾ بند پکيءَ جهڙي ٿي ويئي. پڃري جو پکي پر تہ ڦڙڦڙائيندو آهي مگر اُڏامي نہ سگهندو آهي. رتنا بہ پڃري مان نڪرڻ لاءِ آندي ماندي هئي. آخر آزاد ٿيڻ جو وجهہ مليس. پيڪن سندس موڪل گهري، موڪل منظور ٿيس. پهريون دفعو گهوٽ سوڌي پيڪي ويئي. سيني ڪان اِئين موڪلايائين ڄڻ سدا لاءِ موڪلائي رهي هئي.

ٿيو بہ اِئين رتنا ماڳہ موٽڻ بجاءِ سڪر جو رخ ڪيو. بالوءَ ڪي پلوَ سان ٻڌي، ساڻ وٺي ويئي. هميشهہ لاءِ مائٽن ڪان دور ڪري ڇڏيائينس. پر هانوَ ۾ پيل رهندون ميسارجيون نہ هيس. اُميد رکي ويني هئي تہ سندس ٻين ڏيراڻين ۾ بہ بغاوت ڦهلبي. سڀ الڳہ الڳہ ٿي ويندا. پريوار ٽڙي پکڙي ويندو ليڪن اِئين نہ ٿيو. سورجمل خود ٿي پُٽن کي الڳہ الڳہ ڪمن ۾ لڳائي ڏار پار ڪري ڇڏيو. مگر پريوار جو ايڪو قائم رهيو. اُتي بہ رتنا جي منصوبي تي پاڻي ڦري ويو. اندر ۾ وڍ پوڻ لڳس. چاهي پيئي ڪنهن سان زوردار جهڳڙو ڪري، هاڻ هلڪو ڪري، مگر جهڳڙو ڪري تہ ڪنهن سان ڪري. ناناڻن مان بہ پرپور پيار ڏلار ملندو هوس. پاڙو بہ من محبت وارو. بالو سندس ٻڌو ٻانهو، ڪڏهن بہ ناراض ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو هئائينس. اندر جي ڄر ڪيس ٿي ساڙڻ لڳندي هئي. قيد مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ بہ خوشي نہ مليس.

هندستان ۾ اچڻ ڪانپوءِ بہ ڪڏهن غُبار ڪڍڻ جو موقعو نہ مليس. احمدآباد بہ ويندي هئي تہ ڏيراڻيون ڏير ساهہ صدقي ويندا هئس. گريوتي ٿي پورن ڏينهن سان ٿي تہ وڏي ڏيراڻيءَ اچي ماءُ وانگر سار-سنڀال لڌس. پُٽ ڄائس تہ سڄو پريوار گڏ ٿيو. خوب شادمانا ڪيائون. ڌوم ڌام سان ڇٽي ملهايائون. نالو رکيائونس لعل، لالو، لعلچند. لکن جو لعل پائي رتنا جو من ممتا سان پرجي ويو. پُراڻيون سڀ ڳالهيون وساري ويٺي.

لالوءَ جي پرورش ڪنهن راجڪمار وانگر ٿيڻ لڳي. سندس سار-سنڀال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ آيا رکي ويئي. رانديڪن جا ڍير لڳي ويس. ان سڀ جي باوجود لالو شانت سياڻو جو هو. گهٽ روئندو هو. اڪيلو ماٺ ميٺ ۾ سُمهيو پيو هوندو هو. رتنا پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي پيئي هوندي هئي. بالچند پنهنجي ڌنڌي ۾ مگن. آيا رتنا کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندي هئي.

وقت گذرڻ لڳو. لالو بہ اُسرڻ لڳو. ويهڻ سکيو، پانيرا پائڻ سکيو. بيهڻ پنڌ ڪرڻ سکيو. ٻن سالن جو ٿيو تہ جلد ئي نرسريءَ ۾ موڪليائونس. اُتي بہ چُپ چُپ رهندو هو. ٽيچر جيڪو ڪجهہ سيکاريندي هيس، اُن تي ڌيان ڏيندو هو.

هڪ هفتي ڪانپوءِ نرسريءَ ۾ هڪ ڇوڪري پرتي ٿي نالو هيس خوشي. لالوءَ خوشيءَ سان گڏ ڳالهائڻ ۽ کيڏڻ شروع ڪيو. خوشي بہ کيڏڻ پسند ڪندي هئي. نرسريءَ کان نڪري ايمرالڊ هائيٽس ۾ ڪي. جيءَ ۾ ائڊميشن ورتائون. اُتي بہ خوشي ۽ لالو هڪ ئي ڪلاس ۾ هئا. ساڳيءَ بس ۾ اِسڪول ويندا هئا، ڇهہ، ساڍا ڇهہ ڪلاڪن جو سنگہ ساٿ رهندو هون. هڪ ٻئي جي برٿ ڊي تي هڪ ٻئي جي گهر ايندا ويندا هئا. دوستي ٻارن جي وچ ۾ هئي. وڏا اُن ۾ شامل نہ ٿيا.

ٻہ سال لالو ۽ خوشي گڏ پڙهيا. خوشيءَ جو پيءُ بئنڪ مئنيجر هو. سندس بدلي ناگپور ٿي ويئي. خوشي لالوءَ کي ڇڏي ناگپور هلي ويئي. ڪجهہ ڏينهن لالو مايوس رهيو. وري اڳي وانگر چُپ رهڻ لڳو.

ٻئي سال لالوءَ جي ڪلاس ۾ جوهي نالي ڇوڪري آئي. ٻنهين جي وچ ۾ دوستي ٿي ويئي. اِها دوستي ڪجهہ جٽادار رهي. انهين درجي ٽائين ٻئي گڏ پڙهيا، گڏ رهيا، اٺ درجا پاس ڪري جوهي اِسڪول بدلائي ڇڏيو. ٻنهين جو سنگہ ساٿ ڇُٽي ويو. لالوءَ کي ڪوئي ملال نہ ٿيو. سوچيائين ٻي ڪا دوست ملي ويندي.

راڪيءَ تي لالوءَ جي ڪائي سوٽ اِندور اچي لالوءَ کي راکي ٻڌي ويندي هئي يا لالو احمدآباد وڃي راکي ٻڌائي ايندو هو. وڏو ڪٽنب احمدآباد ۾ هو اِنڪري اڪثر لالو ئي احمدآباد ويندو هو. اِسڪول جي موڪلن ۾ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد آباد وچي ڪيترا ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ وقت ڪاٽي ايندو هو. ڪٽنب پريوار سان جُڙيل رهڻ جو پڻ احساس ٿيندو هوس. پنهنجا آخر پنهنجا ٿيندا آهن. نائين درجي ۾ ويو ته ذميواريءَ جو احساس ٿيس. موڪلن ۾ دڪان تي وچي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ لڳو. ٻالچند کي خوشي ٿي. لالو ڌنڌي ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. اِها ٻه خاطري ٿيس ته لالو ڪيتري ٻه پڙهائي ڪري نوڪري نه ڪندو، ڌنڌو ئي ڪندو.

نائين درجي ۾ هڪ امير گهر جي ڇوڪري ريتا لالوءَ جي ڪلاس ۾ آئي. ڇوڪري ڪلنڊڙ سڀاءُ جي لاغرض ۽ لاپرواهه هئي. اِسڪول ۾ پنهنجي ڪار ۾ ايندي هئي. حالانڪ ڪار هلائڻ جي عمر نه هيس. نه ئي ڪار هلائڻ جو لائيسنس هيس. ڪار هلائيندي ٻه تيز رفتار سان هئي. رفتار ئي ريتا جي زندگي هئي.

لالوءَ جهڙو سنجيدهه طبيعت وارو شخص، سو ٻه ريتا ڏانهن مائل ٿيو. ٻنهين جي پاڻ ۾ دوستي ٿي ويئي. اڪثر ٻنهين جو وقت گڏ گذرڻ لڳو. پڪچر تي گڏ وڃڻ، گڏجي سئر-سپاٽا، ڪلاس ۾ چاهي ڪلاس کان ٻاهر گهڻو وقت ٻئي گڏ گذاريندا هئا. پئسي جي پرواهه نه لالوءَ کي هئي نه ريتا کي. سندن دوستن کي لڳندو هو، ٻئي هڪ ٻئي جي لاءِ ٺهيا آهن. ضرور ٻئي اڳتي هلي شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، ٻنهين جي دوستي گهري ٿيندي ويئي.

هڪ ڏينهن نچائڻ واري اچانڪ هڪ ڪنپٽليءَ جي ڏور ڪينچي ورتي. ريتا جي ڪار کي هڪ ٽرڪ پٺيان زوردار ٽڪر هنيو، ريتا جي ڪار اُڇلي وڃي اڳيان ويندڙ ڪار سان ٽڪرائي. ريتا ائڪسيڊنٽ ۾ رتوڇاڻ ٿي ويئي. جيستائين ميڊيڪل ائڊ مليس اُن کان اڳ ئي پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويس. امير پيءُ جي ڌيءُ هئڻ جو خميازو ريتا کي ڀوڳڻو پيو. ڪچيءَ عمر ۾ ڪار هلائڻ لاءِ مليس. جوش ۽ جنون، رفتار ۽ مستيءَ جي قيمت جان ڏيئي چڪائڻي پيس.

ريتا جي موت جو صدمو لالوءَ لاءِ برداشت کان ٻاهر هو. ڪيترا ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيائين. نہ ڪاڌي-پيتي جي چنتا نہ ننڊ ۾ ننڊ. اکين ۾ ريتا جي صورت سمايل، پل-پل ريتا جا پوُر پيا پونس. گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي بند ڪري ڇڏيائين. پڙهائيءَ مان ئي من اُچاٽ ٿي ويس. پڙهائي ڇڏي ڏنائين.

ٻالچند لالوءَ کي سندس حال تي ڇڏي ڏنو. سوچيائين وقت ئي زخم ڀري ڇڏيندس. رتنا ۾ نہ اينتري سمجهہ هئي نہ صبر. جيترو لالوءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪري اوترو ئي لالو پريشان رهڻ لڳو.

آخر رتنا بہ ٿڪجي هارجي کيس سندس حال تي ڇڏي ڏنو. هڪ ڏينهن لالوُ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو ويٺو هو. ڪنهن گهر ۾ ريڊيو تي هڪ گيت وڄي رهيو هو. هوا ۾ ترندو گيت جو آواز لالوءَ جي ڪنن تائين پهچي رهيو هو. گيت جي ٻولن لالوءَ جو ڌيان ڇڪايو. گيت جا ٻول هئا: ”اتنا هي اُپڪار سمجهلي، جتنا ڪوئي ساٿ نڀائي، ڪوئي نہ سنگہ مري، من ري ڪاهي نہ ڌير ڌري.“

گيت جا ٻول لالوءَ جي دل ۾ گهرائيءَ تائين سمائجي ويا. سوچڻ لڳو، هي پيار-وفا، دکہ درد سڀ بيڪار آهي. منهنجي ريتا سان اينتري محبت هئي. اڪيلي هلي ويئي، آءٌ ساڻس گڏ مري سگهيس؟ هي دکہ فريب آهي، دوکو آهي. پاڻ سان ئي ڇل ڪپٽ آهي. جيترو سنگہ ساٿ هو، رهيو. هوءَ پنهنجي زندگي جي هلي ويئي مونکي پنهنجي زندگي جيئڻي ئي پوندي. پوءِ هيءُ دکہ سکہ ڇا لاءِ؟

لالوُ جلد ئي نارمل ٿي ويو. روٽين زندگي شروع ڪيائين. اِسڪول وڃڻ شروع ڪيائين. پوري ڌيان سان پڙهائي ڪرڻ لڳو. ليڪن وري نہ ڪنهن سان دوستي ڪيائين، نہ ڪنهن ڇوڪريءَ سان نہ ڪنهن ڇوڪري سان. گهٽن ئي دوستيءَ جو هٿ وڌايس. پر ڪنهن جو بہ هٿ نہ جهليائين.

اِسڪولي پڙهائي پوري ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. نہ سائنس سبجيڪٽ ڪنيائين نہ ڪامرس. آرٽس ئي ڪنيائي. نوڪري ڪرڻي نہ هيس. لٽريچر روح کي راحت ڏيڻ لڳس. هندي ساهتيہ سان وڌيڪ لڳاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيس. هنديءَ جي ڪوين ۾ مهاڪوي سوريڪانت ترپاٺي ”نرالا“. نرالا واقعي ئي سيني کان نرالو هو خوددار، لاطمع ڪڏهن ڪنهن اڳيان جهولي نہ ڦهلايائين. ڪير اِنعام اڪرام آڇيندا هئس تہ بہ منهن ڦيري ڇڏيندو هو. جئہ شنڪر پرساد، سُمترانندن پنت. پنت جو قدرت جي گود ۾ هماليہ جي ترائيءَ ۾ الموڙا جي پرسان ڪاسونيءَ ۾ جنم ٿيو هوس. هوُ قدرت جو چتيرو هو. پنهنجي ڪويتائن ۾ قدرت جي سونهن جا عڪس اُڪيريندو هو. ٻيا بہ ڪيترا ڪوي هئا. دنڪر، مهاديوي ورما، ماکڻلعل چترويدي. ڪهاڻي ناولس ۾ ڪرشنچندر، ڀڳوتي چرن ورما، اُپندرناٿ عشق، اُستاد اُپنياسڪار منشي پريمچند، يشپال ساهني.

جيترو لٽريچر پڙهي پيو، اوتري پياس وڌندي ٿي ويس. ڪمرو ڪتابن سان پريو پيو هوندو هوس. ڪتابن سان دوستي ڳنڍي ڇڏيائين.

احمدآباد جا سڀ سوَٽ سوَٽيون سنڌي لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا. جڏهن احمدآباد ويندو هو تہ وڏو سوَٽ جيرام کيس سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکاريندو هو. ڳالهائڻ تہ ايندي هئس. گهر ۾ ماءُ پيءُ سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندو هو. سنڌيءَ جا وڏا اکر پڙهي ويندو هو. ٿوري لکي بہ سگهندو هو.

جيرام سان فون تي ڳالهائڻ ٿيندو رهندو هوس. اُن کي چئي احمدآباد مان نڪرندڙ مکيہ سنڌي اخبارون روزاني چاهي هفتيوار گهرائي پڙهڻ لڳو. سنڌيءَ جي پرئڪٽس وڌڻ لڳس. پوءِ ناول شاعريءَ جا مجموعا گهرائي پڙهڻ لڳو.

بي. اي. پاس ڪرڻ تائين پڙهڻ سان لڳاءُ قائم رهيس. اُن ڪانپوءِ پورو ڌيان ڌنڌي ۾ ڏيڻ لڳو.

بالچند رتنا جي تعبيداريءَ کان گهٽو اڳہ آزاد ٿي ويو هو. سڄو ڏينهن دڪان تي. واپس اچي حساب ڪتاب سڌو ڪندو هو. رتنا کي چئي ڇڏيو هئائين پاڻ ءِ للوُروتي کائي ڇڏيندا ڪن. سندس رسوئي پروسي، ڍڪي اوطاق ۾ رکي ويندي ڪري.

حساب ڪتاب کان نوڙت ٿي، ٽي. وي. چالو ڪري بوتل کولي پيئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪندو هو. ڏيري-ڏيري ڏک ڏک پري پر-تي پيگہ پيئندو هو. اڌ منو ڪلاڪ ڊرنڪ ۾ لڳائيندو هو. پوءِ ٽي. وي. بند ڪري ٿانتيءَ سان روٽي کائيندو هو. رسوئي کائي ٻاهر چهل قدمي ڪرڻ ويندو هو. جيستائين موٽندو هو، تيستائين رتنا ننڍ جي آغوش ۾ پهچي ويندي هئي. بالچند اچي هڪ ڪنڊ وٺي ليٽي پوندو هو.

لالو تہ ماءُ جي ڪڏهن ويجهو ويو ئي نہ هو. هاڻي بالچند بہ رتنا کان ڪنارو ڪرڻ لڳو هو. مڙس ۽ پُٽ جي بي رخي رتنا جي اندر ۾ ويڌ وجهندي هئي. ڪُڇڻ جو چارو نہ هوس. لالوءَ اڳ ۾ ئي ريتا جي موت جو صدمو برداشت ڪري چُڪو هو. بالچند کي بہ هاڻي ڪجهہ چئي نہ سگهندي هئي. پيڪا بہ جهڙا هيس تهڙا نہ هيس. ڏير سان سنڌ ڇڏڻ ڪري لُٽجي پنجي پوريءَ طرح ڏتڙجي آيا هئا. رهيا بہ ڏورانهين پنڌ ڪولهاپور ۾ هئا. ماءُ پيءُ گذاري ويا هئس. ياءُ پنهنجي روزي-روٽيءَ ۾ ئي پريشان، ڀيڻ جي سُڌ ڪٿان لهي. رتنا پوريءَ طرح بالچند جي پناري هئي. هاڻي اُن سان پلئہ ڪيئن انڪائي. صبر جا ڏک پيئي پريندي هئي.

لعلچند جي عمر شاديءَ لائق هئي. ماءُ پيءُ شاديءَ جي لاءِ زور پرڻ لڳس. ڪيترن چئہ چوا کانپوءِ لالو شاديءَ لاءِ تيار ٿيو. سندس پسند پڇيائون تہ چيائين، منهنجي ڪائي پسند نہ آهي، جنهن سان توهان چوندا آءٌ شادي ڪندس.

لالچند جي پنهنجي ڪائي چاهت نہ هئي. پنهنجي چاهت تہ ريتا جي موت سان گڏ چڪناچور ٿي ويئي هيس. شادي پيءُ ماءُ جي خوشيءَ لاءِ ڪرڻ لاءِ هامي پري هئائين.

لالچند جون مائٽيون اچڻ لڳيون. رتنا کوئي نہ ڪوئي نقص ڪڍي رشتا موٽائڻ لڳي. لالوءَ کي ڪائي جلدي نہ هئي. آخر بالچند جي دخل ڏيڻ تي پوپال ۾ لعل جو رشتو طيءِ ٿيو.

رتنا بيحد خوش هئي ورهين جي سندس دبيل خواهش روپ جمائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي، حڪم هلائڻ جي جلد پوري ٿيڻ واري هئي. رتنا ڇاتائين ٿي سس نونهن جي وچ ۾ بالچند نه ايندو. لعل به بيگانو رهندو. ان ڪري هوُ به زال جي طرفداري نه ڪندو. رتنا جيئن چاهيندي، تيئن ٿيندو. نونهن کي پوريءَ طرح مُٺ ۾ دبائي رکندي.

لال جي مئينر جو نالو ڏالي هو. سندس پيءُ روپچند زوچلاٺي بلڊر هو. اريرا ڪالونيءَ ۾ رهندا هئا. نالي ۽ رتبي واري پارٽي هئي.

بالچند مٺٽي جي پارٽي اِنڊور ۾ رکي. احمدآباد ۽ دهليءَ مان سموري ڪٽنب پريوار کي گهرايائين. مٺٽي جي پنيان ئي شادي هئي. رتنا به پنهنجي پاءُ کي پريوار سميت گهرايو. ناناڻن مان به ڪجهه مائٽ آيس. ڏوم ڏام سان شادي ٿي گذري. ڪجهه ڏينهن رهي مٽ مائٽ به پنهنجي ماڳ ويا.

رتنا جيڪي سوچي رکيو هو ته نونهن کي مُٺ ۾ ڪري رکندي ۽ مٿس حڪم هلائيندي سي سندس سپنا چڪناچوُر ٿي ويا. ڏالي وڏي گهر جي ڌيءُ هئي، پڙهيل ڳڙهيل هئي. بيحد خوبصورت پڻ هئي. رتنا ڏاليءَ جي مقابلي اٺويهه ته ڇا چوڏهن به نه هئي.

رتنا هيڻ پاونا جي چپيٽ ۾ اچي ويئي. ڏڇٽو ماڻهو زور زور سان واڪا ڪري چلائيندو آهي. هين پاونا گرست ماڻهو حملاور بڻجي ويندو آهي. بي مطلب، بي وقت جهڳڙا ڪندو رهندو آهي. رتنا به بيوجهه ڏاليءَ سان اُلجهڻ لڳي. هر ڳالهه ۾ نوڪبازي، بيوجهه ڏاليءَ تي ڇنڊ ڪڍي ڪيس ذليل ڪرڻ. ڏالي نئين هئي، ان ڳالهه جو سوچ هيس ته جهڳڙو ڪرڻ سان سندس پيڪن جو نالو خراب نه ٿئي، اِنڪري مات ميٽ ۾ سڀ برداشت ڪندي هئي.

رتنا ڏاليءَ جي چپ رهڻ کي سندس ڪمزوري سمجهي ڪيس وڏيڪ سنائڻ، پريشان ۽ ذليل ڪرڻ لڳي. سهڻ جي به هڪ حد ٿيندي آهي. رتنا حد کي پار ڪري ويئي. ڏالي به لحاظ ڇڏي سامهون پوڻ لڳس. چوٽي آهي وڙهن شير، لتاڙجن ٻوٽا. ٻن شير ڻين جي ويڙهه ۾ لوئجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو ﷲوُ. ﷲوُ ماءُ ۽ زال جي جهڳڙي ۾ غير طرفدار رهندو هو. ته به بيوجهه ڪيس جهڳڙي ۾ گهيليو ويندو هو. ماءُ چوندي هيس، ”کهڙيءَ باهه جي ٻڳڇ ڪي وني آئين مونکي آزارڻ لاءِ.“

زال چوندي هيس، ”خبر هجي ها ته انپڙهه، جاهل، جهڳڙي خور سَس سان واسطو پوندو ته آءٌ مور نه هن گهر ۾ اچانَ ها.“

رتنا چوندي، ”نو مهنا پيٽ ۾ سانديومانءِ، پالي نپائي وڏو ڪيومانءِ ان لاءِ ته تنهنجي جوءِ جا طعنا تنڪا سهان؟ تون ويهي تماشو ڏس، ڪجهه چويس نه؟“

ڊاليءَ جي شڪايت، ”تنهنجي پروسي ماءُ پيءُ ڪٽنب پريوار ڇڏي آيس، اِن لاءِ نه ته تون ماءُ جي ڏنڍي ۽ ڏاڍ کان منهنجي رڪشا نه ڪر؟ مونکي اُن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏي؟“

ﷲ جي حالت اَهڙي ٿيڻ لڳي جهڙي جُنڊ جي ٻن پُڙن وچ ۾ اَن جي داڻي جي. وچي ته ڪيڏانهن وڃي؟ ڪنهن کي چوي ڪنهن کي سمجهائي؟ ڪير هو ڪيس ٻڌڻ وارو؟ هتي ته ٻئي فقط ٻڌائڻ واريون هيون. لعل من ۾ پڇتائڻ لڳو ناحق شادي ڪيائين.

روز جو جهڳڙو، روز جي ڪِل ڪِل گهپي. گهر جڻ ته آکاڙو بڻجي ويو. جهڳڙي جي هلندي هلندي سيزفاير جي گنجائش بڻجي ويئي. ڊالي گريوتي ٿي ويئي. رتنا جي وهنوار ۾ اچانڪ تبديل اچي ويئي. ڊاليءَ جي پوري سار-سنڀال لهڻ لڳي. ڊاليءَ جي مٿان ساهه صدقي وڃڻ لڳي. ڏاڏي جو بڻجڻ واري هئي.

جهڳڙو بند ٿيڻ سان ڊاليءَ سامت جو ساهه کنيو. ﷲ به ٻن ٻوهن ۾ اچڻ کان فلحال ته بچي ويو. ٻالچند ڏندي مان پلي رٽاير نه ٿيو هو، ليڪن گهر جي لڙائي جهڳڙي کان رٽاير مينٽ وٺي ڇڏي هئائين.

رتنا ڊاليءَ جو اِئين خيال رکڻ لڳي، جيئن ماءُ ڌيءَ جو رکندي آهي. ڊاليءَ جي کاڌ-خوراڪ جو، آرام جو پورو ڌيان رکڻ لڳي. ڊاليءَ کي ڊاڪٽرن، دوائن جي حوالي ڪرڻ بجاءِ پنهنجي نگهبانيءَ ۾ رکيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏڙن کان مليل سکيا جو اِستعمال ڪرڻ لڳي.

ڊاليءَ بہ رتنا جي بدليل رخ جو جواب بہ اهڙي ئي نموني ڏنو. خود کي پوريءَ طرح سس جي حوالي ڪري ڇڏيائين. سندس هر آگيا جو پالڻ پوري من سان ڪرڻ لڳي. ڪيس پورو آدر مانُ ڏيڻ لڳي.

هڪ ڏينهن بالچند ۽ لالوُ اوطاق ۾ اڪيلا ويٺا هئا. بالچند پُٽ کي چيو- ''گهر ۾ ڪيتري نہ شانتي لڳي پيئي آهي. دل کي ڪيترو نہ سڪون ٿو ملي.'' لعل چيس، ''ڊئڊي اِها ٿوري وقت جي سيزفاير آهي. جيئن ئي ٻار جنم وٺندو. ٿوري ئي وقت ۾ لڙائي شروع ٿي ويندي.''

بالچند چيس- ''تون چاهين تہ سيزفاير پرمننٽ ٿي سگهي ٿي.''

لعل پڇيس، ''ڊئڊي، آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان؟''

بالچند- ''ويري سمپل، جيئن ئي لڙائي شروع ٿيڻ جو امڪان ٿئي، ٻئي ٻار جي تياري ڪري ڇڏ.''

لعل حيرانيءَ مان پيءُ ڏانهن نهاريندي چيو- ''ڊئڊي، نہ آءٌ ڏاڏي سائين جهڙو آهيان نہ ئي ڊالي ڏاڏي صاحب جهڙي.''

بالچند- ''ڇو نہ ٿا ٿي سگهو، ڪهڙيءَ ڳالهہ جي ڪمي آهي؟ ڪاڌ خوراڪ، سيوا ٽهل سڀ ڪجهہ تہ اهڙو ٿي سگهي ٿو؟''

لعل- ''ڊئڊي، مڃان ٿو سڀ ڪجهہ اهڙو ٿي سگهي ٿو ليڪن وقت بدلجي ويو آهي، سوچ بدلجي ويو آهي، اُن کي توهان بہ پيڙهيون پوئتي ڪيئن ٿا موٽائي سگهو؟''

بالچند سوچ ۾ پئجي ويو. لڳس لعل ٺيڪ چئي رهيو هو.

وقت تي ڊاليءَ گلاب جي گُل جهڙي سندر ٻار کي جنم ڏنو. ڏاڏي نالو ئي گلاب رکيس. سڀ خوش هئا، بيحد خوش. ليڪن لعل جي من ۾ ڪائي خوشي نہ هئي. سوچڻ لڳو. هيءَ خوشي، هيءَ شانتي ٿوري وقت جي آهي. جلد ئي سس ننهن ۾ وجود جي لڙائي شروع ٿي ويندي. ان لڙائيءَ جو ٻالڪ جي نازڪ من تي ڇا اثر ٿيندو! ڇا گلاب جو بہ ساڳيو حشر ٿيندو، جهڙو سندس ٿي رهيو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊالي بہ لڙاڪو سياڻ جي ٿي ويئي آهي. جهڙي ممي. جڏهن ڳلاب وڏو ٿيندو، شادي ڪندو ڊالي سس بڻبي، عادت کان مجبور ننهن سان جهڳڙڻ شروع ڪندي. ننهن وٽان اَهڙي ئي موٽ ملندس جهڙي پاڻ مميءَ کي ڏيئي رهي آهي. ڳاب جي بہ اَهڙي ڳت ٿيندي جهڙي منهنجي ٿي رهي آهي. مون وانگر ٻن پُڙن جي وچ ۾ پيسجندو رهندو.

زائفون اينتريون جهڳڙالو ڇو ٿيون ٿين؟ جهڳڙي جا جيوڙا ڇا سندن خون ۾ آهن؟ اگر اِهو سچ آهي تہ پوءِ سڀ زائفون ڇو نہ ٿيون جهڳڙن؟ منهنجو چاچيون بہ تہ آهن نہ؟ اَمان شانتي ديوي تہ ساڪشات شانتيءَ جي ديوي هئي.

ڊالي بہ شروع ۾ ائين ڪٿي هئي؟ شانت، سمجهدار، وڏن جو آدر ڪرڻ واري. ڊاليءَ جي اُگر روپ ڌارڻ ڪرڻ جي وجهہ ممي آهي؟ مميءَ جي غيرواجبي چڙٻون، ڏبون سهي-سهي ڊالي بہ صبر وڃائي ويئي ۽ سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ لڳي. سِرَ ۽ پٿر جي ضد ۾ آءٌ ٿي تہ رهيو آهيان. زخمي تہ منهنجو دل جگر ٿيندو رهيو آهي. منهنجي باري ۾ تہ ڪنهن سوچيو ئي نہ آهي. ممي سمجهندي آهي- تہ آءٌ زال جو ڳيجهو آهيان، ڊالي سوچيندي آهي تہ آءٌ ماءُ جو مريد آهيان. آءٌ ڇا آهيان؟ ڪپاتر پُٽ؟ غير ذميوار پتي؟ يا بدنصيب اِنسان؟

ممي بہ تہ اَهڙي نہ هئي. ڇا اِنڪري اَهڙي ٿي ويئي جو ڊئڊيءَ تَوَجو ڏيڻ بند ڪيس. پاڻ کي اڪيلو، اَسُرڪشت ۽ اُپيڪشت سمجهڻ لڳي؟ ڊالي اِنڪري ايگريَسوِ ٿي ويئي جو مون ڪيس سپورٽ نہ ڪيو، جيڪو مونکي ڪرڻ کپندو هو؟ لڳي ٿو آءٌ ناقابل اِنسان آهيان نہ سٺو پُٽ ٿي سگهيس، نہ سٺو پتي. سٺو پريمي بہ ڪٿي ٿي سگهيس؟ ڪنهن سان بہ تہ نينهن جو ناتو نہ نباهي سگهيس.

آءٌ اگر شادي نہ ڪريان ها تہ گهر ڪروڪيشتر نہ بڻجي وڃي ها. ڇا منهنجي لاءِ شادي ڪرڻ ضروري هئي؟ ڪهڙو چاهہ ورتو آهي مون گرهست جيون ۾؟ بيدليو ٿي تہ ناتو نباهيو آهي ڊاليءَ سان. ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوان تہ گلاب اسان جي پيار جي نشاني آهي؟ مون ڊاليءَ سان پيار ڪيو ئي ڪٿي آهہ؟ دل ۾ پيار جو چشمو تہ ريتا جي مؤت سان ئي سُڪي خشڪ ٿي ويو هو.

ريتا منهنجو پهريون ۽ آخري پيار هئي. اڄ بہ دل جي تهن ۾ ريتا موجود آهي. آءٌ ريتا کي ڪٿي وساري سگهيو آهيان؟ مونکي قبول ڪرڻ گهرجي تہ مون ڊاليءَ سان دغا ڪئي آهي. جيڪو سندس انڪار هو. ان ڪان کيس محرُوم رکيو آهي. سچ پچ آءٌ نفرت جي قابل اِنسان آهيان. آءٌ پنهنجي ڪئي جي سزا ڀوڳي رهيو آهيان تہ آءٌ سنو پُٽ آهيان نہ سنو پتي. سنو پتا بڻجي سگهندس؟ گلاب کي گهربل پيار، گهربل خوشنما ماحول ڏيئي سگهندس؟ ڏيئي سگهان ٿو. ان لاءِ مونکي پيءُ ماءُ کان الڳہ ٿي، الڳہ گهر گرهست وسائڻو پوندو. ڪري سگهندس؟ شايد نہ. آءٌ ايترو بولڊ نہ آهيان. نرڻيہ ڪرڻ جي مون ۾ توفيق نہ آهي.

رتنا پوٽي ۾ مگن هئي. ٻار کي سوُٽ (مالش) ڏيڻ، سنن ڦڪي ڏيڻ، لولي ڏئي سُمهارڻ. لولي ٻوليءَ جو منتر ٿيندي آهي، ٻار جڏهن ڳالهائڻ سکندو آهي تہ پنهنجي ماتر ڀاشا ڳالهائيندو آهي. اِهو لوليءَ جو اثر هوندو آهي.

لولي، جنهن جي هڪ هڪ سِٽ ۾ ممتا هوندي آهي، دعا هوندي آهي، سنسڪار هوندا آهن. ٻار جي سُکہ سلامتيءَ جي ڪامنا هوندي آهي. ٻار جي روشن آئيندهہ جي منگل ڪامنا هوندي آهي.

اڄ ڪٿي آهي لولي؟ ماءُ ڏاڏي لولي ڏيڻ ئي نٿي ڄاڻي، ٻار ڪٿان ماتر ڀاشا ڳالهائڻ سکندو؟ رتنا ڪڏهن ڪڏهن سوچڻ لڳندي هئي- آءٌ جهڳڙالو ڇو ٿيس؟ نہ منهنجي سس اَهڙي هئي، نہ منهنجون ڏيراڻيون. ڊالي بہ تہ نهڻي نماڻي هئي. جهڳڙي لاءِ مون ئي تہ کيس آمادهہ ڪيو. سهي بہ ڪيترو سهي ها؟ آخر تہ موت ڏيڻي هيس. بيگناهہ لعل کي ڪيترو نہ سهڻو پيو آهي. ٻن پُڙن جي وچ ويچارو پيسجندو رهيو آهي. من ۾ خوشي ئي نہ اٿس. اُڳيئي ريتا جي صدمي جهوري رکيو هيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز روز جو جهڳڙو، گهر جي سک شانتي ئي گم ٿي ويئي هئي. بس گهٽو ٿيو، هاڻي ڪوئي جهيڙو جهٽو نہ. مان چُپ رهندس تہ گهر ۾ شانتي بڻي رهندي. گهر ۾ خوشيون ئي خوشيون هونديون. مالڪ جو تور ڏنو آهي. گُل جي ڪلڪارين سان گهر پئي گونجيو. سندس توتلي ٻولي من کي موهنديَ رهندي.

ڊالي پنهنجي ليکي سوچيندي هئي. مالڪ ڪري گهر ۾ مٺ محبتءِ شانتي بڻي رهي. هاڻي آءٌ ڪڏهن سس جي سامهون نہ پونديس. ڇا هڙ حاصل ٿيو آهي جهڳڙي مان؟ سڀ ڪان وڌيڪ تہ هنن کي سهٽو پيو آهي. آءٌ بہ ڪيترو ي نہ مورکہ آهيان. بيگناهہ پتيءَ کي لوئيندي رهيس. ڪيترو نہ ماٺ ميٺ ۾ سهندا رهيا آهن. هنن جي جڳهہ تي ٻيو ڪوئي هجي هہ تہ ڏکو ڏيئي گهر کان ٻاهر ڦٽي ڪري ها. ڇا ڪري سگهان ها مان؟ منهنجون اينريون خطائون هونديون بہ مون سان وڻُ ڪيو اٿائين. منهنجي گود ڀري منهنجي ناريتوَ کي پورڻتا ڏني اَٿائين. منهنجو هر دو ممتا سان ڀرجي ويو آهي. اڄ کانپوءِ وري ڪڏهن جهڳڙو نہ.

گهر جا سڀ ڀاتي پنهنجي پنهنجي ليکي سوچي رهيا هئا. لعل ٿي سوچي رهيو هو تہ سس ننهن جي لڙائي بند ڪرڻ وقتي ڳالهہ آهي. وري جڏهن ٻنهين جا سوارٿ ٽڪرائبا. لڙائي شروع ٿي ويندي. ٿيو بہ اِئين.

رتنا پنهنجي ممتا گُل متان لُٽائيندي سوچيندي هئي تہ ”نہ مڙس پنهنجو ٿيو نہ پُٽ. آءٌ پوٽي کي پنهنجو بڻائينديس. هڪ پل پاڻ کان پري نہ ڪنديمانس.“

ڊاليءَ کي لڳڻ لڳو- ”سَسُ مُڙس کي تہ منهنجو ٿيڻ نہ ڏنو. هاڻي منهنجي ڪليجي جو ٽُڪر بہ مونکان ڦُرڻ ٿي چاهي. سڄو ڏينهن پاڻ وٽ ٿي رکيس، مون وٽ اچڻ ئي نٿي ڏئيس. گُل منهنجو آهي. صرف منهنجو.“

ڊاليءَ جي من جي شنڪا ئي جهڳڙي جو ڪارڻ بڻي. هاڻي هوءَ گُل کي گهٽو تڻو پاڻ وٽ رکڻ لڳي. رتنا اچا ڪٽي مس ويندس تہ ڪنهن نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بهاني واپس ڪٽي ويندس. رتنا ٻاليءَ جي ورتاءُ کي سمجهي نہ سگهي، جڏهن سمجهيائين تہ تن من کي باهہ لڳي ويس. چئہ آڪہ، ٺوڪا ٺوڪي آخر جهڳڙي جو روپ ڌارڻ لڳي. وري اُهي ئي لاٺون، اُهي ئي چُڳهہ. وري لالوُ بن پُڙن جي وچ ۾.

لال بہ سهي آخر ڪيترو سهي. آخر بچاءُ جو رستو ڳولهي ڪڍيائين. نيرن ڪائي دڪان تي ويندو هو تہ دير رات جو موٽندو هو. منجهند ۽ رات جي روٽيءَ جو ٽفن گهرائي دڪان تي کائيندو هو.

گهر واپس اچي بئنڪ ۾ وجي در بند ڪري حساب ڪتاب سڌو ڪندو. مُرادي ملائيندو. پوءِ ڪوئي ڪتاب کڻي اڌ رات تائين پڙهندو رهندو. ٻالي دل ۾ پڇري سڇي ڏينهن جي ٿڪي ماندي سُمهي پوندي، اُن کان پوءِ لال ڪمري ۾ ويندو. پاسو وٺي چُپ چاپ سمهي پوندو هو. صبوح جو سويل اُٿي هٿ منهن ڌوئي مارننگہ واڪ تي ويندو. واپس اچي اخبار پڙهندو، اخبار پوري ڪري اُٿي شيوَ ڪندو، سنان ڪري پوڄا پاٺ ڪري ناشتي جي لاءِ ڊائننگہ ٽيبل تي ايندو. اڌ پيٽ نيرن سان پريندو، اڌ پيٽ ٻاليءَ جي زهر ٻڌل ويڻن سان پري اُٿي ڪڙو ٿيندو ۽ دڪان تي روانو ٿي ويندو.

ٻالي لال جي بيرخيءَ تي سڙي پڇري رکہ ٿيندي. وجي پوءِ سس مان غُبار ڪڍندي هئي. پهريائين رتنا حملاور هوندي هئي ٻالي بچاءُ ۾، هاڻي ٻالي حملاور هوندي هئي رتنا بچاءُ ۾. وقت هردم هڪ جهڙو نہ هوندو آهي. ڪلهہ وقت رتنا جو هو، اڄ ٻاليءَ جو آهي. ٻالي اڳيون پويون حساب چُڪتو ڪرڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ ڇڏيندي هئي.

رتنا بدلو چُڪائڻ جو ٻيو رستو اختيار ڪيو. ڳُل کي تہ سنيالڻ بند ڪيائين. گهر جي ڪم ڏي بہ ڌيان ڏيڻ بند ڪري ڇڏيائين. ٻاليءَ جي پريشاني وڌي ويئي. گهر سنيالي يا ٻار؟ ڪري ڪري ساٽي ٿي پوندي هئي. اندر جي باهہ رتنا مان ڪڍندي هئي رتنا ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏيندي هئي. وار خالي ويندو ڏسي ٻالي اڳوپوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچري رکي تي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن ڪم واري مائي دير سان آئي تہ اُن کي ڌاليءَ زوردار ڏمال ڪئي. مائي ماڳهين ئي ڪم ڇڏي هلي ويس. ڌاليءَ ڪپڙا ڌُپسائي رکيا هئا. پاڻ کي ڏوئڻا پيس. ڪجهہ دير اڳير ئي اڃا باسڻن جا ڍڳہ مَلي ڌوئي کنيا هئائين. اڃا ٻهاري پوچو، ڇنڊ ڦوڪ باقي هيس. منجهند جي روٽي بہ ڪرڻي هيس.

گُل زور زور سان روئي رهيو هو. شايد بُک لڳي هيس يا ڇڏي آلي ڪري ڇڏي هئائين. رتنا روئڻ ٻُڌي بہ ويٺي رهي. آخر ڌالي ڪم اڌ ۾ ڇڏي اُٿي آئي. اچي بہ-تي چنبا معصوم گُل کي وهائي ڪڍيائين. گُل زور سان روئڻ لڳو. ڌاليءَ گُل جي ڇڏي ڇڏي للهي صاف ڪيس. ڪپڙا مٽائي ڇاتيءَ سان لڳائي، منهن چُميائينس. تيج ڏيڻ جي ڪيائينس تہ گُل منهن ڦيري ڇڏيو. سُڏڪا ڀري روئي روئي ننڊ اچي ويس. ڌاليءَ جي اکين مان زار زار نير وهڻ لڳو. گُل کي ڇاتيءَ سان لڳائي خود بہ ليٽي پيئي. ليٽي-ليٽي ڌاليءَ جي اک لڳي ويئي. جاڳي تہ ڪافي دير ٿي چڪي هيس.

ڌاليءَ لعل کي فون ڪري چيو، لنچ بزار مان گهرائي ڪائجو. تنهن نہ موڪلي سگهنديس. لعل بنا سبب پڇڻ جي فون رکي ڇڏي. اُن ڏينهن پاڻ بہ بُک تي رهي، رتنا کي بہ بُکيو رکيائين. رات جو لعل دڪان تان موٽيو تہ ايندي شرط ڌاليءَ چيس، ”مونکي پوپال ڇڏي اچ، آءٌ هاڻي هتي هڪ پل بہ نہ رهنديس.“

لعل تلخيءَ مان چيس، ”تون ڪوئي ننڍڙو ٻار آهين جو آءٌ توکي ڇڏي اچان؟ جڏهن چاهين تڏهن وڃي سگهين ٿي.“

رتنا وچ ۾ ڪڏندي چيس، ”وڃ سدائين وڃ، ليڪن اسان جو گُل هتي اسان وٽ رهندو.“

ڌاليءَ منهن چبرو ڪندي چيس، ”گُل هتي رهندو، پنهنجي ڄائي کي سنڀال، منهنجو ڄڻيو مون سان گڏ ويندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رتنا رڙ ڪري چيس، ”پيءُ جي گهران ڪٿي آئي هئينءَ ڳُل ڪي جو، توسان گڏ ويندو؟“

رتنا جا زهر ۾ ٻُڏل ٻول تير وانگر ڏاليءَ جي ڪليجي ۾ چُڀي ويا. منهن ڪولڻ واري هئي جو ٻالچند رتنا کي ڇڙٻ ڏيندي چيو، ”بدتميز عورت، ڪڏهن تہ زبان تي ضابطو رکندي ڪر.“ ننهن ڏانهن مخاطب ٿي چيائينس، ”پُٽ، تون پريشان نہ ٿي. آءٌ سياڻي ٿي گلاب لاءِ ڪا ٿي آيا رکي تو ڏيانءِ. گهر جي ڪم لاءِ هڪ ٻڌاءِ تي مايون رکہ، ٿيئي تہ هڪ مهل موڪل نہ ڪنديون.“

رتنا منهن کي موڙو ڏيئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. ڏالي زهر جو ڍُڪ پري چُپ رهي. فلحال سيز فاير ٿي ويئي.

سيز فاير جو اُلنگهن ٿيندو رهيو. مگر زوردار جنگہ نہ ڇڙي. رتنا جڏهن مائين جي ڪم ۾ دخل اندازي ڪندي هئي تہ ٻنهين ۾ نوڪ جهونڪ ٿيندي هئي. ان کي ٻئي ضروري سمجهنديون هيون، عادت پئجي ويئي هين. ان ڪانسواءِ ٻنهين کي روٽي هضم نہ ٿيندي هئي نہ تہ گهر ۾ سناٽو ڇانيو پيو هوندو هو.

رات جو وقت هو، لعل اوطاق ۾ ويٺو هو، ٻالچند اوطاق ۾ آيو. اچي صوفا تي ويٺو. لعل ڪوئي ڪتاب پڙهي رهيو هو. پيءُ کي ڏسي ڪتاب رکي، پيءُ کي نهارڻ لڳو. ٻالچند پُٽ کي چيو، ”لعل، منهنجو ويچار آهي تون ڪنوارسان گڏ ڪجهہ ڏينهن ڪيڏانهن گُهمي ڦري اچ.“

ڳُل چيس، ”ڏڏي، بهتر ٿيندو توهان مميءَ سان گڏ تيرٿ ياترا تي هليا وڃو.“

ٻالچند چيس، ”مشڪل هلي، اِن هوندي بہ چئي تو ڏسانس.“

ڪجهہ دير لعل سان ڳالهائي ٻولهائي ٻالچند پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. اُتي پلنگہ تي ويهي رتنا کي چيائين، ”ٻڌين ٿي؟“

”ٻُڌان ٿي، ٻوڙي ناهيان.“ رتنا ھُڏيءَ مان چيس.

ٻالچند چيس، ”ڪجهہ ڏينهن تيرٿ ياترا تي نڪري هلون، چا اتئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچار؟“

رتنا مُنهن چِهو ڪري چيس، ”ڪهڙا پاپ ڪيا آهن جو تيرٿ ياترا تي هلان؟ موڪلڻو ئي اَٿئي تہ پنهنجي سڪيلڏي نونهن کي موڪل، گهر سرڳ بڻجي ويندو.“

ٻالچند چيس، ”جتي تون هونديندءَ، اُها جڳهہ سرڳ بہ نرڳ بڻجي ويندي.“

رتنا منهن ڪولي، اُن کان اڳ ٻالچند منهن ڦيري سُمهي پيو. رتنا ڪيتري دير ٻول ٻڏائيندي رهي. ٻالچند ڪن ٻوساٽي سُمهي پيو. رتنا بہ ليٽي پيئي. پر پئي ڪَروٽون بدليندي رهي. من ۾ آنڌ مانڌ هيس. سوچي رهي هئي اِشارن تي هلڻ وارو لعل پيءُ اچانڪ ڪيئن بدلجي ويو. اُن جي بدلجي وڃڻ سان ئي گهر جو چرخو بدلجي ويو آهي. هر ڪنهن جي سڌ سهڻي ٿي پوي، نہ تہ ڪنهن جي مجال هئي جو منهنجي سامهون پوي، مون سان زبان لڙائي. سوچڻ لڳي ناحق ڏارين سان گڏ اِنديا آيس، پنهنجن سان گڏ هجان ها تہ لعل پيءُ اِئين ڇڙواڳ نہ ٿي وڃي ها. ڪاريءَ تي پير پيو جو سندس چوڻ تي پنهنجا ڇڏي پراون سان گڏ هلي آيس. هاڻي پڇتائڻ مان ڇا ورندو؟ پنهنجي خطا جي سزا تہ ڀوڳڻي پوندي نہ؟

ٽي-ٽي مايون گهر ۾، آيا الڳہ. ڊاليءَ لاءِ وقت ڪاٽڻ مشڪل ٿي پيو. خالي دماغ شيطان جو گهر ٿيندو آهي. پيئي سوچيندي هئي ڪيئن ڪري سس سهري کي الڳہ رهڻ لاءِ مجبور ڪري يا خود ئي لعل کي الڳہ رهڻ لاءِ مڃائي.

پر ڊاليءَ جا پنهنجا منصوبا ريت جي محل وانگر ڍهي پوندا هئس. ڄاڻندي هئي، لعل الڳہ متيءَ جو نهيل آهي، سندس ڪائي ڳالهہ نہ مڃيندو. سوچي-سوچي من رجي ايندو هوس.

ڊالي سوچيندي هئي، پرجي ڀاڳي گهر ۾ جنم ورتو، پري ڀاڳي گهر ۾ شادي ڪري آيس. پوءِ بہ خوشي ڇو نہ نصيب ٿي؟ ڇو زندگي نرڳہ

بڻجي ويئي؟

اڳ ۾ ته گهر ۾ لڙائي جهڳڙو به نه هو پوءِ به ڳُل پيءُ جو مون ڏانهن لاڙو ڇو نه هو؟ کهڙي ڪمي هئي مون ۾؟ جڏهن کان شادي ڪئي آهي پيار جي ٻن ٻولن لاءِ ترسي آهيان. اهڙو رُکو وهنوار ڇو اٿس مون سان؟ ڪٿي ڪنهن ٻيءَ سان؟ نه نه، اهڙو نه آهي. ڪڏهن به آوارا مرڏن وانگر گهر کان ٻاهر نه ٻنڪيو آهي. ڪائي عادت به ته نه اٿس، نه شراب جي، نه سگريٽ جي، نه جوئا جي. شايد ٿي ڪڏهن ڪنهن زائفان ڏانهن اکه ڪٿي نهاريو هونداڻين. جيڪو پنهنجي زال سان رُکو وهنوار ٿو ڪري، سو ٻين ڏي لاڙو ڪيئن ڪندو؟ آخر کهڙو ڪه اٿس؟ من ۾ ڇڻ ڪائي خوشي ئي نه اٿس. اِن اُڻ تڻ جي باوجود ڊاليءَ ڪڏهن لعل جي دل ۾ جهانڪڻ جي ضرورت نه سمجهي. ڪڏهن دل جي زخمن کي ڏسڻ، زخمن تي ملم لڳائڻ جي ڪوشش نه ڪيائين. اُلٽو زخم ڏيندي ئي رهيس. ڊالي فقط پنهنجي سُکه، پنهنجي سوارٿ جي باري ۾ ئي سوچيندي رهندي هئي.

وقت سان گڏ ڳُل وڌڻ لڳو. پانيرا پائڻ سکيو ته ٺندڻ کي ٺڪاءُ ئي نه ايندو هو. پيو ڪمري ۾، هال ۾ ڦرندو رهندو هو. آيا پاڇي وانگر پٺيان ڪڍ گهمندي هيس. ڏاڏيءَ جي ڪمري طرف ويندو هو ته ڊاليءَ جي نظر پئجي ويندي هيس ته ڊوڙي وڃي اُن طرف وڃڻ کان روڪيندي هيس. نظر نه پوندي هيس ته ڏاڏيءَ وٽ هليو ويندو هو. رتنا هنج ۾ ڪٽي چُميون ڏيندي هيس.

ڊاليءَ کي مرچ نه لڳن، اِهو سوچي خود ئي آيا کي سڏي ڪٽي وڃڻ لاءِ چوندي هيس. ٻار پيار جو ٻُکيو ٿيندو آهي. ڳُل هٿ ڪٽي ڏاڏيءَ ڏي وڃڻ چاهيندو هو، آيا زوريءَ ٻئي طرف ڪٽي ويندي هيس. آيا کي به خبر هئي ته ڊاليءَ کي ڳُل جو ڏاڏيءَ وٽ وڃڻ پسند نه هو.

رتنا جو ته هاڻي پيڪي وڃڻ نه برابر هو، ڊالي سال ۾ ٻه-ٽي دفعا ويندي هئي. ڪڏهن به پيڪن کي لڪا پوڻ نه ڏني هئائين ته من ۾ خوشي نه اٿس يا لعل جو ڏانهن رَوَئيو رُکائپ وارو آهي يا گهر ۾ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙائي جهيڙو ٿيندو رهندو اٿن.

گهر ۾ ڏاليءَ جو ڪوئي پيڪو مائٽ ايندو هو يا احمدآباد يا ٻئي ڪٿان ڪٽنبي ايندو هون تہ سس ننهن ويچا وساري ڪير ڪنڌ ٿي ويندڙيون هيون. ٻاهرين کي لکا پوڻ نہ ڏينديون هيون تہ دلين ۾ ڪات کهاڙا اٿن. سس ننهن دوهري زندگي جيئڻ جون عادي ٿي چڪيون هيون. ريل لائيف کان بهتر ائڪٽنگہ ريئل لائيف ۾ ڪنديون هيون.

گُل پنڌ ڪرڻ سکيو تہ سندس وڏيڪ چوڪسي رکڻي پوندي هين. ڏاليءَ چاهي آيا کي ڏپ رهندو هو تہ گُل ڪٿي گهر کان ٻاهر نڪري نہ وڃي. گُل اگر ڏاڏيءَ وٽ هليو ويندو هو تہ هاڻي ڏالي روڪيندي نہ هيس. گُل ٻاهر کان ڏاڏيءَ وٽ وڌيڪ محفوظ آهي، سوچيندي هئي، چوڪسي رکي بہ ڪيتري رکجي.

رتنا جي لاءِ بہ گُل وندر ۽ دل جو قرار هو. مور کان وياج وڌيڪ پيارو لڳندو آهي. مور تہ هاڻي مونٽو نہ هوس، وياج بہ مس مس ملڻ لڳو هوس، رتنا جي خوشي موٽي آئي. هاڻي هوءَ گهر جي ڪم ۾ بہ هاج هلائڻ لڳي.

ڏالي جوان هئي. دل جون تمنائون جوان هيس. جوان تہ لعل بہ هو. سندس حسرتون دٻيل ضرور هيون پر هيون تہ جوان. هاڻ گُل بہ ڏيڍ سال جو ٿي ويو هو. ڏاليءَ لعل کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ چاهيو تہ لعل آناڪاني ڪين ڪئي. ٻئي گرهست جو سک ماڻڻ لڳا. هڪ ٻئي جي ويجهڙائي وٺڻ لڳن. گهر ۾ لڳہ ڀڳہ شانتي هئي.

ٻالچند بہ هاڻي رتنا کي وقت ڏيڻ لڳو. سندس ضرورتن جو ڌيان رکڻ لڳو. مالڪ جي ڪرپا سان گهر واپار ۾ ڪنهن ڳالهہ جي ڪمي نہ هئي. ڪمي هئي تہ بس شانتيءَ جي، سا بہ هاڻي لڳو ٿي موٽي آئي هئي. ٻالچند جهولڻ کي هٿ جوڙي وينتي ڪندو هو تہ گهر ۾ شانتي ٻڻي رهي. رتنا ۽ ڏاليءَ جي تنل دل تي پيار جو ٿڌو ڇنڊو پيو هو. ساڙ پڇ، وير ونجوگہ جي چٽنگہ فلحال تہ دٻجي ويئي هئي. پوريءَ طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسامي نہ هئي. هوا ملڻ تي ڪنهن بہ وقت چٽنگہ پڙڪي اُٿڻ ۾ دير نہ ڪندي. بهرحال نہ رتنا جي نہ ئي وري ڏاليءَ جي اهڙي ڪائي خواهش هئي. مس مس دل کي قرار مليو هين. ان کي وڃائڻ ڪنهن بہ نٿي چاهيو.

گُل بہ سال پورا ڪري چڪو هو، ڏاليءَ جي مرضي گُل کي نرسريءَ ۾ داخل ڪرڻ جي هئي. رتنا چاهي پيئي گُل جي هيءَ کيڏڻ ڪائڻ جي عمر آهي. سندس نازڪ دماغ تي هاڻي ئي پڙهائيءَ جو بار نہ پوي، سرڪاري قانون موجب پنجن سالن جي عمر پوري ڪري پوءِ اِسڪول ۾ داخلا وٺي.

ڏاليءَ جو چوڻ هو، ”پڙهائيءَ جو ڍنگہ طريقو بدلجي ويو آهي. پُراڻي ڍري تي هلي بار موڳو مٺر تي ويندو. نئين طريقي جي پڙهائيءَ سان ٻار هوشيار ۽ سمارٽ ٿا ٿين.

رتنا چوندي هيس، ”جلدي پڙهائي ڪري گُل کي ڪهڙي نوڪري ڪرڻي آهي. ابي ڏاڏي جو ڌنڌو اٿس، وڏو ٿي اُهو سنڀاليندو، پوءِ ڇو سندس نازڪ دماغ تي اينترو بوجهہ وجهون.“

بس ڌبيل چٽنگہ کي پڙڪڻ جو موقعو ملي ويو. سس ننهن جو منهن سُڄي ويو. ٻنهي هڪ ٻئي ڏي پٺي ڪري ڇڏي.

هڪ ڏينهن ڏالي گهر جي پرسان هڪ نرسري اِسڪول ۾ گُل جي داخلا وٺي آئي. اِسڪول جي چپراسڻ روز گُل کي گهران وٺي ويندي هئي ۽ واپس ڇڏي ويندي هيس. گُل کي صبوح جو نوين ڪان سادي ٻارهين بجي تائين ڪل اڍائي ڪلاڪ نرسريءَ ۾ وڃڻو پوندو هو.

گُل ٻين ٻارن وانگر نہ روئندو هو، نہ کيڏندو هو. نهي سنيري اِسڪول هليو ويندو هو. اُتي ٻارن سان گڏ کيڏندو هو. ٽيچر جيڪي سيکاريندي هيس، سو سکڻ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ٽيچر سيکاري ڇڏيو هوس، سُوسُو جو خيال ٿيندو هوس تہ ٽيچر کي اِشاري سان ٻُڌائيندو هو. ڪپڙا خراب نہ ڪندو هو. پنهنجي شانت سڀاءُ جي ڪري ٽيچر جو من

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهي ڇڏيو هئائين. هوءَ سندس وڏيڪ ئي خيال رکندي هئي ۽ کيس بيحد پيار ڪندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اُن نرسريءَ ۾ باربي ڊال جهڙي خوبصورت بالڪي بہ اچڻ لڳي نالو هيس خوشبو. گُل خوشبو. خوشبو جو واس گُل ۾. گُل خوشبوءِ ڪانسواءِ ڪاغذ جي گُل مثل، دين دنيا کان بيخبر. اندروني لڳاوَ ٻنهين کي هڪ ٻئي طرف ڇڪيو. ٻنهين معصوم ٻارن جي دوستي ٿي ويئي. معصوم دوستي. بي داغ دوستي. ٻنهين جي دوستيءَ مان اِسڪول جون ميم بہ خوش هيون تہ ٻنهين ٻارن جا مائٽ پڻ. ناخوش هو تہ فقط لعل.

لعل کي انديشو هو تہ ڪٿي معصوم گُل جو بہ سندس جهڙو حشر نہ ٿئي. سندس ٻاراڻي دوستي تہ وقت سان گڏ ڇڃي ويئي. ڪوئي فرق نہ پيو هيس. ليڪن ريتا جي دوستي ۽ پِري جوانيءَ ۾ سندس دردناڪ موٽ کيس اَهڙو زخم ڏيئي ويو هو جو پرجڻ جو نہ هو.

لعل گُل ۽ خوشبوءِ جي دوستيءَ سبب خوش ٿيڻ بجاءِ پريشان هو. لعل چاهي پيو گُل هر بلا کان محفوظ هجي. پر سندس وس ۾ ڇا هو؟

ماءُ پيءُ ٻار کي جنم ڏيندا آهن مگر ٻار جا ڀاڳہ وڌاتا نہ هوندا آهن. ٻار جي سُکہ سلامتيءَ جي ڪامنا تہ ڪندا آهن، پر نہ ڄاڻندا آهن تہ ٻار جي نصيب ۾ ڇا آهي؟ قدرت ٻار سان ڪهڙو کيل رچائيندي؟ سُکہ ملندس يا دکہ؟

لعل گُل جو اِسڪول مٽڻ پيو چاهي، چاهي پيو گُل خوشبو هڪ ٻئي کان پري رهن. ٻنهين جي وچ۾ گهرائپ نہ وڌي ليڪن اِسڪول مٽڻ جي ڪنهن کي ڪهڙي وجهہ ٻڌائي. پنهنجا زخم ظاهر ڪرڻ نٿي چاهيائين، بيوجهہ اِسڪول مٽڻ لاءِ ڊالي تيار نہ ٿئي ها. آخر من کي ئي سمجهائڻو پيس. هٿ ڪٽي مالڪ کي گُل جي رکيا جي پرارٿنا ڪيائين.

گُل خوشبو جو سنگہ سات نرسريءَ تائين ئي نہ رهيو. ٻنهين کي. جيءَ جي ائڊميشن ساڳئي اِسڪول ۾ ورتي. سيڪشن بہ ساڳيو ئي مليِن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ ئي بس ۾ اِسڪول ايندا ويندا هئا. هاڻي ادائي ڪلاڪن بجاءِ ساڍا ڇهہ ڪلاڪ گڏ هوندا هئا. لنچ باڪس بہ گڏ کولي گڏجي کائيندا هئا.

وقت سان گڏ گُل خوشبو جي دوستي پڪي پُختي ٿيندي ويئي. گُل خوشبو لڳ ڀڳ ساڳيءَ عمر جا هئا. هاڻي هوُ ڏهين سال ۾ قدم رکي چڪا هئا ۽ پنجين درجي ۾ هئا. سندن پيار معصوم ئي هو. ٻنهين کي سنگہ سات سنو لڳندو هو. هڪ ٻئي کانسواءِ ٻئي ويڳاڻا لڳندا هئا.

خوشبو جو پيءُ راجيش بزنيس مئن هو. هول سيل ڪپڙي جو ڌنڌو هوس سو سندن اِندور ڇڏي ٻئي هنڌ وڃڻ جو ڪوئي اِمڪان نہ هو. گُل خوشبو جي دوستيءَ ۾ کلل پوڻ جو ڪوئي اِمڪان نہ هو نہ ئي هوُ چاهي پيو تہ خوشبوُ گُل کان پري رهي. انِڪري سندس اِسڪول مٽڻ جو بہ ڪوئي اِمڪان نہ هو.

ٻئي ٻار نہ فقط اِسڪول ٽائيم ۾ گڏ هوندا هئا بلڪ، وقت بہ وقت هڪ ٻئي جي گهر بہ ايندا ويندا هئا. مائٽن طرفان ڪائي روڪ ٽوڪ نہ هين. ٻنهين ٻارن کي گڏ ڏسي سندن مائٽ خوش ٿيندا هئا.

لعل جڏهن بہ کين گڏ ڏسندو هو تہ کين دل سان دعا ڪندو هو تہ ٻنهين جي دوستي قائم رهي. ٻئي ٻار خوش رهن. مالڪ ڪنهن جو بہ وار ونگو نہ ڪري. ٻئي گلاب جي گُل جيان سدائين ٽڙندا رهن ۽ دوستيءَ جي خوشبو ڦهلائيندا رهن.

گُل خوشبو هاڻي معصوم ٻار نہ هئا. ڪشور اوستا ۾ قدم رکي چُڪا هئا. سندن دوستي بہ ٻچپن واري نادان دوستي نہ هئي. اُن کان ڪجهہ وڌيڪ بہ نہ هئي جيڪا جوانيءَ ۾ هوندي آهي. ٻنهين جي معصوميت برقرار هئي. پر ٻنهين ۾ ڪشش وڌندي تي ويئي. ٻئي وڌيڪ وقت گڏ گذارڻ چاهيندا هئا. هوم ورڪ جي بهاني يا پروجيڪٽ ٺاهڻ جي بهاني ٻئي اڪثر وڌيڪ وقت گڏجي گذاريندا هئا.

آرتوار جو ڏينهن هو. بالچند منجهند جي ماني کائي وڃي آرامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيو هو. لعل اوطاق ۾ هو. ڳُل ٽي. وي. ڏسي رهيو هو. ٻالي سس کي رسوئي ڏيئي موٽ ڪاڏي. رتنا هڪ ڳرهه ياچيءَ ۾ ٻوڙي وات ۾ وڌو مس تہ سُوسُو ڪري ڳرهہ ٻاهر ڪڍي اُڇليائين. رڙ ڪري چيائين، ”ڪاڏي ڳرهہ وٺہ ڪري ڇڏيو اٿي. هيترا تيز مرچ مصالح زبان ٽي سڙي.“

ٻاليءَ موٽ ڪائيندي چيس، ”مرچ ئي تہ آهن نہ؟ ڪوئي زهر تہ نہ ڏنو مانءِ. اچا تہ ڏندي ڏوٿي آهين، هڏ ويهجي ڪونہ ويا اٿي. منهنجي هٿ جي روٽي نہ ٽي وڻئي تہ، خود رڌي پچائي کاءُ.“

رتنا هار مڃيندي چيس- ”منهنجي توسان پُڇڻ جي جاءِ ناهي، پنهنجي ننهن اَڇي حساب وٺندءِ.“

رتنا ڪُندس مان چيس، ”اچا تہ ڳُل ڳڏ ۾ گتو پيو آهي، هاڻي ئي ٽي ننهن جا مهڻا ڏين، نہ مان تو وانگر بيدماغ بدمجاز آهيان، نہ ئي خوشبو اُڇايل سپاوَ جي آهي.“

”مان بيدماغ، بدمجاز آهيان؟ پنهنجا اِرڪان ڏس. ڀڳوان نہ ڪندو جو خوشبو جهڙيءَ معصوم ڇوڪريءَ جو تو جهڙيءَ اُڇايل رهزن سس سان پالو پوندو.“

ٻاليءَ سهڪندي چيس، ”آءٌ اُڇايل آهيان، رهزن آهيان، هاڻي آءٌ هڪ پل بہ هن گهر ۾ نہ رهنديس، اَڄ ئي پوپال هلي وينديس.“

رتنا لُوڻ ٻُرڪيندي چيس، ”هاڻي بند ڪر اِهي مگرمڇ وارا آنسوُ، روز رڳو چئين ٽي، وڃين تہ ڪونہ ٽي؟ هڪ وار وڃي بانواٽي للهي اچ. اُلٽي پير موٽڻو پوندءِ. تو جهڙيءَ اُڇايل کي ڪير رهائيندو پاڻ وٽ؟ ماءُ پيءُ ٽي سڌ ٽيندي آ، پاڇايون هڪ ماڻو نہ سهندءِ.“

ٻاليءَ چٽلينج ڪندي چيس، ”وڃي ڏيکاريندي سانءِ مالڪ ڪندو وري نہ هن گهر ۾ پير پوندو.“

”ضرور وڃ، هانو تان تور لهي پوندو. لعل جي ڪائي عمر ويئي نہ آهي، ٻي ملي ويندس. ڀلي غريب گهر جي هجي وٺندس سدا سدوري، جيڪا گهر اچي سُرڳ بڻائي.“ رتنا من جي مراد ظاهر ڪندي چيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سس جا پول ٻُڌي ڏاليءَ جي تن بدن کي باهه وٺي ويئي. اوچنگارون ڏيئي روئندي چوڻ لڳي، ”تو جهڙي ڏائڻ سس ڪنهن دشمن کي به نه ملي. منهنجي هوندي تون ٻيءَ جي سڌ تي ڪرين؟ ڪنهن کي پنهنجي ڌيءُ تتي آهي جو هن گهر ۾ ڏيندو؟ ڪنهن وڏوا آشرم جي ڏڏيل به هن گهر ۾ اچڻ نه چاهيندي. اڄ ڪان پوءِ پنهنجا ٽڪر پاڻ پچائي کائجانءِ. پلي ٻوڙ پلاو کائجانءِ چاهي مکڻ مصري، منهنجي بلا سان.“

رتنا چيس، ”تنهنجي بلا توکي وٺ ڪندي، منهنجي ويجهو به نه اچي سگهندي. مونکي هاڻي تنهنجي هٿ جي کاڌي به نه آهي. اڇا ته منهنجو گهوٽ ڪمائي ٿو. روٽي پچائڻ واري مائي رکنديس. بابو نانڪ تنهنجي پاڇي کان به بچائي.“

ڏاليءَ خوشي ظاهر ڪندي چيو- ”الائي ڪڏهن اُهو سدورو ڏينهن ايندو جو گهر ۾ به ڇُلهيون ٿينديون؟“

ماءُ ۽ ڏاڏيءَ جو جهيڙو ڏسي ٻُڌي گُل ٽي. وي. بند ڪري اوطاق ۾ وڃي پيءُ جي پرسان ويهي رهيو. جهڳڙي جو آواز لعل به ٻُڌي رهيو هو. مگر روز جي ڳالهه جاڻي ٻُڌو اڻٻُڌو ڪري ڇڏيائين، ليڪن گُل کي آيل ڏسي ۽ اُداس ڏسي، سڏ ڪري گود ۾ ويهاري پيار مان مٿي تي هٿ ڦيري پڇيائينس، ”ڇا ڳالهه آهي گُل، اُداس ڇو آهين؟“

گُل معصوميت سان پُڇيس، ”ڊئڊي، ممي ۽ ڏاڏي روز ڪهڙيءَ ڳالهه تي لڙنديون آهن؟“

لعل گُل کي گود مان لاهي سامهون ويهاري چيو- ”توکي لڙائي سُٺي نه لڳندي آهي؟“

گُل چيس، ”ڊئڊي، لڙائي ڪنهن کي سُٺي لڳندي؟ توهان کي سُٺي لڳندي آهي؟ ٻڌايو ته ڪهڙيءَ ڳالهه تان لڙنديون آهن؟“

لعل چيس، ”بيوجهه.“

گُل، ”بيوجهه ڪوئي لڙندو آهي؟“

لعل، ”زائفون لڙنديون آهن. اُنهن جي خون ۾ لڙائيءَ جا جيوڙا هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، تڏهن لڙنديون آهن.“

گُل، ”ڊئڊي جيوڙا مينس؟“

لعل، ”جيوڙا معنيٰ جرمس.“

گُل، ”هر ليڊيءَ جي خون ۾ هوندا آهن؟“

لعل، ”شايد، شايد نہ.“

گُل، ”ڇا مطلب؟“

لعل، ”طيءَ ناهي، منهنجي ڏاڏيءَ، منهنجي چاچين ۾ نہ هئا. اُهي ڪڏهن بہ ڪنهن سان بہ نہ وڙهنديون هيون. منهنجي مميءَ تنهنجي مميءَ جي خون ۾ آهن، تڏهن تيون لڙن.“

گُل، ”ڊئڊي، اِهو ڇا ٿنديءَ بہ داداجيءَ توهان جهڳڙالو ليڊيز سان شادي ڇو ڪئي؟“

لعل آهہ ڀريندي چيو، ”خبر نہ هئي اُن وقت جهڳڙي جا جرمس سليپنگ ڪنڊيشن ۾ هئا. ممي جڏهن سس بڻي تڏهن ائڪٽوَ ٿيا. ڊاليءَ جي بلڊ ۾ بہ شاديءَ وقت سليپنگ ڪنڊيشن ۾ هئا. مميءَ جون بيوجهہ دبون، دڙڪا، طعنا، ڪائي ائڪٽو ٿيا. ڊاليءَ بہ مميءَ جي جهڳڙي جي موت ۾ سگهہ ٿوٽا هڻڻ شروع ڪيا...“

گُل، ”مميءَ ڪي سگهہ ڪٽي آهن؟“

لعل، ”آءِ مين، ڊاليءَ مميءَ جي سر جو جواب پٿر سان ڏيڻ شروع ڪيو.“

گُل، ”سر مينس؟“

لعل، ”بِرڪ.“

گُل، ”مميءَ ڏاڏي بِرڪ ۽ اِستون ڪٽي وڙهنديون آهن؟“

لعل، ”بيٽا گُل، ڪجهہ لفظن ڪي اثر دار بڻائڻ لاءِ اَهڙا مثال ڏبا آهن. سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جو مطلب، هارڊ لفظن جو جواب وڌيڪ هارڊ (ڪنور) لفظن سان ڏيڻ ٿيندو آهي.“

گُل، ”تہ ڇا ڊئڊي خوشبوءِ جي بلڊ ۾ بہ جهڳڙي جا جرمس هوندا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لعل چرڪ پريو، چيائينس، ”ڇو تو پڇين؟ اڇا تنهنجي عمر گهٽي آهي؟“

گُل، ”ڊئڊي، پريڪاشانس (ساوڌاني) وٺڻ لاءِ ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.“

لعل گُل جي سمجهه تي واٺڙو ٿي ويو. گُل کي سمجهائيندي چيائين، ”وڏو ٿي تو اگر خوشبو سان شادي ڪئي ۽ هوءَ نونهن بڻجي هن گهر ۾ آئي تہ ڊاليءَ جي جهڳڙالو سڀاوَ سبب خوشبو جي بلڊ ۾ سليپنگ ڪنڊيشن ۾ لڪل جرمس ائڪٽو ٿي ويندا ۽ هوءَ بہ ڊاليءَ وانگر جهڳڙالو ٿي ويندي. ٻنهين جي جهڳڙي جي وچ ۾ ٽارگيٽ تون بڻبين. ٻن پُڙن جي وچ ۾ تون پيسجندو رهندين جيئن آءٌ پيسجندو رهيو آهيان. تنهنجي دل بہ گهايل ٿيندي رهندي، جيئن منهنجي ٿيندي رهي آهي.“

گُل، ”ڊئڊي ان کان بچڻ جو ڪوئي اُپاءُ ڪونهي؟“

لعل، ”اُپاو آهي ڇو ڪين؟ اول تہ تون وڏو ٿي ڪري شادي ئي نہ ڪجانءِ، سڀ کان بهتر اُپاوَ اهو ئي آهي. اگر تنهنجي ڪنهن سان شاديءَ لاءِ ڪمٽمينٽ هجي، ڪنهن سان واعدو ڪرين تہ پوءِ تيستائين شادي نہ ڪجانءِ جيستائين ڊالي زندهہ آهي.“

گُل، ”ڊئڊي آءِ پرامز يو (آءٌ توهان سان واعدو ٿو ڪريان) اول تہ آءٌ شادي ئي نہ ڪندس، اگر ڪئي تہ بہ مميءَ جي رهندي هرگز نہ ڪندس.“

لعل، ”اگر گرل فرينڊ طرفان پريشر پوئي؟“

گُل، ”آءٌ ڪنهن پريشر ۾ نہ ايندس.“

لعل، ”چاهي گرل فرينڊ سان دوستي ٽُٽي وڃيئي؟“

گُل، ”ڀلي دوستي ٽُٽي وڃي آءٌ پرواهہ نہ ڪندس. اهڙي ذلت واري زندگي آءٌ هرگز نہ جيئندس.“

لعل گُل جي پُٺي ٿپيندي چيو، ”شاباس پُٽ، تون سمجهدار ۽ بهادر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ آهين.''

گُل چيس، ''ڏيڏي توهان وٽان مليل سيکـ آءٌ هر دم ياد رکندس ۽ توهان جي آڳيا جو پالن ڪندس. ڏيڏي، آءٌ چاهيان ٿو، توهان مونکي هاسٽل ۾ موڪليو، اُتي آءٌ دوستن جي وچ ۾ وڌيڪ خوش رهندس ۽ ٽينشن فري رهندس.''

لعل، ''آءٌ خود ڪيترين وقت کان اِهو سوچي رهيو هوس، پر هچڪچايان پيو تـ ڪٿي بُرو نـ لڳئي. هاڻي تو خود چيو آهي تـ ضرور موڪليندس. تنهنجو هيءُ ٽرم پورو ٿئي، نئين ٽرم ۾ توکي هاسٽل ۾ رهائيندس.''

گُل، ''ڏيڏي، وچ ٽرم ۾ موڪليندا تـ بهتر ٿيندو.''

لعل، ''آءِ شل سي ماءِ بواءِ (آءٌ ڏسندس، منهنجا يار).''

ڊاليءَ نـ شام جي چانهـ ناهي نـ رات جي روٽي. گُل کي بُکـ لڳي هئي. لعل گُل کي هوٽل ۾ وٺي ويو. اُتي سندس پسند جا طعام کارايائينس. گُل جي زور پرڻ تي خود بـ کاڌائين. اُتان ئي پيءُ ماءُ ۽ زال لاءِ پارسل ٺهرائي کڻي ويو.

بالچند بـ روٽي کاڌي، رتنا بـ کاڌي. ليڪن ڊالي بُکـ تي رهي. سندس ضد هو تـ هوءَ الڳـ رهڻ تي چاهي.

لعل سمجهايس، ''ايترو جلد ممڪن نـ آهي. وقت لڳندو، سياڻي کان رسوئيءَ لاءِ مائي ٿا لڳايون، تون پلي رنڌڻي ۾ نـ وڃجانءِ.''

ڊاليءَ چيس، ''نيڪ آهي، مائي اَچي رنڌڻو سيالي، پوءِ آءٌ کائينديس.''

لعل وڌيڪ زور نـ پريس، ڪَروَٽ بدلي سُمهي پيو.

ڊالي سوچي رهي هئي، پلي مائي لڳائي. روز روز جي چِکـ چِکـ کان ڇوٽڪارو ملي ويندو.

ڇوٽڪارو ملڻ ايترو سؤلو نـ هو، من بي ايمان تـ عُذر گهڻا. جهڳڙو ٽيٺو هوندو آهي تـ ٽي رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائي لڳي، رسوئي ڪرڻ شروع ڪيائين، مرد نيرن ڪائي دڪان تي وڃڻ وارا هئا. گُل جي اسڪول جي موڪل هئي. هال ۾ ويهي ٽي. وي. ڏسي رهيو هو. مائي ڏاليءَ لاءِ نيرن پروسي ڪٽي آئي. ڏاليءَ چيس، ”پهريائين ٻڌيءَ کي ڏيئي آءُ، ديدان ڦاڙي تي ويهي ڏسي، آءٌ اڳيرُ کائيندس تہ پيٽ ۾ ولولو پوندس.“

مائي ٿالهي رتنا ڏي کڻي ويئي. رتنا موٽائيندي چيس، ”پهريائين ڪتي جو ڪيندي آهيان پوءِ کائيندي آهيان. ٿالهي کڻي وڃي واپس ڏيس.“ ڏاليءَ جي تن بدن کي باهہ وٺي ويئي. سهري جي بہ پرواهہ نہ ڪيائين، رڙ ڪري چيائينس، ”مان ڪُتي آهيان؟ منهنجو مڙس بہ تہ ڪُتو ٿيو نہ؟ ڪُتي جي ماءُ ڪُتي ٿي نہ؟ ڇتي ڪُتي، تون جنهن کي کائيندينءَ، اُهو بيموُت مري ويندو.“

رتنا پنهنجي جڳهہ تان اُٿندي چيس، ”مان ڇتي ڪُتي آهيان؟ اَڇ تہ پهريائين توکي کائي تنهنجو انت آڻيان.“

ڏاليءَ للڪاريندي چيس، ”مونکي کائيندينءَ؟ اَچ ڏند پيچي هٿ ۾ ڏيانءَ گهٽو سنو اٿم هاٿي نہ سهندس، اَچ هڪ هڪاٽي تي وڃي يا تون رهہ يا مان. ٻنهين مان هڪ جو انت ٿي وڃي.“

ٻئي هڪ ٻئي تي اُلر ڪري آيون. لعل اُٿي ٻنهين جي وچ ۾ آيو. ڏاليءَ ڌڪو ڏنس. لعل ٿاٻڙجي پيو. رتنا لت وهائيندي چيس، ”وڃي جوءِ جي قدمن ۾ ڪِرُ.“

لعل ڪِريو تہ وري نہ اُٿيو. گُل پاپا چوندو ڊوڙي آيو. لعل کي ڇنبڙي روئڻ لڳو. ٽي. ويءَ تي گانو هلي رهيو هو، ”تيري دنيا سي هوڪي مجبور چلا، مئن بهت دور بهت دور چلا...“

لعل سچ پچ گهٽو پري هلي ويو هو، جتان ڪير موٽي نہ ايندو آهي. دل جي ڌڙڪن بند ٿي چڪي هيس.

گُل جي روئڻ جو آواز ٻڌي ٻالچند اُٿي آيو. لعل کي پٽ ۾ ڪِريل ڏسي گهٻرائجي ويو. جهڪي ڏنائين نہ نبض هيس نہ دل جي ڌڙڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاليءَ رتنا جو جهڳڙو چالو هو. ٻالچند اُٿي ڀنهين کي وارن کان پڪڙي پري ڌڪيندي چيو، ”بيشرم، بي حيا جوان پُٽ پَٽ ۾ بيجان پيو آهي. توهان ٻئي جهڳڙي کان باز نٿيون اَچو؟“

ڀنهين جو ڌيان لعل جي بيجان ٻُت ڏانهن ويو. رتنا روئندي چيو، ”خبر نه آهي کهڙيءَ منحوس گهڙيءَ ۾ آئينءَ؟ منهنجي سکيلڌيَ پُٽ جي ٻليِ وني ڇڏيئه.“

ڏاليءَ ورلاپ ڪندي چيو، ”تون عوَرت نه، نانگڻ آهين نانگڻ پنهنجي ٻچن کي کائيندي آهي. تون به پنهنجي پُٽ کي کائي وئينءَ.“

ٻالچند رڙ ڪري چين، ”بند ڪيو ورلاپ. دل ته چوي ٿي ٻنهين هتيارن کي پوليس جي حوالي ڪريان، پر بدناميءَ جي ڪري من مارڻو ٿو پوي. پوليس جو نالو ٻڌي ٻئي سهمجي ويون. بدحواس ڳُل پيءُ جي بيجان جسم کي ڏسندو ۽ ڳوڙها ڳاريندو رهيو.

ٻالچند لعل جي لاش کي کڻي وچي اوطاق ۾ سيٽيءَ تي ليٽايو. فئملي ڊاڪٽرن کي اِمرجنسي حالت چئي فورن اچڻ لاءِ چيو.

ڪُجهه دير بعد ڊاڪٽر آيو. لعل کي تپاسي چهرو لٽڪائي چيائين، ”هي اِز نو مور. ڇا ٿيو؟“

ٻالچند چيس، ”اوطاق ۾ وينو هو، دڪان تي وڃڻ جي تياري هئي. اچانڪ ڇاتيءَ ۾ سوُر پيس، ڇاتي پڪڙي ليٽي پيو. لعل جي حالت ڏسي توهان کي فون ڪئي.“

ڊاڪٽر چيو، ”لڳي ٿو سيور اَٽئڪ آئي هيس، بروقت ئي موَت ٿي ويو هيس. آءِ ايم ساري.“

ڊاڪٽر موڪلائي هليو ويو. ٻالچند يوپال ۽ احمدآباد فون ڪري لعل جي موَت جي خبر ڪئي. دڪان تي فون ڪري نوڪرن کي فورن گهر اَچڻ لاءِ چيو.

رودن پٽڪي جو آواز ٻُڌي اوڙي پاڙي وارا ڳڏ ٿي ويا. ٻالچند خوشبو جي مائٽن کي لعل جي موَت جي خبر ڪري ڪين عرض ڪيو ته اچي ڳُل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سنڀاليندي. جُوڌ لعل جي انتم ياترا جي تياريءَ کي لڳي ويو.

مقرر وقت تي شَو ياترا نڪتي. لعل جا ساهرا پوپال مان پهچي ويا. لعل جي چِکيا کي گُل اگني ڏني. چِکيا جي اگنيءَ کان وڌيڪ تپش بالچند جي اندر ۾ هئي. پاڻ تي ضابطو ڪري حالت کي منهن ڏيئي رهيو هو. معصوم گُل سوچي رهيو هو تہ اچانڪ هي ڇا ٿي ويو؟ سندس ڏاڏي کيڏانهن هليو ويو؟ هُو وري ڏاڏيءَ کي ڪين ڏسي سگهندو؟

اگني سنسڪار کان پوءِ سڀ پنهنجي-پنهنجي گهر موٽيا. شهر جون ڪيترين ئي معزز هستيون شَو ياترا ۾ آيون هيون. اچانڪ ٿيل لعلچند جي موت تي سڀ افسوس ظاهر ڪري رهيا هئا.

هوڏانهن ڏالي بيهوش ٿيندي ٿي ويئي. سندس پاڇائي ڪيس سنڀالي رهي هئي. شام تائين احمدآباد کان ڪٽنبي بہ پهچي ويا. دهليءَ وارا فلائيٽ ۾ آيا. اُهي بہ شام جو پهچي ويا. سڀ ڪُٽنبيءَ رشتيدار غمزده هئا رتنا ۽ ڏالي اڃا بہ لعل جي موت جو هڪ پئي کي ذميوار سمجهي رهيون هيون. بالچند دل تي پٿر رکي پاڻ کي سنڀالي ويٺو هو. شام جو بئنڪ ۾ شهرواسي گڏ ٿيا. بالچند کي پرچاڻي ڏيندا رهيا. بالچند هٿ جوڙي مالڪ جو ڀاڻو قبول ڪرڻ لڳو.

ٽئين ڏينهن پڳڙيءَ جي رسم ٿي. ڪانڌي لعل جا سؤٽ ئي بينا. پنجين ڏينهن گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ رکايو ويو. لعل جا بہ سؤٽ هائيون کڻي هردوار ويا. ڪرياڪرم ڪرائي، دهليءَ کان فلائيٽ ۾ ٻارهين ڏينهن صبوح جو موٽي آيا. براهمڻ ٻارهين جو ڪاريہ ڪرم ڪرايو. پاٺي صاحب گرو گرنٿ صاحب کي پوڳہ پاتو. برهمڻ کي پوڄن ڪرائي دان دکشڻا ڏيئي روانو ڪيائون. اُن کان پوءِ آيل سنگت کي ڀنڊاري جو پوڄن ڪرايو ويو. گرو صاحب کي بہ سڪ شرڌا سان روانو ڪيو ويو. آيل مهمان بہ پنهنجي-پنهنجي سهوليت سان روانا ٿي ويا. گهر ۾ چار ڀاتي هوندي بہ سناٽو ڇانيو رهيو.

بالچند پنهنجي سوچيل رٿا موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پهرياڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳُل کي اِسڪول جي هاسٽل ۾ ڀرتي ڪرايائين.

گهر جو پارٽيشن ڪرائي ٻن حصن ۾ ورهايائين. وچ ۾ ڀوري ڀت ڪڍايائين. پنهنجي حصي ۾ به پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ الڳ لنگهه ڪرايائين. ڪنهن جو ڪنهن سان ڪوئي سروڪار نه رهيو. رتنا ۽ ڏالي پنهنجي گهر ۾ ٺي ڪاري ٻاٽيءَ جي سزا ڀوڳڻ لڳيون. ٻالچند زال ۽ ننهن کي مهني جو خرچ ٻڌي ڏنو. خود به رتنا جي هٿ جو کائڻ بند ڪري ڇڏيائين. صبوح جو ناشتو بزار مان ڪري ايندو هو. منجهند ۽ رات جو ٽفن سينٽر مان ٽفن گهرائڻ لڳو.

گهر جي اِنتظام مان فارغ ٿي هوُ هاڻي آئينده بابت سوچڻ لڳو. اندر ۾ جيڪو ڳُٽو لڳل هيس سو کيس اندر ئي اندر کائي رهيو هو. سوچڻ لڳو- وڃڻ کان اڳ ڳُل جو آئينده محفوظ ڪري وڃان. اِن لاءِ رٿا رٿڻ لڳو. دڪان ۽ گهر جي وِل ڳُل جي نالي ڪيائين.

شهر کان ٻاهر ڀر واري ١٠ ايڪڙ زمين فارم هائوس لاءِ ورتي هئائين هاڻي اُتي به وسنوَ ٿي ويئي هئي. ٻيون سڀ پراپرٽيون وڪڻي رقم ڳُل جي بئنڪ اڪائونٽ ۽ فڪس ڊپازٽ ۾ رکايائين. فارم هائوس جو هڪ حصو وڪڻي جنهن مان ڪافي وڏي رقم مليس، ان رقم مان لعل جي نالي ٽرسٽ ٺاهيائين. اُن رقم مان سهوليت ڀريا ڪمرا، ڪچن، هال، آفيس، لئبرري، راند جو ميدان وغيره ٺهرائي نالو رکيائينس، لعل پيڙت پرش آشرم. اُن ۾ ڪنهن به عمر جا پٽني پيڙت پرش اچي سگهيا ٿي. سندن رهڻ، کاڌي پيتي ۽ وندر جو پورو اِنتظام ڪيو ويو هو. لعل جا گڏ ڪيل ڪتاب لئبرريءَ ۾ رکيا ويا. ڪجهه روزاني اخبارون ۽ پيريڊيڪل پتر ڪائون پڻ گهرائڻ جو اِنتظام ڪيو ويو.

آفيس جي لاءِ ٻالچند هڪ بزرگ کي مئنيجر ڪري رکيو. کيس مفت رهڻ کائڻ پيئڻ کانسواءِ پگهار پڻ ڏني ويئي. ٻالچند پنهنجي رهڻ لاءِ پڻ هڪ ڪمرو اُتي رکيو. هفتي ۾ هڪ ڏينهن اُتي وڃي رهندو هو.

آشرم ۾ داخلا وٺڻ وارن لاءِ اِهو نيم ٺاهيو ويو ته پنهنجي ڪمائي جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاتين جي حساب سان حصا ڪري آشرم ۾ ڏئي باقي سڀ گهر وارن کي ڏنين.

جلد ئي آشرم ۾ پيڙت پرش اچڻ لڳا. لوڪ لڄ ڇڏي آشرم ۾ رهي سُکي جيون گذارڻ لڳا. ٻالچند گُل جي هاسٽل ۾ گارجين جي روپ ۾ فقط پنهنجو نالو لکايو هو. هوُهر هفتي وڃي گُل کي ساڻ وٺي گُهمائي ڦيرائي سندس ضرورت جون شيون وٺي ڏيندو هو. ڪاراڇي-پيٺاري شام جو هاسٽل ۾ ڇڏي ايندو هوس.

ٻالچند ڪان ڌنڌو ڪرڻ نتي پڄگو. هڪ پراڻي ايماندار ڪرمچاريءَ سان ڏهن سالن جو ائگريمينٽ ڪري دڪان اوڌر ۾ سامان سوڌو اُن کي هلائڻ لاءِ ڏنائين. ڏهه هزارڪرايو ۽ ١٠ هزار مال اوڌر پيٽي مهني وٺڻا ڪيائين. فرم جو نالو ۽ پروپرائيٽرشپ ساڳي رهي. نفعي نقصان جو مالڪ نوڪر رهيو.

ٻالچند ڌنڌي جي ذميواريءَ ڪان بہ فارغ ٿي ويو. ٢٠ هزار جي اِنڪم مان زال کي پنج، نونهن کي پنج ۽ پوٽي کي پنج ڏيڻ لڳو. باقي پنج پنهنجي لاءِ رکيائين.

ٻالچند سڄو ڏينهن آشرم ۾ گذاريندو هو. کائيندو-پيئندو بہ اُتي ئي هو. رات جو گهر وڃي پنهنجي ڪمري ۾ آرامي ٿيندو هو. پنهنجي حصي جا پنج هزار آشرم کي ڏيندو هو. هفتي جو هڪ ڏينهن پوٽي کي ڏيندو هو.

رتنا ۽ ٻالي پنهنجي-پنهنجي گهر ۾ اڪيليون پڇتاو جا ڳوڙها ڳاريندون رهنديون هيون. پنهنجا ڪيل گناهہ ياد ايندا هين.

ٻالي سوچيندي هئي، گُل کي ڏاڏيءَ ڏي وڃڻ ڪان روڪي سس جي دل دکائي. اڄ پُٽ جو منهن ڏسڻ ڪان سِڪي ويئي آهيان. ڪڏهن سوچيو نہ هو تہ لڙائيءَ جهڳڙي جو گُل جي نازڪ دل تي ڇا اثر ٿيندو.

پنهنجي اُگري سياوجي ڪري پنيءَ کي بہ پاڻ ڪان دور ڪري ڇڏيو. هرڪو مونکان نفرت ڪرڻ لڳو آهي. ڪيترِي نہ ندوري، نياڳي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڀاڳ سُهاڳ کي ڌڪو ڏئي، سدا لاءِ پاڻ کان، ڏيهہ کان دور ڪري ڏهاڳ کي گلي لڳايو.

ڇو اَهڙو اُگرو روپ ڌارڻ ڪيم؟ ائين تہ اَهڙي نہ هيس مان مڃان ٿي سس جو وهنوار نيڪ نہ هو، مون پنهنجو صبر شانتي ڇو ڇڏيو؟ ڇا هڙ حاصل ٿيو جهڳڙي مان؟ جُهڳو ئي جهڻ ٿي ويو. پنهنجي خطا جو خميازو ڀوڳي رهي آهيان.

اڪيلي ڀوڳي زندگي جي رهي آهيان. خبر نہ آهي ڪيستائين جيئندس؟ پهاڙ جيڏي زندگي ڪيئن ڪٽبي. ڏُک ۾ درد ۾ نہ ڪوئي سنگي نہ ساٿي. نہ ڪوئي اوهي نہ واٿي. من ٿو ڪري ديوارن سان سِرُ ٽڪرائي پنهنجو انت آڻيان. ليڪن نہ آءٌ ائين نہ ڪنديس. منهنجا گُناهہ اٿاهہ آهن. سزا بہ اوتري ڀوڳڻ گهرجي. ڀوڳيندس سزا مان، تِرُ تِرُ ڪري جلي مرندس.

اَهڙو ئي پڇتاءُ رتنا جي من ۾ هو. سوچڻ لڳندي هئي، ڪهڙي نہ گهر خاندان ۾ جنم ورتو، شادي ڪري گهراڻي گهر ۾ ويس. سس شانتي نالي جهڙي ئي سانتيڪي سڀاءُ جو هئي. اوڙهيون ئي سدا سدروريون پيار ڀريون. ڏيراڻيون، ساهہ صدقي وڃڻ وارو پتي. پوءِ ڪهڙيءَ ڪُتيءَ ڪنيو جو جهڳڙيخور بڻيس؟

سهري اگر ڇڙٻ ڏني تہ وڏو هو، خطا منهنجي ئي هئي، مون ئي ڪُل جي پرمپرا کي ٽوڙيو هو. خوامخواهہ ڪٽنب پريوار کان جدا ٿي، الڳ ٿي گهر وسايو. پاڻ بہ وڏن جي نظر ۾ ڪريس. پتيءَ کي بہ ڏٺو ڪيو.

ڊاليءَ جي ڪهڙي خطا هئي، جنهن جي کيس سزا ڏني؟ نماڻي نهڻي سياو جي ئي تہ هئي، ڇو کيس ذليل ڪري کيس بہ جهڳڙالو بڻايو. پاڻ سان گڏ سندس زندگي بہ خراب ڪئي. جگر جي ٽڪري کي نوڪر هٿي پنهنجي نصيب کي ئي نوڪر ماري ڇڏي. ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ رهي آهيان. گهر کان ٻاهر پير رکڻ محال آهي. اندر جا سوُر اندر ۾ پيئُٽا ٿا پون. سُهاڳڻ هوندي تہ ڏهاڳڻ جهڙي زندگي گهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي آهيان. مون جهڙو بدنصيب هوندو ڪوئي ٻيو؟

رتنا پنهنجين خطائن کي ياد ڪري هنجون هاريندي رهندي هئي. زندگي بوجهه بڻجي پيئي هيس. مالڪ کان موت گهرندي رهندي هئي. موت ڪٿان اچيس؟ اجا سزا پوري ڪٿي ٿي هيس. من اُچاٽ رهندو هوس. بيدلي روٽي ٺاهيندي هئي، ڪاڻ ٿي اوراهہ نہ ٿيندو هوس، روٽي وچي ڳانءِ، ڪُتي يا پکين کي کارائي ايندي هئي. جيءُ ۾ جهوري لڳل هيس. روٽي کيئن وٺيس. ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي ويئي. هڪ هڪ وکہ موت طرف وڌڻ لڳي.

ٻالچند بہ زندگيءَ کي گهسيٽي رهيو هو. گُل اجا ننڍڙي ۾ گتو پيو هو. سوچيندو هو ڪڏهن گلاب وڏو ٿيندو، پڙهائي پوري ڪري ڪرت ڪار کي لڳندو. شادي ڪري گهر وسائيندو ۽ آءٌ پنهنجي فرض کان فارغ ٿي مکتيءَ جي ڪامنا ڪندس. پر اجا وڏو فاصلو طيءِ ڪرڻو هوس.

خوشبو جا ماڻٽ بيفڪر هئا. سوچي رکيو هئائون تہ گُل ۽ خوشبو جي پڙهائي پوري ٿيندي ئي ٻنهين جي شادي ڪرائي پنهنجي فرض کان آجا ٿيندا.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. اجا گُل ۽ خوشبو نائين درجي تائين پهتا هئا. اجا منزل پري هين. هاڻي هوُ ڪشور اوستا جي آخري ڏاڪي تي ۽ جوانيءَ جي دهليز تي پهچي چڪا هئا. پر اجا شوخيءَ چنچلتا نہ آئي هين. ٻئي ڏير گنڀير هئا. دوستي پختي ٿيندي وين. پر ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي چاهنا نہ جاڳي هين.

ٻالچند گُلاب کي ماءُ سان ملڻ اچڻ لاءِ چوندو هو. گُل منع ڪري چوندس هيس، ”داداجي آءٌ اُن گهر ۾ نہ ويندس. ويندس تہ فرش تي پيل ٻڍيءَ جو لاش اکين ۾ ترڻ لڳندو. آءٌ برداشت نہ ڪري سگهندس. مونکي معاف ڪريو. مونکي اُن گهر ۾ وڃڻ لاءِ نہ چئو. مميءَ سان ملڻ لاءِ منهنجي خواهش نہ آهي. پر اگر ممي گهر کان ٻاهر ڪٿي ملڻ ايندي تہ ملي وٺندو مانس.“ ٻالچند وڌيڪ ڪجهہ نہ چوندو هيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبو سمجهدار هئي. هفتي جو هڪ ڏينهن طيءِ ڪري ڇڏيائين. هوءَ صبوح جو گهران پنهنجي هٿان نيرن تيار ڪري ڳُل جي گهر ويندي هئي. ڊاليءَ ۽ رتنا سان ملي ٻنهين کي نيرن ڪارائي ايندي هئي. ٻئي ڍير ساريون دعائون ڏينديون هيس. ٻئي بيصبريءَ سان سڄو هفتو خوشبو جي اچڻ جو اِنتظار ڪنديون هيون.

ٻالچند سوچيو- هاڻي گلاب هاسٽل جي بجاءِ پنهنجي گهر ۾ رهي. شاديءَ ڪانپوءِ ٻہ جيئَن اُهو گهر سندس رهڻ جي ڪم اچي. سوچي- سمجهي هڪ پرائيم لوڪيلٽيءَ ۾ ٻہ هڪ جهڙا لڳولڳ فلئٽ گلاب جي نالي خريد ڪيائين. سوچيائين، ٻئي گڏ هڪ ڪري ڇڏبا.

هڪ سال ڪانپوءِ ڳُل هاسٽل ڇڏي پنهنجي فلئٽ ۾ آيو. روٽي ٽفن سينٽر مان گهرائيندو هو. موڪل جي ڏينهن خوشبو جلدي اچي سيني جو ناشتو تيار ڪري ٻالچند، ڳُل کي ڪارائي خود ٻہ اُنهن سان گڏ کائي، ڊاليءَ ۽ رتنا لاءِ ٽفن کڻي وڃي ملي ٻہ ايندي هين ۽ نيرن ٻہ ڪارائي ايندي هين. واپس اچي منجهند ۽ رات جي روٽي ٻہ تيار ڪندي هئي. ٽيئي گڏجي کائيندا هئا. پوءِ پنهنجي گهر ويندي هئي. ماڻ پڇندي هيس تہ اُن کي صاف چوندي هئي تہ ڳُل وٽ هئي. ماڻس وڌيڪ نہ پڇندي هيس.

هڪ دفعي ڊالي رتنا وٽ ويئي تہ رتنا جو حال هيٺو لڳس. پڇيائينس، ”وڏي ممي ڪمزور ٿا لڳو، طبيعت نيڪ اٿوَ نہ؟“

رتنا ٿڌو ساهہ کڻي چيس، ”ڏئي وڃي بيني آهيان، بس سڌ ٿئي تہ هلان.“

خوشبو دلداري ڏيندي چيس، ”ائين ڇو ٿا چئو، جلدي نيڪ ٿي ويندءُ. ڊاڪٽر کي فون ڪري گهرايان ٿي. پرتي ڪرڻ لاءِ چيائين تہ ڪنهن سٺيءَ اِسپتال ۾ پرتي ڪرائيندا سين.“

رتنا آهہ پري چيس، ”ٻچڙي وڃڻ ڏي هاڻي، ڊاڪٽر کي گهرائي منهنجي سزا نہ وڌاءِ. هيءَ ٻہ ڪا زندگي آ؟ پوڻ کان وڃڻ بهتر ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پايان. تون سهري کي فون ڪر، اچي تہ پُل بخشايانس. معافي وٺانس. اچي پنهنجي هٿن سان اُپرائي.''

خوشبو بالچند کي موبائيل تي فون لڳائي رتنا جي نازڪ طبيعت جو ٻڌائي فورن گهر اچڻ لاءِ چيو. بالچند گُل وٽ ئي هو. جلد گهر روانو ٿيو. گُل ڏاڏيءَ جي طبيعت جو ٻڌي ڏاڏيءَ سان گڏ روانو ٿيو.

گُل کي ڏسي رتنا جون اکيون ٺري پيون. کيس گلي سان لڳائي روئڻ لڳي. گُل سندس ڳوڙها اُگهڻ لڳو. بالچند ڊاڪٽر کي فون لڳائي، رتنا هٿ پڪڙي منع ڪيس. خوشبوءَ کي چيائين، ''پٽ خوشبو، ڪنوار کي سڏي آءُ تہ اُن ڪان بہ خطا بخشايان.'' خوشبو ويئي ڊاليءَ کي سڏي آئي ڊالي آئي سس سهري کي پيري پئي. گُل اُٿي ماءُ کي پيري پيو. ڊاليءَ چڪي چاتيءَ سان لڳايس. ڊاليءَ جو روم روم ٺري پيو.

رتنا ڊاليءَ کي سڏ ڪري پرسان ويهاري چيو، ''ڪنوار، مون پاپڻ جون خطائون معاف ڪر تہ ڇاتيءَ تان بوجهہ لهي. سؤلو ساهہ نڪري.''

ڊاليءَ سس جا پير پڪڙي چيو، ''امڙ مونکي شرمندو نہ ڪريو. خطاوار آءٌ نياڳي ئي آهيان، جنهن سُرڳہ جهڙي گهر کي نرڪ بڻايو. آءٌ معافي بہ نہ گهرندس پنهنجي ڪئي جا ڪيتا لوڙهيان، جيستائين جيئندس ورهہ جي آڳہ ۾ جلندي رهندس. مالڪ ڪري مونکي نرڪ ۾ بہ جاءِ نہ ملي.''

ڊالي نير وهائيندي رهي، رتنا بہ روئيندي رهي. بالچند، گُلءِ خوشبو جو بہ من پرجي آيو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ رتنا، ڊالي ءِ خوشبو کي اِشارو ڪيو، ٻئي ٻئي ڪمري ۾ هليون ويون. رتنا اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، اُٿي نہ سگهي. بالچند وڃي رتنا جي سرهاني ڪان ويٺو. رتنا ٻنهين هٿن سان بالچند جا پير پڪڙيا، زبان سان ڪجهہ نہ چيائين. بس لڙڪ ڳاريندي رهي. بالچند رتنا جو مٿو پنهنجي گود ۾ رکيو. رتنا جا ڳوڙها اُگهي مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳس. رتنا جون اکيون بوتجڻ لڳيون. بالچند رڙ ڪري ڊاليءَ کي سڏ ڪيو. ٻيئي ڀڄندا آيا. بالچند ڊاليءَ کي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جلدي ترسيءَ جو پتو ۽ امرت ڪٽي اچ.“ ڊالي پڇندي ويئي گنگا جل ۾ ڪنڊ ملائي تُلسيءَ جو پتو پتي آئي. ڊاليءَ تلسيءَ جو پن رتنا جي وات ۾ وڌو. چمچي سان امرت وات ۾ وڌائينس. رتنا هميشھ لاءِ اکيون بوٽي ڇڏيون.

گُل ڊاڊيءَ جي چکيا کي اگني ڏني. ڏهين ڏينهن ڊاڊيءَ جون هانيون ڪٽي هوائي جهاز ۾ دهلي ويو. دهليءَ کان ٽئڪسيءَ ۾ هردوار ويو. پنڊ پرائي هانيون پرواهہ ڪري ٻارهين ڏينهن هوائي جهاز ۾ اِندور موٽي آيو.

خوشبو ٻارهن ئي ڏينهن ڊاليءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيني. پڙهائيءَ جو بہ فڪر نہ ڪيائين. ٻارهو ٿي ويو. مهمان روانا ٿي ويا. گُل ماءُ کي چيو- ”هلو فلئٽ ۾ هلي رهو.“

ڊاليءَ چيس، ”تون خوش رهہ، پنهنجي جواني ماڻ. آءٌ هتي ئي رهندس. هن گهر ۾ منهنجي ڏولي آئي هئي، هن گهر مان ئي منهنجي ارٿي نڪرندي.“

گُل ۽ خوشبو پنهنجي پڙهائيءَ کي لڳي ويا. ٻالچند هاڻي پورو وقت آشرم ۾ ئي رهڻ لڳو. بس هڪ ئي تمنا هيس تہ گلاب (ٻالچند گُل کي هميشھ گلاب ئي سڏيندو هو ٻيا سڀ گُل چوندا هيس) پڙهائي پوري ڪري ڌنڌو سنڀالي ۽ شادي ڪري گهر گرهستي وسائي تہ ڪيس مُڪتي ملي. جنهن نوڪر کي دڪان ڏهين سالين لاءِ نيڪي تي ڏنو هئائين اُن مارڪيٽ وئليوُ سان دڪان خريد ڪرڻ جي آفر ڏنس. ٻالچند منع ڪري ڇڏيس. چيائينس، ”دڪان گلاب جو آهي، اُيپوءِ اُهو ئي سنڀاليندو. جيئن هلي ٿو تيئن هلڻ ڏي. ها اگر گلاب ٻيو ڪوئي ڪم ڪرڻ چاهيو تہ پوءِ دڪان توکي ئي ڏيندس.“

گُل ۽ خوشبوءِ ٻارهين ۾ پڙهي رهيا هئا. هڪ ڏينهن گُل خوشبوءِ کي چيو، ”ڪاليج جي پڙهائيءَ جي هاڻي ئي پلاننگ ڪرڻ گهرجي، جيئن هڪ جهڙا سبجيڪٽ کڻي گڏجي پڙهائي ڪريون. منهنجو اِرادو نوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو آهي. گريجوئيشن ڪانپوءِ نوڪري به ڪندس ۽ پڙهائي به جاري رکندس. آءٌ گهڻو وقت داداجيءَ تي بوجهه بڻجي نٿو رهڻ چاهيان. تنهنجو ڇا ويچار آ؟“

خوشبوءِ چيس، ”آءٌ ته تنهنجي پرڇائي آهيان، جتي تون اُتي آءٌ.“

گُل ٻڌايس، ”پوسٽ گريجوئيشن ڪانپوءِ آءٌ ڪنهن ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيندس. پي. ايڇ. ڊي. ڪرڻ ڪانپوءِ پروفيسر بڻبس.“

خوشبو چيس، ”آءٌ توهان جي نقشي قدمن تي هلنديس.“

گُل چيس، ”هڪ ٻي ڳالهه، خوشبو مون ڊئڊيءَ سان واعدو ڪيو هو ته، جيستائين ممي جيئري آهي آءٌ شادي نه ڪندس اڄا ته ممي ينگ آهي، تي سگهي ٿو ميءَ جي هوندي آءٌ شاديءَ جي ايج ڪان پار ٿي وڃان. تون چاهين ته پنهنجا قدم موڙي سگهين ٿي.“

خوشبو چيس- ”گُل ڪان الڳ خوشبو جو وجود ڪٿي آهي؟ آءٌ پلي تنهنجي هم دم نه بڻجان. هم قدم سدا رهنديس.“

”ايترو سؤلو نه آهي خوشبو، تنهنجا مائٽ شاديءَ لاءِ توتي پريشر وجهندا، پوءِ ڇا ڪندينءَ؟“

”اڄا ته گريجوئيشن لاءِ ٽن سالن ڪان وڌيڪ وقت پيو آهي، تيستائين ڪجهه نه چوندا. اُن ڪان پوءِ نوڪري ڪري تنهنجي ٻئي فلئٽ ۾ ڪرائيدار ٿي اچي رهندس. نوڪري نه به ملي ته گهر ۾ ئي ڪوچنگ شروع ڪندس. ايني ٿنگ ايلس؟ (ٻيو ڪجهه)“

گُل چيس، ”نيڪ آهي پنهنجو پاڻ کي حالتن جي حوالي ڪري ڇا ڇڏيون.“

سڄي گهر ۾ اڪيلي ڊالي سهميل هيسايل رهندي هئي. جڏهن مِن ڊپ سان پرجي ويندو هوس ته سڀ دريون دروازا بند ڪري اندرئين ڪمري ۾ وڃي زور زور سان رڙيون واڪا ڪندي هئي. جڏهن ڊپ هلڪو ٿيندو هوس ته روئي روئي هانءُ هلڪو ڪندي هئي.

هاڻي آرتوار جي ڏينهن خوشبو نيرن فلئٽ مان تيار ڪري ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي هيس. ڊاليءَ کي نيرن ڪارائي، گهر ٻهاري صاف ڪندي هئي، ڪپڙا ڌوئي وجهندي، منجهند جي رسوئي تيار ڪري ڪارائيندي هيس. خود بہ کائيندي هئي. ٻر تن صاف ڪري رنڌڻو سهيلي پوءِ ڊاليءَ جي ڪمري ۾ ويندي هئي. ڊالي ليٽي پيئي هوندي هئي. سندس سرهاڻي وَيهي ڊاليءَ جو مٿو دٻائيندي هئي. خوشبو جي نازڪ هٿن جي ڇهاءُ سان ڊاليءَ جي دماغ مان چنتائون ڦرڙا دور ٿي ويندا هئا ۽ ازخود گهري ننڊ اچي ويندي هيس. ڪجهہ دير ٽنگون پير دٻائي وجهي ڪپڙا پريس ڪري رکندي، رات جي مانيءَ جي تياري ڪري رکندي هئي.

ڊالي ننڊ ڪري اُٿندي هئي تہ پاڻيءَ جو گلاس ڏيئي ايندس. وارن ۾ تيل لڳائي وار سنواري چوٽي ڪندي هيس. شام جي چانهہ ڏيئي رات جي لاءِ ٿڻن تيار ڪري رکي موڪلائي ويندي هئي. ڊاليءَ جي ٻوساٽيل زندگيءَ خوشبو تازي هوا جي جهوٽي مثل هئي.

خوشبو جي وڃڻ کانپوءِ ڊالي سوچيندي هئي، ”ناحق، مان پنهنجي ڀاڳ کي پِٽي ڏني، سُکہ شانتيءَ سان رهان ها تہ خوشبو جهڙي ننهن ملڻ تي نهال ٿي وڃان ها. اڃا نونهن ٻڌي نہ آهي، تہ بہ ڪيترو نہ پر گهور ٿي لهي. ڊاليءَ جي رڳہ-رڳہ خوشبو کي دل سان دعائون ڏيندي هئي ۽ سوچيندي هئي، الائي ڪڏهن اُهو سدورو ڏينهن ايندو جنهن ڏينهن گُل ڊاليءَ سان لائون لهندو.

گُل خوشبو ڪاليج ۾ داخلا وٺي چڪا هئا. خوشبو جون مائٽيون اچڻ لڳيون. انڪار ڪري خوشبو جا پيءُ ماءُ پريشان ٿي ويا. هڪ ڏينهن خوشبو جي ماءُ مڙس کي چيو- ”شادي جڏهن ٿيڻي هوندي ٿيندي، فلحال گُل جي رشتي جي ڳالهہ تہ چوريو.“

خوشبو جي پيءُ چيس، ”آءٌ جلد ئي سيٺ ٻالچند سان رشتي جي ڳالهہ چوريندس.“

روشنلال (خوشبو جو پيءُ) ٽائيم وٺي ٻالچند سان مليو. ٻالچند سان گُل ۽ خوشبو جي رشتي جي ڳالهہ چوريائين. ٻالچند سندس خوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاطرداري ڪئي. پوءِ چيائينس، ”گُل سان صلاح ڪري جلد ئي ٻڌائيندوسانوَ.“ روشنلال موڪلائي هليو ويو.

آرتوار جي شام هئي. خوشبو ڏاليءَ کان موڪلائي گُل جي فليٽ تي اچي ويئي هئي. ڊنر تيار ڪري ڊائننگ ٽيبل تي رکيو هئائين. بالچند آيو ته ٽيئي اچي ڊائننگ ٽيبل تي ويٺا. ڊنر شروع ٿيڻ کان اڳ بالچند روشنلال جي اچڻ جو ۽ اُن جي منشا جو ذڪر ڪين. گُل کي چيائين، ”پُٽ، وڏيڪ پڙهائي ڪري ڇا ڪندءُ، پنهنجو ڌنڌو سنڀال. شادي ڪري گهر وساءِ ته آءٌ به پنهنجي ذميواريءَ کان آجو ٿي پنهنجي جيون ياترا پوري ڪريان.“

گُل چيس، ”داداجي، بزنيس نه، نوڪري ڪندس. سٺي نوڪريءَ لاءِ پڙهائي ضروري آهي. فلحال منهنجو شادي ڪرڻ جو اِرادو ڪونهي.“

”شادي ڀلي دير سان ڪجانءِ. فلحال ٻنهين جو مڱڻو ته ڪري ڇڏيون.“

”جڏهن شادي ئي طيءِ نه آهي ته مڱڻي مان فائدو؟“

”ڇو ناهي شادي طيءِ؟“

”داداجي، مميءَ جي هوندي آءٌ شادي نه ڪندس.“

”توکي ماءُ سان گڏ ناهي رهڻو نه رهه، شادي ڪري الڳ رهجانءِ.“

گُل ڪنڌ هيٺ ڪري نظرون جهڪائي چيو، ”داداجي مون ڊئڊيءَ سان واعدو ڪيو هو ته، جيستائين ممي زنده آهي، آءٌ شادي نه ڪندس.“

”ان ضد جو مطلب سمجهين ٿو؟ ڪنوار جي عمر ئي گهٽي آهي؟ ٢٥-٣٠ سال ڪاڏي نه ويندي. تيستائين تنهنجي شاديءَ جي عمر ئي نڪري ويندي.“

”ڪائي ڳالهه ناهي، آءٌ شادي ئي نه ڪندس.“

”خوشبوءِ جو ڇا ٿيندو؟“

خوشبو ڪنڌ جهڪائي چيو، ”داداجي، مونکي گُل جي فيصلي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر آهي جڏهن ڪان هوش سنڀاليو آهي، گُل سان گڏ رهي آهيان. اسان جو رشتو پيار جو رشتو آهي، روح جو رشتو آهي. آءٌ گُل کي ڇڏي ڪيڏانهن نہ ويندس. ڇاهي سڄي عمر ڪنوارو رهڻو پوي.``

”پُٽ تنهنجا ماءُ پيءُ تنهنجو اهو فيصلو ڇو مڃيندا؟ هوُ هاڻي ئي تنهنجي شاديءَ جي لاءِ اُتاولا ٿي رهيا آهن.``

”ٿيڻ ڏيون اُتاولو، آءٌ پنهنجي ارادي تي اٽل آهيان. دباءُ رکيائون تہ آءٌ الڳ رهندس. اِئين بہ آءٌ نوڪري ڪرڻ ٿي چاهيان. ڪنهن تي بوجهہ بڻجي رهڻ نٿي چاهيان. توهان جي مهرباني ٿيندي اگر توهان مونکي بئي فلئٽ ۾ ڪرائيدار جي حيثيت سان رهڻ ڏيندا.``

”پُٽ، تنهنجو گُل سان نينهن جو ناتو آهي. تون اسان لاءِ غير ڪيئن ٿينءَ؟ اِئين بہ مون بيو فلئٽ تنهنجي لاءِ ئي ورتو آهي. آءٌ سياڻي ئي تنهنجي نالي ٽرانسفر ڪري ٿو ڇڏيان. توکي نوڪري ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اڃا تنهنجو داداجي جيئرو وينو آهي. تون بيفڪر ٿي پنهنجي پڙهائي جاري رکہ.``

خوشبو اُٿي بالچند کي پيري پيئي سندس هٿ پنهنجي مٿي تي رکي چيس، ”داداجي توهان ڪانسواءِ هي گهر بنا ڇت جي ٿو لڳي، توهان آشرم ڇڏي هتي اَسان سان گڏ اچي رهو، آءٌ سياڻي بئي فلئٽ ۾ شفٽ ٿي ٿي وڃان. آءٌ پنهنجو فرض نباهيندس، بس سِر مٿان توهان جو سايو کپي.``

بالچند خوشبو جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، ”ڏن آهن تنهنجا ماتا پتا جن توکي سنا سنسڪار ڏنا آهن.

خوشبو چيو، ”داداجي ڏن توهان آهيو جو گُل کي اَهڙو چريترواں، گڻوان ۽ سنسڪاري بڻايو اٿو. مونتي گُل جي سنگت جو اثر آهي. هاڻي اگر وار تالاپ پورو ٿيو هجي تہ ڊنر سروَ ڪريان؟``

خوشبو رسوئي پروسي پهريائين بالچند کي ڏني. پوءِ گُل کي ڏنائين، آخر ۾ پنهنجي پرسان رکيائين.

رسوئي ڪائي ٻالچند آشرم روانو ٿي ويو. وڃڻ کان اڳ واعدو ڪري ويو تہ آشرم ڇڏي فليٽ ۾ رهڻ ايندو. خوشبو بہ پنهنجي گهر رواني ٿي ويئي.

خوشبو جو فيصلو ٻڌي روشنلال ۽ ريوتي (خوشبو جي ماءُ) دنگ رهجي ويا. روشنلال ناراض ٿيندي چيس، ”دماغ نڪاڻي اٿئي، هيءَ تون ڇا چئي رهي آهين؟ بنا شاديءَ جي ڳُل سان گڏ وڃي رهندينءَ؟“

”گڏ نہ اُن جي فليٽ ۾ ڳُل جي پرسان.“

”ماڻهو اِها ڳالهہ نہ سمجهندا.“

”مونکي ماڻهن جي پرواهہ نہ آهي. آءٌ اهڙو ڪوئي ڪم نہ ڪنديس جو توهانکي ڪنڌ جهڪائڻو پوي. اسان جو جسم جو نہ، روحاني رشتو آهي. دنيا وارن کي ايتري سمجهہ نہ آهي. جو ان رشتي کي سمجهي سگهن. غنيمت آهي اگر توهان سمجهي سگهيا، راضي خوشيءَ سان اِجازت ڏيندا تہ توهان سان رشتو قائم رهندو. اگر ونجهوگہ ٿيو تہ آءٌ هميشهہ لاءِ هن گهر ڏي پٺي ڏيئي ويندس.“

خوشبو جي ماءُ پيءُ ڪائي ورندي نہ ڏني. ريوتيءَ جي دل درد سان پرجي وئي. اکين ۾ آنسون تري آيس. خوشبو پنهنجو ضروري سامان پئڪ ڪري ماءُ پيءُ کان موڪلائي ٽئڪسيءَ ۾ رواني ٿي ويئي.

ڳُل ڏنڏي کان اِنڪار ڪيو هو. هاڻي دڪان رکڻ مان ڪوئي فائدو نہ هو.

ٻالچند وڃڻ کي سڏ ڪرائي چيو تہ آءٌ دڪان وڪڻڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنجو اِرادو اٿئي خريد ڪرڻ جو؟ وڃيہ پيري پيئي چيس، ”سيٺ صاحب توهان جي مهربانيءَ سان آءٌ اَڄ ان قابل بڻيو آهيان جو دڪان خريد ڪري سگهان ٿو. توهان مُلهہ ڪٿايو، آءٌ بيانو اَڄ ئي ڏيندس، ٻن مهنن جي مهلت ڏجو، ٻن مهنن ۾ پوري رقم ڏيئي دڪان جي رجسٽري ڪرائيندس.“

دڪان جو سؤدو پڪو ڪري، ٻالچند پلاسيا ۾ هڪ بنگلو خريد ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيانو ڏيئي ڇڏيو. جيئن ئي دڪان جي رجسٽري ٿي ويس، تيئن ئي بنگلي جي پوري رقم ڏيئي رجسٽري گُل خوشبو جي نالي سان ڪرايائين. ضروري ڦيرڦار جو ٺيڪو ڏيئي ڇڏيائين. فرنيچر بہ نئين سري سان ٺهرائڻ لاءِ ڪاريگر لڳائي ڇڏيائين. ڇهن مهنن اندر بنگلو نئون نويلو ٿي ويو. هڪ ڪار بہ خريد ڪري بنگلي ۽ ڪار جي چابي خوشبو جي هٿ ۾ رکيائين.

خوشبو چيس، ”دادجي هي مونکي ڇو ڏيئي رهيا آهيو؟“

بالچند چيس، ”گُل جي ئي وانگر تنهنجي هٿ ۾ ڏيئي رهيو آهيان تہ چابي ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ ڏيان؟ پُٽ، الڳہ ٻن فلئٽن ۾ رهي سگهبو آهي تہ هڪ بنگلي جي ٻن ڪمرن ۾ بہ رهي سگهبو آهي. توهان بنگلي ۾ شفٽ ٿي وڃو. هتي ٻئي گڏجي ڪوچنگ ڪلاس شروع ڪيو ۽ پڙهائي بہ جاري رکو.“

گُل ۽ خوشبو اُٿي بالچند کي پيري پيئي آشيرواد ورتي.

بالچند گرهہ پرويش جو مهورت ڪرائي وڏي پئماني تي فنڪشن ۽ پارٽي رکي. پنهنجن رشتيدارن، واقفڪارن کي، خوشبو جي ماءُ پيءُ، سندس عزيزن، قريبن کي نينڊ ڏني. آشرم واسين کي پڻ نينڊ ڏنائين. ڊاليءَ کي وچي خاص طور سان پوڄا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مڃايائين.

سيني اِئين سمجهيو گُل ۽ خوشبو لوَ مئريج ڪئي آهي، اُن سلسلي ۾ بالچند پارٽي رکي آهي. پوڄا جي جڳهہ تي رتنا ۽ لعل جي وڏي مورتي رکيل هئي. فوٽوءَ تي تلسيءَ ۽ گُلن جي مالها چڙهيل هئي. هوَن پوڄن ڪانپوءِ گُل ۽ خوشبو اُٿي بالچند کي، ڊاليءَ کي، روشنلال ۽ ريوتيءَ کي پيري پيئي آشيرواد ورتي. ٻين بہ بزرگہ عزيزن ۽ مهمانن کي پير ڇهي آشيرواد ورتائون. سيني اِئين سمجهيو تہ ٻنهين جي شادي ٿي آهي. ڊاليءَ جا نيڻ ٺري پيا. روشنلال ۽ ريوتيءَ جي دل تان بہ بوجهہ لهي ويو. گُل ۽ خوشبو جي دوستيءَ جي ڳنڍ مضبوط ٿي ويئي.

بالچند واعدي مطابق ٻارن سان گڏ اچي رهيو. ڊالي اڪيلي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ رهي. گُل ۽ خوشبو ٻيو بہ اِسٽاف رکي ڪوچنگ ڪلاس شروع ڪيا. پارٽ ٽائيم اُتي ڪم ڪري باقي وقت پڙهائيءَ کي ڏيڻ لڳا. گهر جي لاءِ فل ٽائيم جي مئڊ سرونٽ، کُڪ ۽ مالهي رکيائون. ڊاليءَ لاءِ پڻ فل ٽائين جي مئڊ سرونٽ رکيائون. خوشبو نيم موجب هفتي ۾ هڪ ڏينهن صبوح کان شام تائين ڊاليءَ سان وقت گذاريندي هئي. ڪيس نونهن جهڙو سُک ڏيندي هئي. خوب شيوا ڪندي هيس. ڊاليءَ جي تنل هردي تي ٿڌو چندو پوندو هو.

گُل چاهي خوشبو ٻئي بالغ هئا. آشرم جي ٽرسٽين ۾ ٻنهين جو نالو هو. بالچند ۽ ڊاليءَ جو پڻ نالو هو. بالچند ٽرسٽ جي وڏان ۾ قيرقار ڪرائي پنهنجي جڳهہ تي روشنلال کي ٽرسٽي بڻايو. پاڻ هاڻي رخصت وٺڻ تي چاهيائين.

بالچند هاڻي سيني ذميوارين کان مڪت هو. هاڻي اکيون بوٽڻ تي چاهيائين. من ۾ جيئڻ جي چاهہ ئي نہ رهيس. ڏينهون پوءِ ڏينهن پوڙهو پوندو ويو. گُل ڊاڪٽر کي گهرائي چيڪ اپ ڪرائڻ لڳس، ڪوئي روڳہ هجي تہ ظاهر ٿئي نہ؟ بس ڏيئي مان تيل ويو تي چڪندو. وٽ بہ ويئي تي پڄندي. آخر هڪ ڏينهن تيل پوري طرح چُڪي ويو، وٽ پوري جلي ويئي، بالچند هميشهہ لاءِ اکيون بوٽي ڇڏيون. گُل خوشبو کي لڳو سر تان هميشهہ لاءِ سايعو هلي ويو.

پوريءَ سک شرڌا سان گُل ڏاڏي جو انتم سنسڪار ڪيو. پوريءَ وڏي وڏان سان پڳڙي رسم، هانيون پروان ۽ ٻارهي جي رسم پوري ڪئي. مهمانن کي جوڳو مانُ ڏنو ۽ سندن سيوا ڪئي. خوشبو بہ نونهن وانگر پنهنجي ذميواري نباهي.

ٻارهي کانپوءِ ڊالي پنهنجي گهر موٽي ويئي. ٻارهن ڏينهن گُل ۽ خوشبو سان گڏ گذارڻ کي ئي پنهنجي خوشنصيبي سمجهيائين.

پئسي جي ڪمي هئي نہ. گُل جي ايف. ڊي. کاتي ۾ وڏي رقم جمع هئي. ايف. ڊي. مئچيوئر ٿيڻ تي رقم ڪڍائي ڏاڏيءَ جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان رتنا ديوي ٻالچند ڏرمشالا ٺهرايائين. ٽرسٽي آشرم وارا ئي مقرر ڪيائين. هڪ رٽاير ماسٽر کي مئنيجر ڪري رکيائين.

ٻنهين جي پڙهائي بدستور جاري هئي. هر سال اڳتي وڌندا رهيا. پوسٽ گريجوئيٽ ٿي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار بڻجي ويا.

ڪاليج ۾ وديارٿين کي پڙهائڻ کان وڌيڪ ڪنٽرول ۾ رکڻ ڏکيو ڪم هو. خاص ڪري نون ليڪچرارس لاءِ. گُل خوشبو کي بہ ڪافي دقت ٿيڻ لڳي. وديارٿين ۾ گهڻا شاهوڪار گهرن جي بگڙيل اؤلاد هئا. اُنهن جي لاءِ ڪاليج پڙهائيءَ لاءِ نہ موڄ مستيءَ ۽ مٽر گشتيءَ جي جڳهہ هئي. پاس ٿيڻ جي فڪر نہ هين. نقل ڪري سٺين مارڪن سان پاس ٿيڻ تي هريل هئا. پئسي جي زور تي نہ تہ ڏنڊي جي زور تي پاس ٿيڻ جي پوري پڪي اُميد هين.

گُل خوشبو کي ڪاليج جو ماحول راس نٿي آيو. مُنجهي پيا تہ ڇا ڪن. رات جو ڊنر تي گڏ ٿيا تہ سوچڻ لڳا ڇا ٿئي؟

خوشبو چيو، ”سڄو ڍانچو ئي بگڙيل هي. ڪنهن ٻيءَ جڳهہ تي هلنداسين تہ اُتي بہ ماحول اَهڙو ئي ملندو.“

”تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“

”گُل ڇا اَسين نوڪري پيٽ گذر لاءِ ڪري رهيا آهيون؟“

”اَهڙي تہ ڳالهہ نہ آهي. گذاري لاءِ ٻيا بہ وسيلا آهن.“

”’اسان اِهو پروفيشن ڇو چونڊيوسين؟“

”صحيح ڳالهہ اِها آهي تہ اسان سيٽل لائيف ٿي چاهي. جتي روزگار سان گڏ استيبلٽي هجي ٽرانسفر جو چڪر نہ هجي.“

”مطلب تہ پنهنجو سوارٿ ئي ڏٺوسين، سيوا ڀاو نہ هو؟“

”شايد.“

”تہ پوءِ تون بزنيس کان ڇو اِنڪار ڪيئہ؟“

”شايد اِنڪري جو بزنيس جي ڄاڻ نہ هئي. شايد اِنڪار نہ ڪرڻ کپندو هو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هاڻي ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟“

”سوچيان ٿو اِستيعفا ڏيان؟“

”مطلب ذميواريءَ کان ڀڄڻ ٿو چاهين؟“

”خوشبو اسان جا وڏا پنهنجا اباڻا پڪا ڇڏي ڀارت ڇو آيا؟“

”حالات موافق نه هئا، شايد اِنڪري؟“

”انهن عقلمنديءَ کان ڪم ورتو يا نه؟“

”ضرور ورتائون.“

”ته پوءِ هتي به حالات موافق نه آهن. اِستيعفا ڏيڻ عقلمندي ٿيندي. تون ڇا ٿي چاهين؟“

”آءٌ توهان جي ڪڍ آهيان. منهنجو ويچار آهي اِستيعفا ڏيڻ بجاءِ موڪل تي رهون. موڪل وڌائيندا رهون. ان وچ ۾ ٻئي جاب جي باري ۾ سوچي وٺون، پوءِ اِستيعفا ڏيون.“

”ٺيڪ آهي، اِئين ئي ٿا ڪريون.“

”هڪ ٻي به گذارش آهي.“

”گذارش جي ضرورت ڇو پيئي، سڌيءَ طرح چئه ته ڇا ڪرڻو آهي.“

”ڪڏهن ڪڏهن تون به مميءَ سان ملڻ هلندو ڪر.“

”خوشبو، آخر هوءَ منهنجي ماءُ آهي. آءٌ به ساڻس ملڻ چاهيان ٿو، ليڪن اُن گهر ۾ وڃڻ لاءِ منهنجي دل گوارا نٿي ڪري.“

”ڳُل ڪهڙيون ٻاراڻيون ڳالهيون ٿو ڪرين؟ ڀڳوان نه ڪري سڀاڻي ممي بيمار ٿي پوي، ڪيس ڀڳوان پروسي ڇڏي ڏيندين؟ ڇاڪاڻ ته تنهنجي دل گوارا نٿي ڪري؟“

”تون آهين نه ڪيس سنڀالڻ لاءِ.“

”تنهنجو ڪوئي فرض نٿو بڻجي؟“

”پليز خوشبو، آءٌ به ان منظر کي ڀُلائي نه سگهيو آهيان، ڊئڊيءَ جو لاش پٽ ۾ پيو هو، ممي ۽ ڏاڏي جهڳڙي ۾ محوُ هيون. ان ڪري اُن اِسپات تي وڃڻ لاءِ منهنجي دل گوارا نٿي ڪري.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سياڻي ممي گذاري وڃي تہ سندس ڪرياڪرم بہ مونکي ڪرڻو پوندو؟ ڇاڪاڻ تہ تنهنجي دل اُتي وڃڻ گوارا نٿي ڪري؟ دل کي مضبوط بڻاءِ ۽ مميءَ ڏانهن پنهنجي فرض کي نڀاءِ. گُل آءٌ توسان گڏ هلنديس ليڪن گهڻي دير اُتي ترسي نہ سگهنديس. جلدي موٽي اچجانءِ.“

”تون هل تہ سهين، پوءِ ڏسي وٺنداسين: هلان ٿي. گڊ باءِ، ائنڊ گو نائيٽ.“ چئي ٽيبل تان برتن سميٽي ڪچن ۾ رکي آئي هٿ صاف ڪري، پنهنجي روم ۾ هلي ويئي.

گُل پنهنجي روم ۾.

صبوح جو سويل اُٿي هٿ منهن ڌوئي پنهنجي ۽ گُل لاءِ چانهہ تيار ڪئي. ٽري ۾ ٻئي ڪوپ کڻي گُل جي ڪمري ۾ ويئي. گُل اڃا سُمهيو پيو هو. خوشبو ٽري سائيڊ ٽيبل تي رکي گُل کي جاڳايو. چانهہ جو ڪوپ هٿ ۾ ڏنائينس. پاڻ ڪرسيءَ تي ويهي چانهہ پيئڻ لڳي.

چانهہ کان فارغ ٿي ٻئي ڪوپ کڻي خوشبو رنڌڻي ۾ ويئي. ڪوپ رنڌڻي ۾ رکي باٿروم ۾ ويئي. سنان ڪري وارڊ روب مان ڪپڙا پائي آلن وارن کي ٽوال لپيٽي ڪمري ۾ آئي. موبائيل کڻي اِنٽرنيٽ تي ڪاليج جي ئي-ميل تي پنهنجي ۽ گُل جي ليوَ اپليڪيشن موڪليائين. وار جهٽڪائي، ربن ٻڌي نيرن تيار ڪري ڊاليءَ لاءِ ٽفن ۾ وڌائين. پنهنجي ۽ گُل لاءِ ناشتو ڊائننگ ٽيبل تي رکيائين. اينري ۾ گُل بہ تيار ٿي آيو. نيرن کائي وار سنواري، ٽفن کڻي ڪار ۾ سوار ٿي ٻئي ڊاليءَ ڏي روانا ٿيا.

گهر پهتا تہ ڊالي نظر نہ آين. ٻئي سندس روم ۾ ويا. ڊالي بستري تي ليٽي پيئي هئي. اکيون در ۾ کُتل هيس. گُل کي آيل ڏسي اکين ۾ چمڪ اچي ويس. خوشبو کي اُهڃاڻ ٺيڪ نہ لڳا. نبض ڏنائينس، نبض ٻُڏي رهي هيس. ڊوڙي وڃي تلسيءَ پن ۽ گنگا جل کڻي آئي. خوشبو تلسيءَ جو پن ڊاليءَ جي زبان تي رکيو. چمچي سان گنگا جل وات ۾ وڌو. ڊاليءَ جي نظر گُل ۽ خوشبو تي ٽڪيل هئي. ڪجهہ ئي دير ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون بينور ٿي ويس. گُل ماءُ جي لاش سان چنبڙي زار زار روئڻ لڳو. خوشبو سندس پنيءَ تي وارن ۾ هٿ ڦيري کيس دلاسو ڏيندي رهي.

خوشبو گُل کي ڇڪي ماءُ جي لاش تان هٽايو. گُل ۽ خوشبو ملي ڊاليءَ کي بستري تان لاهي هيٺ پٽ ۾ ليٽايو. عزيزن، پريچتن کي فون تي اطلاع ڪايئون. روشنلال ۽ ريوتيَ فورن اچي ويا. اچي گُل کي آٿت ڏنائون.

ماڻهو گڏ ٿيندا ويا. شوَ ياترا جي تياري ٿيڻ لڳي. يوپال مان ڊاليءَ جي پيڪن جي اچڻ جو انتظار ٿيڻ لڳو. يوپال وارن جي پهچڻ ڪانپوءِ جلد ئي شوَ ياترا شروع ٿي.

گُل چکيا کي اگني ڏني. پيري پيئي ماءُ کان موڪلايائين. رامست ڪانپوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿيا.

ٻارهين تائين گُل ۽ خوشبو اُتي رهيا. خوشبو نونهن ٻڻجي هر ذميواري نباهي. مهمانن جي رواني ٿيڻ ڪانپوءِ ٻئي پنهنجي بنگلي ۾ موٽي آيا. گُل بيحد اُداس هو. من جو ڪنول مرجهائجي ويو هوس. خوشبو کيس سنڀالي رهي هئي. جڏهن ڪجهه پاڻ سنڀاليائين تہ خوشبو پُڇيس، ”هاڻي؟“

گُل چيس ”جيڪي ڪرڻو آهي، تون سوچ ۽ ڪر مونکي ڪجهه ٻيا ڪم ڪرڻا آهن.“

گُل گهر جي جاءِ کي پوريءَ طرح نوڙائي پٽ ڪيو پوءِ سوچيل رٿا مطابق اڏاوت ڪرائي ماءُ جي نالي ڊالي ناري شالا ۽ اُديوگ شروع ڪيائين. اُتي گهرجائو ڇوڪرين ۽ زائفائن کي سلائي سيڪاري سلائي مشين ڏيئي ريڊيميڊ گارمينٽس تيار ڪري مارڪيٽ ۾ سپلاءِ جو ڪم شروع ڪيائين. گُل فقط مالي مدد ڪئي باقي سڀ ڪم زائفون خود ڪنديون هيون. ڪيترين ئي زائفن کي روز گار ملي ويو.

اِن ڪم مان فارغ ٿي وري گُل خوشبو گڏجي پنهنجي آئيندهہ بابت ويچار ڪرڻ لڳا. ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ طيءِ ڪيائون تہ ڪوچنگ ڪلاس ئي پوريءَ طرح پروفيشن بڻائجي. نوڪريءَ مان ٻنهين اِستيعفا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي ڇڏي.

ڪوچنگ ڪلاس ۾ سڀ کان وڏي دقت هئي سهوليت واري جڳھ نہ هئي. اِسڪول ڪاليجن جي موڪل شروع ٿي تہ گُل ٻنهين فليٽن جي وچ واري ديوار ٽوڙائي ٻنهين کي هڪ ڪيو. ٻيو بہ بدلو ڪري ڪوچنگ ڪلاس کي هڪ وڏي هال ۾ تبديل ڪيو. سٽنگ ارينجمينٽ بہ ڪمفرٽيبل ٺهرايائين. پورو هال ايئر ڪنڊيشن ڪرايائين. ٽائلٽ وغيره جي سهوليت تہ اڳ ئي هئي. اِسٽاف بہ ايڪسپرٽ ۽ ڪميٽيڊ ٽيچرس رکيائين.

نئين سيشن ۾ بهتر سهولينن جي ڪري اسٽوڊنٽس خود بہ خود اچڻ لڳا. ڪوچنگ ٻن شفٽن ۾ هلڻ لڳي. صبوح واري شفٽ گُل سنڀاليندو هو، خود بہ پڙهائيندو هو. شام واري شفٽ خوشبو سنڀاليندي هئي.

اِمتحان ٿيا، رزلٽ آيو. گُل اِنسٽيٽيوٽ جو بهترين رزلٽ آيو. ڪيترا اِسٽوڊنٽ ميرٽ ۾ آيا. ڪوچنگ اِنسٽيٽيوٽ مشهور ٿي ويو. نئين سيشن ۾ ائڊميشن وارن جي لائين لڳي ويئي. وڏيل فِي جي باوجود اِسٽوڊنٽس جو اچڻ جاري هو. جڳھ پوري پرجي وڃڻ تي ائڊميشن بند ڪرڻي پين. گُل خوشبو بلڊنگ جي ڪرائي کانسواءِ پگهار ڪڍندا هئا. ٻين ٽيچرس کي بہ سٺي پگهار ڏيندا هئا. باقي بچيل رقم مينٽينس ۾ خرچ ڪندا هئا. گُل کي ڀرپور ڪمائي ٿي رهي هئي. گُل خوشبو کي آمدنيءَ مان سنتوش هو.

گُل خوشبو رات جو ڊنر تي وينا هئا. ڊنر پورو ڪري اُٿڻ کان اڳ خوشبو پڇيس، ”هاڻي؟“

گُل چيس، ”اينف، وڌيڪ ڪجھ بہ نہ.“

خوشبو سوال دهرايو، ”هاڻي؟“

گُل خوشبو ڏانهن نهاريو، خوشبو جون اکيون پُڇي رهيون هيون. گُل چيس، ”هاڻي شادي ڪرڻ گهرجي. منهنجي پريوار ۾ تہ ڪير رهيو ناهي. اِها ذميواري تنهنجي ممي ڊئڊيءَ کي نڀاهڻ گهرجي.“

”ضرور نڀاهيندا. ليڪن احمدآباد، ڀوپال، دهليءَ ۾ توهان جا ڪٽنبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، اُهي تنهنجي طرفان ڏيندا نہ؟“

”خوشبو آءٌ ڪوئي گوڙ گهمسان نٿو چاهيان. شادي سادگيءَ سان لميٽيڊ ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ آريہ سماج مندر ۾ ويدڪ ريتيءَ سان ٿيندي. پوءِ ٻہ پارٽيہ پرمپرا موجب ٿيندو.“

”بهتر آهي، سياڻي هلي ممي ڊئڊيءَ سان ملون. آءٌ چاهيان ٿي توهان روبرو ڀوپال، احمدآباد ۽ دهليءَ وچي پنهنجن ناناڻن، ڏاڏاڻن کي نيند ڏيئي اچو. جيڪي آيا، سڀ اِنتظام ٿي ويندو.“

”آءٌ چاهيان ٿو، شادي ۾ فقط خوشبو ملي، اهڙو ڪجهہ نہ ملي جيڪو آءٌ برداشت نہ ڪري سگهان.“

”آءٌ جيڪي ڪجهہ پيڪن مان کڻي آئي هيس. وڌيڪ ڪجهہ آڻڻو نہ آهي. آءٌ هتان ئي تيار ٿي توهان سان گڏ شاديءَ جي منڊپ ۾ هلنديس. زيور مميءَ ڏاڏيءَ جا ڏنل پيا آهن. مونکي زيورن جو ڪوئي شوق بہ ناهي. ڪجهہ ڪپڙا ضرور وٺڻا پوندا. ڪجهہ توهان بہ سبائجو.“

”ٺيڪ آهي، ڪئلينڊر ڏسي ڪجهہ لڳاتار موڪلون ڏسي شاديءَ جي تاريخ پڪي ڪر.“

”هني مون لاءِ موڪل تہ وٺڻي پوندوَ نہ؟“

”مانڊو هلنداسين، هڪ ڏينهن ڪافي آهي.“

”مانڊو بهتر جڳهہ آهي. هر پريمي جوڙي کي مانڊو ضرور وڃڻ گهرجي.“

رتا موجب گُل خوشبو شاديءَ جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي ويا. ٻئي گُلن سان سجايل سُهاڳ جي سيج تي ويٺا هئا. گُل جي من ۾ خوشي نہ هئي. چهري تي اُداسي جهلڪي رهي هئس. خوشبو پڇيس، ”هيءَ اُداسي ڇا لاءِ؟“

گُل پريل گلي سان چيس، ”اڄ ممي پپا، ڏاڏو ڏاڏي ياد اچي رهيا آهن. ڏاڏي سائينءَ جي ڪيتري نہ چاهنا هئي منهنجي شاديءَ بابت.“

”اُداس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. مان ٻنا شاديءَ جي ئي نونهن ٻڻجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتري ٿي سگهي سندن شيوا ڪئي ۽ سندن ارمان پورا ڪيا. سندن ڪائي خواهش اڌوري نہ رهي.‘‘

’’خوشبو، آءٌ تنهنجو شڪر گذار آهيان، تو پنهنجو ٿي نہ منهنجو بہ فرض نباهيو. تون اگر ضد ڪري مونکي گهر نہ وٺي هلين ها، تہ ممي دروازي ۾ اڪيون پاڻي منهن ڏسڻ جي آس پياس دل ۾ دبائي هلي وڃي ها. آءٌ سڄي عمر پڇتاو جي آگہ ۾ جلندو رهان ها.‘‘

’’هائي؟‘‘

گُل خوشبو ڏانهن نهاريو. پهريون دفعو ڪيس پتنيءَ جي روپ ۾ ڏٺائين. سندس چهري ۾ نکار اکين ۾ خمار، چپن ۾ پياس هئي. گُل ٻانهون ڦهلايون. خوشبوُ گُل ۾ سمائجي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستو،

اُهو وقت گذري ويو جڏهن هر عمر جي پاٺڪن (مرد چاهي زائفون) ۾ ڪتاب پڙهڻ جو جنون هوندو هو. ڪتاب خريد ڪري پڙهندا هئا. هاڻي مفت ۾ مليل ڪتاب پڙهڻ وارن جو تعداد محدود ٿيندو ٿو وڃي. اِها حالت فقط سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو نه آهي. هنديءَ جو به لڳ ڀڳ ساڳيو حال آهي.

سنڌي ليکڪن سان دقت اِها آهي جو خبر نه آهي ته ڪير سنڌي لپيءَ ۾ پڙهي ڄاڻي، ڪير نه ڄاڻي.

توهان کي گذارش آهي اگر توهان وٽ ڪوئي سنڌي ڪتاب اچي ٿو ته اُن کي پڙهي ڪري ٻين پڙهڻ وارن کي ڏيو. اگر ڪوئي سڄڻ ڪتاب گهرائڻ چاهي ته اُن کي ليکڪ جي ائڊريس ڏيئي سمپرڪ ڪرڻ لاءِ چئو.

مهرباني.

- امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاننڊ ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـوِ، چـالاءِ ۽ ڪيئنئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book